شايد سچ هجي

(ڪهاڻين جو مجموعو)



گوپ گولاڻي

شايد سچ هجي

(کهاڻين جو مجموعو)

ليکڪ :

گوپ گولاڻي

(انڊور)

ليکڪ وٽان:

اِنسان صرف هڏ ۽ ماس جو ٺهيل ناهي. هن وٽ دل به آهي، من به آهي ته بُڌي به آهي. دل سان هوُ چاهيندو رهي ٿو، من سان هوُ سوچيندو رهي ٿو ۽ بُڌيءَ سان هوُ نرڻيه ڪندو رهي ٿو. جيستائين اِهي ٽيئي اوزار گڏجي ڪم ڪن ٿا، اوستائين ته ٺيڪ آهي، ليڪن ٽنهي جي يڪمشتگي ورلي اِنسان ۾ نظر ايندي آهي. جيڪڏهن ڪنهن ۾ اُها آهي ته اُهو اِنسان مُني آهي يا يوگي آهي.

ليڪن عام اِنسان، جنهن جي دل ، من ۽ بُڌي الڳ الڳ دشائن ۾ ڪم ڪن ٿا سو ڪڏهن ڀلاين جي هٻڪار ڏي ٿو ته ڪڏهن براين جي درڳنڌ به ڏي ٿو. الڳ الڳ حالتن ۾ هوُ الڳ الڳ نموني جو وهنوار ڪري ٿو. هن ڪتاب ۾ ڏنل ڪهاڻين جا ڪردار به عام اِنسان آهن، جي بُرا به آهن ته ڀلا به آهن. در اصل زندگي ڀلائيءَ ۽ برائيءَ جو گڏيل روپ آهي، جو اسان کي سويڪارڪرڻو پوندو.

منهنجون هي ڪهاڻيون وقت به وقت سنڌي رسالن ۾ ڇپجنديون پئي رهيون آهن، جن کي گڏ ڪري هن ڪتاب ۾ پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، جنهن لاءِ مونکي بيحد خوشي ٿي رهي آهي. اُميد آهي ته پاٺڪ هيءَ پيت قبول ڪندا ۽ پنهنجي رايي کان بي خوف ٿي واقف ڪندا ته مان سندن بيحد شڪرگذار رهندس.

گوپ گولاڻي

"SHAAYAD SACH HUJE"

(Kahaniyun Jo Majmuo)

Author © & Publisher	:	**Gope Golani** F H / 202, Scheme 54, Vijaynagar, Indore - 452 010 Tel.: 0731 - 2556620
Year of Publication	:	Dec, 2013
Type Setting by Printers	:	Sudha Offset Printers & Graphics 25, 1st Floor, Prince Market, Furniture Bazar, Ulhasnagar- 421 003. Tel. No. 0251 - 2560465
Edition	:	1st
Copies	:	500
Price	:	₹ 100
Cover Design By	:	Prof. Lachhman Hardwani

This Book has been published with financial help from Sindhi Sahitya Academy, Bhopal (M.P.)

ڪھاڻيون گھڻن ئي قسمن جو ٿينديون آھن. مثلن پنگتي، سياسي، تواريخي، وئگيانڪ، انساني رشتن ۽ من جي ڪومل ڀاونائن ۽ تن ۽ من جي سنبنڌن، سنويدنا جو اِظھار ڪندڙ... انھن ڪھاڻين جي پيشڪش ۾ اُٿل ڪھڙي بہ ٿي سگھي ٿي. ڪھاڻين جا نمونا بہ ڌار ڌار ٿي سگھن ٿا جھڙوڪ : لنبي ڪھاڻي، مِني ڪھاڻي، لگھو ڪھاڻي، اَڪھاڻي، نئين ڪھاڻي، پر ڪھاڻي ھر حالت ۾ ڪھاڻي ئي آھي، چاھي ان جو لباس ۽ قد بُت ڪھڙو بہ ھجي. ۽ موجودہ دور ۾ ڪھاڻي ئي ادب ۾ سڀ کان وڌيڪ لوڪپريہ صنف آھي. اِھوئي سبب آھي جو ڪھاڻيءَ جا لکندڙ بہ وڌيڪ آھن تہ ڪھاڻيءَ جا پڙھندڙ بہ. اڄ جڏھن ڀڄ - ڀڄان واري زندگيءَ ۾ وقت جي بيحد کوٽ آھي تہ ادب جا چاھڪ ننڍيون ڪھاڻيون پڙھي پنھنجي پياس ٻُجھائن ٿا. انھن کي ايترو وقت ڪونھي جو ھؤ ٿلھا ناول، خشڪ مضمون، عجب وَ غريب ناٽڪ يا جي بي معنيٰ شعر پڙھن.

سنڌي ادب ۾ بہ جھجھي تعداد ۾ ڪھاڻي نويس آھن. اسان وٽ اِئين بہ آھي تہ ھڪ ئي ليکڪ ڪھاڻي نويس، ناول نويس، ناٽڪ ڪار ۽ شاعر آھي، يعنيٰ تہ ''آل اِن ون.'' پر پوءِ اھي ڪنھن بہ صنف جي پنھنجي رچنا سان پورو اِنصاف نہ ڪري سگھندا آھن. پر شڪر آھي تہ ھنن ڪھاڻين جو ليکڪ گوپ گولاٽي صرف ڪھاڻي نويس آھي. (شايد سندس ھڪ لنبي ڪھاڻي ناول جي روپ ۾ شايع ٿي چڪي آھي.)

پاڻ کي لڳندو ھوندو تہ گوپ گولاٽي شايد ڪو نئون ليکڪ آھي، جنھن سنڌي ادب ۾ تازو ئي قدم رکيو آھي، پر نہ گوپ جھونو جوڳي آھي. شروعاتي دور ۾ ھن چڱو لکيو ھو. مون کي ياد آھي تہ جبلپور مان ڪنھن زماني ۾ شايع ٿيندڙ سنڌيءَ جي ھڪ ئي معياري ۽ رنگين مخزن

مهاڳ:

ننگي سچ جون ڪهاڻيون

• لڇمڻ ڀمياڻي

”امان مونکي آکاڻي ٻڌاءِ نه !“

”ناني، اڄ اسان کي پريءَ ۽ راڪاس جي ڪهاڻي ٻڌاءِ !“

”ها، ڪلهه ڏاڍو مزو آيو هئو....“

ڏاڏين ۽ نانين سان ڪُڏن تي ۽ ڪليل پڌرن تي رات جو اسان ٻار ڪهاڻيون ٻڌڻ جو ڪيترو ڪندا هئاسين ۽ رات جو سپنن ۾ راجائن، راڻين، راجڪمارين، پرين ۽ راڪاسن جون ڪهاڻيون ڏسندي ڪڏهن مرڪندا هئاسين ته ڪڏهن ڇرڪندا هئاسين. تورا وڏا ٿياسين ته گل قل، قلواڙي، چندا ماما، نندن ۽ پراگ جهڙيون ٻال پترڪائن کي چنبڙي پوندا هئاسين ۽ مخزن جو هڪ هڪ اکر ڏيان سان پڙهندا هئاسين. شايد هڪ ليکڪ جي اِهائي پيڙه يعنيٰ رچناتمڪتا جو بنياد هوندو هو.

درحقيقت ’ڪهاڻي‘ لفظ جو آڌار هنديءَ جو ’ڪَهنا‘ اکر آهي. سنڌيءَ ۾ ’ڪَهنا‘ کي ’چوڻ‘ چئي سگهجي ٿو. انساني،من ۾ هزارن خيالن جي اُٿل پٿل متل هوندي آهي. انهن کي اکري روپ ڏيئي، لکڻ يا ڳالهائڻ سان من جي انهن ڀاونائن جو اظهار ٿئي ٿو. ادب جي هر شاخ جي پيڙهه ”من جي نندي ڪهاڻي“ هوندي آهي، پوءِ چاهي ان کي وڏائي ناول ڪيو يا ان کي ناٽڪ يا فلم جي اسڪرپٽ جو روپ ڏيو، شعر يا گيت جي معرفت گُنگنايو يا ان جي آڌار تي ڪو مضمون يا ليک لکو..... آهن سڀئي ڪهاڻين جا الڳه الڳه روپ.

کي شرمسار ڪندڙ آهن.

گوپ پنهنجي ڪهاڻين ۾ 'پريم' جي مختلف جذبن جي باريڪيءَ سان بيان ڪيو آهي. 'شايد سچ هجي' جي سيما ۽ اجيہ جي دلين جو گهرو پيار، 'سنيهہ جو سمنڊ' جي پتورتا ناري راڌا جي پتيءَ لاءِ پيار، 'پيار جو قرض' ۾ ڪوشيءَ جو پنهنجي ڇڏيل مڙس لاءِ دل ۾ تڙڦندڙ پيار، 'جرم ۽ سزا' جي ڪچيءَ عمر واري ڇوڪريءَ سيل جي اندر ۾ لڪل اٿاهہ سنيهہ.. انهن ڪردارن جي من ۾ پيهي، گوپ پريم جي هڪ نئين روپ کي اُڀاريو آهي، اهڙو پريم جيڪو پويتر آهي، نسوارٿ آهي ۽ دل جي گهراين ۾ دائم قائم آهي. 'جرم ۽ سزا' ۾ سيل جو گهوٽ جڏهن سيل جي پريميءَ کان سندس پريم ڪهاڻي ٻڌي ۽ سندس دلي اڇا جاڻي-تہ مرڻ کان اڳہ جيڪڏهن سيل سان هڪ دفعو بہ ملي سگهان تہ پنهنجو جيون سڦلو پائيندس-هن کي آڇ تو ڪري تہ منهنجي گهر هلي منهنجي پتنيءَ سان گڏج، اُها ئي سيل آهي تہ سچ پچ هڪ پيرو تہ پاڻ بہ ڪهاڻيءَ جي ان موڙ تي تعجب ۾ پئجي وڃي ٿو ۽ اِهائي ڪهاڻيءَ جي ڪاميابي آهي.

'پوڄا' ۽ 'سپني جو سچ' سماج جي انهن غريب، مظلوم ۽ معصوم ٻارن جون ڪهاڻيون آهن جيڪي بک ۾ پاهہ تي رهيا آهن. 'بلئڪ باڪس' ۽ 'ننگو سچ' جون ناريون پاڻ کي ضابطي ۾ رکڻ واريون اُهي پتنيون آهن جيڪي ڪنهن بہ قيمت تي پنهنجي گرهستي ڦٽائڻ نٿيون چاهن. 'وڪيل ڪرمچند'، 'گهوشٽاپتر'، 'پاروتي اخبار' ۽ 'نياڻيءَ جي شادي' ذائقو بدلڻ واريون ساڌارڻ ڪهاڻيون آهن، جيڪي لس ئي لس پڙهي سگهجن ٿيون. 'توهين جينيس آهيو' ڪهاڻي سيني سنڌين جي ڪهاڻي آهي، جنهن ۾ سنڌي ڪردار کي اونچو درجو ڏنو ويو آهي.

’نئين زندگي‘ جي سمپادڪ پروفيسر راڌا ڪرشن ڳرناڻيءَ جو هوُ ٻانهن ٻيلي هو ۽ مخزن جو لڳ ڀڳ سمورو ڪم ڳوپ ئي سنڀاليندو هو. پر پوءِ بئنڪ ۾ نوڪري جي جوابداريءَ ڪري هوُ ادب کان پاسيرو ٿيندو ويو ۽ رٽائرمينٽ بعد جڏهن هو واندو ٿيو تہ وري ادب جي ساگر ۾ پراڻي اُمنگ ۽ اُتساهہ سان ٽپي پيو آهي.

ڳوپ جي هن مجموئي ۾ گيتا جي ارڙهن اڌيائن وانگر ارڙهن ڪهاڻيون آهن. (ٽي ڪهاڻيون پوءِ ڳڏيون ويون آهن.) گوناگون وشين تي لکيل هنن ڪهاڻين ۾ شخصي، ڪٽنبي، ٻال منو وگيان، پريم، حسد، ايرکا، آتم شناس جهڙا موضوع شامل ڪيا ويا آهن. ليکڪ پنهنجي آس پاس جيڪو ڏٺو، ٻڌو يا محسوس ڪيو، ان کي پنهنجي قلم سان ڪاغذ تي اُتاريو آهي. پر صرف ڪاغذ ڪارا ڪرڻ سان ئي ڪا سٺي ڪهاڻي ڪونہ ٺهندي آهي. ڪنهن ڳالهہ کي ’محسوس ڪرڻ‘ ۽ ان کي ’لکڻ‘ ٻئي هڪ ٻئي سان ڳنڍيل آهن. پر ڏسڻو اِهو آهي تہ اُها ڳنڍ ٻڌجڻ کان پوءِ ڪهڙي چيز ٻڻجي پاٺڪ جي سامهون ٿي اچي.

”تناتني“ ۽ ”نوڪري“ ڪهاڻين ۾ مائٽن جو ٻارن لاءِ اٿاهہ موهہ جو جذبو ٿو ڏسجي. هڪ ساڌارڻ عقل واري نوجوان پٽ لاءِ بئنڪ جو آفيسر پنهنجي جيون جو انت ٿو چاهي تہ پوٽيءَ جي موهہ ۾ قاتل ڏاڏي بہ گهٽي موهہ سبب بسترو پڪڙي ٿي وهي. سندس موُت ڪري زال ۽ مڙس جي تناتنيءَ جو ڪارڻ ختم ٿي ٿو وڃي.’تناتني‘ ڪهاڻيءَ جو اِهو منووگيانڪ انت دل کي آٿت ڏيندڙ آهي. ’ويچاري بنٽو‘ هڪ اهڙي نياڻيءَ جي ڪهاڻي آهي، جيڪا سٺي طعام جا بہ گرهہ کائڻ لاءِ سڪي ٿي، پر بي‌رحم سماج اوچ-نيچ جي جاتيواد جي چڪر ۾ هن کي محروم ٿي ڪري ڇڏي. سماج ۾ اڃا بہ اهڙيون ريتيون رسمون آهن جيڪي انسانيت

فهرست

گوپ جي هنن ڪهاڻين جي لکڻي پختي آهي، تز سنڌي استعمال ڪئي ويئي آهي. اڄڪلهہ جڏهن گهڻا ليکڪ انگريزي يا هندي ۽ مڪاني ٻولين جا اکر ڪتب آڻن ٿا، اُتي گوپ نج سنڌي لفظ ئي ڪم آندا آهن، جنهن ڪري ڪهاڻين ۾ سهج روانگي آهي. ڪيترن هنڌ پهاڪا ۽ چوڻيون ٻہ ڪم آنديون اٿائين، جنهن سان ٻوليءَ جي سونهن وڌي آهي. ڪردار جي سڃاڻپ جو هيءُ اندازو ڏسو- ”مون ڏٺو تہ هو وچواري قد جو هو، رنگ جو صاف ۽ اُجرو ، وارن ۾ وچ تان سينڌ نڪتل، اکين تي سنهي فريم وارو چشمو، خطن وٽان اڇا وار ۽ عمر موت ڪاڌل ٿي لڳو......“ ان مان ظاهر آهي تہ ليکڪ وٽ سنڌي اکرن جو ڀرپور خزانو آهي.

ڪهاڻين جي ڪردار نگاري بيحد اثردار آهي. ڪردار وَرَ وَرَ ڪري پاڻکن کي پيا اشارا ڪن تہ اچو، اچو، اسان کي پڙهو. اچو تہ اسان توهان کي ڏيکاريون تہ موجوده سماج ڪهڙي آهي، ٻاهران ٺاٺ ٻاٺ واري، اندران کوکلي، نيتائن جي ڪٿني ۽ ڪرڻيءَ ۾ وڏو فرق (گهوشٽاپتر)، چهري مٿان نقلي چهرا، ڪوڙي مشڪراهٽ، ڍونگ ڀريا ٻول... سچ کي همٿ ۽ ساهس سان پيش ڪرڻ هڪ سچي پاٺڪ جو فرض آهي ۽ مون کي خوشي آهي تہ گوپ گولاڻيءَ ان ڏس ۾ پنهنجو فرض نڀائي هڪ سچو ليکڪ ثابت ٿيو آهي.

لڇمڻ ڀمڀاڻي

ڏياري،
13 نومبر 2012 ع
جئپور

”تناتني“

اَڄ بہ ديپوُ بنان نيرن ڪرڻ جي آفيس هليو ويو. اَڄ بہ ساڳيءَ ڳالهہ تان مئنا سان بحث ٿيو هوس جا ڳالهہ ڪيترن سالن کان ٻنهي جي وچ ۾ ناسازيءَ جو ڪارڻ بڻجي چڪي هئي. مئنا ڪَهڙو ئي ديپوُ کي چيو تہ نيرن تيار آهي، ليڪن ديپوءَ ٻڌو اڻٻڌو ڪري ڇڏيو ۽ مُنهن سُڄائي ٻڙ ٻڙ ڪندو گهر مان ٻاهر نڪري ويو.

مئنا ۽ ديپوءَ جي شاديءَ کي پنج سال ٿي چڪا آهن. ديپوُ سرڪاري آفيس ۾ وڏي عهدي تي آهي ۽ سٺي پگهار آڻيندو آهي، اِنڪري مئنا کي ڪافي ڪواليفائيڊ هوندي بہ نوڪري ڪرڻ جي ضرورت نہ پيئي آهي. هنن ٻنهي جو هڪ ٻي سان بيحد پيار ڀريو ورتاءُ آهي ۽ گهر گرهستيءَ جي گاڏي وڏي آرام سان هلي رهي آهي. بس، هڪ ئي ڳالهہ ٻنهي جي جيون ۾ اڙچڻ بڻجي آئي آهي، جنهن کي هوُ ٻئي اڃ تائين بہ دور نہ ڪري سگهيا آهن. ٻنهي جي اِن ڳالهہ تان اڪثر لفظي تناتني ٿي پوندي آهي ۽ پوءِ ڪجهہ ڏينهن لاءِ هوُ هڪ ٻئي کان دور ٿي ويندا آهن. ان تناتنيءَ جو مکيہ ڪارڻ آهي مئنا جي ڏاڏي، جنهن کي پيار سان هوءِ دادي چوندي آهي.

ٿيندو اِئين آهي تہ ديپوُ جڏهن گهر مان تيار ٿي آفيس لاءِ روانو ٿيندو آهي تہ مئنا بہ ساڻس پيڪي گهر وڃڻ لاءِ تيار ٿي ويهندي آهي ۽ شام جو ديپوءَ جي واپس اچڻ کان اڳ ئي پنهنجي گهر پهچي ويندي آهي . هيءَ ڪا هڪ اَڌ ڏينهن جي ڳالهہ ناهي. هيءَ تہ روز روز جي ڳالهہ آهي جو مئنا پنهنجي پيڪي گهر هلي ويندي آهي، ايتري قدر جو آرتوار ۽ ٻين موڪلن تي بہ هوءَ پيڪي وڃڻ نہ گسائيندي آهي. نئين نئين شادي هئڻ ڪري پهريائين تہ ديپوُ خود ئي کيس پيڪي گهر ڇڏيندو آفيس هليو ويندو هو ، پر هاڻي هوُ بہ ٿڪجي پيو آهي، ليڪن مئنا جو وڃڻ اَڃا بہ بادستور چالو آهي.

مئنا هڪ وچولي درجي جي ڪٽنب ۾ ڄائي ۽ نپني آهي. سندس ماءُ پيءُ ٻئي نوڪري ڪندا آهن ۽ مئنا سندن اڪيلو ۽ سڪيلڌو

وجهي، متان هوءَ نہ ڪري وجهي. ڪڙي نگاهہ رکڻ ڪان پوءِ بہ ڪڏهن ڏس تہ پاڻيءَ جو نلڪو کولي ڇڏيندي، ڪڏهن ڏس تہ ڪپڙا لاهي هيٺ ڦٽا ڪري ڇڏيندي ۽ ڪڏهن ڏس تہ بالٽيءَ ۾ هٿ وجهي پنهنجو فراڪ آلو ڪري ڇڏيندي. شام جو مئنا جا ممي ۽ پپا جڏهن آفيس مان موٽندا هئا تہ ڏاڏي ساڻن مئنا جي حرڪتن جي شڪايت تہ خوب ڪندي هئي ليڪن ان شڪايت ۾ خوشيءَ ۽ فخر جو احساس وڌيڪ هوندو هو، شڪايت جو گهٽ.

مئنا جڏهن اسڪول وڃڻ لڳي پوءِ تہ ڏاڏيءَ لاءِ چڻ شامت اچي وئي. ڪيس سنڀرائي اسڪول موڪلڻ جو سؤلو ڪم نہ هو. مئنا وَرَ وَرَ ڪري وڃي لڪندي هئي، ڪڏهن پلنگ جي هيٺان تہ ڪڏهن دروازي جي پنيان تہ ڪڏهن اسٽور روم ۾ . ڏاڏي ڪيس ڳولهي ٿڪجي پوندي هئي. مشڪل سان سنان ڪرائيندس تہ فراڪ پائڻ تي گهپي شروع ٿي ويندي، هيءَ نہ پلا هوءَ، فراڪون مٽائيندي مٽائيندي بس اچڻ جو ٽائيم پرجي ايندو ۽ پوءِ وڏي مشڪل سان سٽون پرينديي وڃي ڪيس بس ۾ ويهاري ايندي ۽ اچي سامت جو ساهہ کڻندي .

جيئن جيئن مئنا وڏي ٿيڻ لڳي، تيئن تيئن ڏاڏيءَ جو موهہ ۽ ممتا بہ مئنا ۾ وڌڻ لڳي. ڏاڏي اِئين سمجهڻ لڳي هئي تہ مئنا سندس پوٽي نہ مگر سندس ئي جگر جو ٽڪر هئي؛ جنهن بنان هوءِ ڪداچت رهي نہ سگهندي. مئنا کي ڪڏهن ڪو هلڪو بخار، کنگهہ ٿيندس تہ ڏاڏي سڄو گهر مٿي تي کڻي ڏيندي، ويچ پنيان ويچ پيا ايندا رهندا. يا تہ جهٽ وڃي پائي صاحب ڪان ڌاڳو پڙهائي ايندي ۽ اچي مئنا جي ٻانهن ۾ ٻڌندي. ڪڏهن اسڪول مان موٽڻ ۾ دير ٿي ويندس تہ پيئي ٽيچر کي فون متان فون ڪندي ۽ جيستائين اسڪول جي بس گهر جي ٻاهران گهٽيءَ ۾ پهچي پهچي تيستائين پيئي گهٽيءَ ۾ ڦيرا پائيندي. مئنا جا ممي ۽ پپا ڏاڏيءَ کي گهڻو ئي سمجهائيندا هئا تہ هن لاءِ ايتري ممتا نہ وڌائي، ڇو تہ مئنا آخر بہ تہ مئنا آهي جا هڪ ڏينهن پنهنجي گهر جي آکيري مان ساهري گهري اُڏري ويندي، ليڪن ڏاڏيءَ تي ڪوبہ اثر ٿيڻ وارو ڪونہ هو. مئنا سندس جيون جو

ٻار آهي. ننڍي هوندي جڏهن هوءَ ٻئي آفيس هليا ويندا هئا ته
جي سار سنڀال جي سموري ذميواري سندس ڏاڏيءَ مٿان هئي.
بس ٿڃ پيارڻ جو ئي ڪم ڪندي هئي، باقي ٻيو سڀ ڪم ڏاڏيءَ
مٿان ئي هو. ٻار کي ٽائيم سان وهنجارڻ، تيل مالش ڪرڻ،
سرمو ڪرڻ، ٻار جا ٻاروتا ڌوئڻ، چڊيون ۽ چولا سڪائڻ، ٻار جي ٻي
صفائي، هي سڀ ڪم ڏاڏيءَ لاءِ هئا. ايتري قدر جو مئنا اجان مه
ڏيڊ جي ئي مس هئي ته ڏاڏيءَ سان ڳڏ سمهندي هئي.

ڏاڏيءَ جو سڄو ڏينهن مئنا جي سنڀال ڪرڻ ۾ هليو ويندو
ليڪن هن ڪڏهن به خفا ٿيڻ جي ڪا ڏيکاري ڪونه ڏني. هٿان سن
زندگيءَ ۾ جو هڪ خال اچي ويو هو، سو پرجي ويو. مئنا جي جنم
هڪ سال اڳ مئنا جي ڏاڏي جو ديهانت ٿي ويو هو، جنهن سبب ڏا
هميشه پئي پاڻ کي اڪيلو سمجهندي هئي ۽ اِها اڪيلائي پهاڙ ج
ٿي ڪٽبي هئي، جڏهن مئنا جا مميءَ پپا آفيس هليا ويندا هئا. ليڪ
مئنا جي اچڻ سان ڏاڏيءَ جي ويران زندگيءَ ۾ ڄڻ نئين بهار ا
ويئي هئي. وقتي وقتي مذاق مذاق ۾ مئنا جي مميءَ کي مهڻو ڏي
ونندي هئي ۽ کيس چوندي هئي، ”مان ڪٿان اچي ڦاٿس، ڄڻيا
ڄڻا ۽ لنگهيندا مُنا! ماءُ هوندي به مان ويني ٻار جو ڪِنُ ڪچرو صا
ڪريان!“ ليڪن اُتي جو اُتي مئنا کي ڇُميون ڏيئي ونندي هئي
ته مئنا سندس ئي ڪُک مان جائي هئي.

مئنا جائي جم ڪان ئي بيحد چنچل سڀاوَ جي هئي. چو
آهن ته ڏنگو ٻار پينگهي ۾ ئي پڌرو! مئنا جائي ته اکيون ڦاڙي اِ
پئي نهاريائين ڄڻ ته سيني کي اڳ ڪان ئي سڃاڻندي هجي! ننڍ
ته نالو ئي نه. پلي روئندي نه به هجي، ليڪن جڏهن ڏسيس ته اکي
کليون پيون هوندس. ڏاڏي سيند سرمو ڪري بندڻ ۾ سمهاريند
مس ته گهڙيءَ بعد جاڳي پوندي. رات جو به پئي جاڳندي ۽ ڏاڏيءَ
سان پئي مطلب بي مطلب ڳالهيون ڪندي رهندي.

مئنا جڏهن ٿورو وڏي ٿي ۽ هلڻ چلڻ سکي ته ڏاڏيءَ لاءِ هٿا
ئي مصيبت وڌي ويئي. پيئي پنيان پنيان ڦرندس، متان هي نه ڪر

ديپوُ کھڙي بہ ڳالھہ سمجھڻ لاءِ تيار نہ هو. چيائين، ”هي کھڙو مذاق؟ جيڪڏهن تنهنجي ڏاڏيءَ جو توسان ايترو نيهن آهي، جو هوءَ توکان سواءِ رهي نہ ٿي سگھي، تہ پوءِ تنهنجي شادي ڇو پئي ڪيائون؟ ويھاري ڇڏن ها توکي ڏاڏيءَ جي شيوا ڪرڻ لاءِ.....“

مئنا چيو، ”دادي اڪيلي ٿي پيئي آهي.. ۽ اهو بہ تون ڄاڻين ٿو تہ اڄڪلهہ سندس طبعيت ٺيڪ نہ ٿي رهي.. ان حالت ۾ منهنجو وٽس وڃڻ ۽ سنڀال لهڻ بيحد ضروري آهي.“

ليڪن ديپوءَ رڙ ڪندي چيو، ”اِن جو اِهو مطلب تہ نہ آهي تہ تون ئي پنهنجو گھر ڇڏي وڃين سنڀال ڪرين! ڪا نرس بہ تہ رکي سگھجي ٿي سندس ديکڀال ڪرڻ لاءِ.“ ۽ مئنا کو جواب ڏئي ڏئي ان کان اڳہ ديپو گھر ڇڏي ڪاوڙجي هليو ويو.

مئنا کي حيرت ٿيڻ لڳي تہ ديپوُ هيءَ بيحد سؤلي ڳالهہ بہ ڇو ڪونہ ٿي سمجھي سگھيو؟ اِئين تہ ڪونہ هو تہ سندس ممي ۽ پپا کي ڏاڏيءَ لاءِ نرس رکڻ جي توفيق ڪونہ هئي. هوُ چاهين ها تہ ڏاڏيءَ لاءِ ڏهہ نرسون رکي ٿي سگھيا، ليڪن مئنا خود اِئين نہ ٿي چاهيو. سندس من ۾ بار بار اِهو احساس ٿيڻ لڳندو هو تہ جنهن ڏاڏيءَ هيٽريون تڪليفون سهي سندس‌ٻالپڻ کي نکاريو، جنهن سندس جوانيءَ کي صحيح راهہ ڏيکاري ۽ سندس جيون کي سنواري هڪ نئين روشني ڏني هئي، ان ڏاڏيءَ کي جڏهن زندگيءَ جي هن آخرين موڙ تي جيئڻ لاءِ ڪنهن ٻي جي مدد جي ضرورت هئي، تڏهن مئنا منهن موڙي ويهي رهي؟ رڳو انڪري تہ هاڻي سندس شادي ٿي چڪي آهي؟ شادي ڪرڻ سان پراڻا رشتا ڇا ٽٽي ويندا آهن؟ شادي ڪرڻ سان ڇا جيون جا فرض متجي ويندا آهن؟

هڪ دفعي مئنا ديپوءَ کي اِئين بہ سمجھايو هو تہ ڏاڏيءَ لاءِ نرس رکجي بہ ڪٿي تہ اُها ڇا ڪندي؟ نرس تہ ڏاڏيءَ کي صرف اُٿاري ويھاري سگھندي ۽ ٽائيم سان ڪيس دوائون ڏيئي سگھندي، ليڪن زندگي جيئڻ لاءِ ڇا صرف اِهو ئي ڪافي آهي؟ جيئڻ لاءِ جو پيار ڪپي، جا پنهنجائپ گھرجي، ڇا نرس ڏيئي سگھندي؟ سندس پاوناڻن

اٿمتجندڙ حصو بڻجي چڪي هئي.

ڏاڏيءَ جو هيءُ موهه به ڪو هڪ طرفو ڪونه هو. خود مئنا ج
ڏاڏيءَ سان اوترو ئي لڳاو تي ويو هو. ڪيس ڪجهه به کپندو هو
ڏاڏيءَ کان وڃي گهرندي هئي پل ته سندس ممي ۽ پپا سامهون و
هجن. اسڪول ۾ يا پوءِ ڪاليج جي وقت ۾ ڪابه اهم ڳالهه ٿيند
هئي ته مئنا اول اچي پنهنجي ڏاڏيءَ سان ڪندي هئي. ڪيتر
ڳالهين جي ته پنهنجي ممي ۽ پپا کي خبر پوڻ به ڪونه ڏيندي هئي
دل جو سمورو پيار ۽ غصو پنهنجي ڏاڏيءَ مٿان ئي لُٽيندي هئي
سندس ممي پپا به ان ۾ راضي هئا.

مئنا جڏهن شادي ڪري ساهري گهر هلي آئي ته ڏاڏيءَ ج
جيون ۾ ڄڻ گهور انڌڪار ڇائنجي ويو. پلي ئي شاديءَ جي وقت
ودائيءَ وقت ، هن مئنا جي مٿي تي هٿ رکي سوين آسيسون ڪيو
هيون، ليڪن شاديءَ جي ٻي ڏينهن ئي بيمار تي ڪٽ وٺي سمه
پيئي. سڄو ڏينهن گم سم، نه ڪجهه کائڻ جو چاهه، نه ڪجهه ڪ
ڪرڻ ۾ چستي، سڄو ڏينهن مئنا جي پچار. لاچار تي جڏهن مئنا ک
گهرايو ويو تڏهن وڃي سئين لڳين تي. بس، ان کان پوءِ ته مئنا ج
روز ڏاڏيءَ وٽ اچڻ جو نيم ناهي ڇڏيو.

ممي ۽ پپا جي آفيس هلي وڃڻ کان پوءِ ، مئنا روز ڏاڏيءَ وٽ
پهچي ويندي آهي. روز اچي ڪيس سنان ڪرائيندي آهي، سندس
ڪپڙا مٽيندي آهي ۽ ڪيس پنهنجي من پسنديءَ جو کاڌو ڪر
کارائيندي آهي. وقت سان ڪيس دوائون به وٺائيندي آهي. مطلب ت
مئنا اُهو سڀ ڪجهه ڪندي آهي جو هڪ ماءُ کي پنهنجي ڌيءَ لا
ڪرڻ گهرجي. ضرورت پوڻ تي ڪيس ڪو ڪتاب پڻ پڙهي ٻڌائيندي
آهي. ٻنهي جو هڪ ٻي لاءِ رول بدلجي چڪو آهي!

ديپوُ ڪيترائي ڀيرا ان ڳالهه تي اعتراض ڪيو هو. ڪيس مئن
جو هن طرح روز روز گهر ڇڏي پيڪي وڃڻ بلڪل ئي پسند نه هو
ليڪن ڪنهن نه ڪنهن طرح مئنا ڪيس سمجهائي راضي ڪري
ڇڏيندي هئي ۽ معاملو ڪجهه وقت لاءِ ٽري ويندو هو. ليڪن اڄ ت

”فرشتو“

اسپتال جي هڪ ڪمري ۾ پلنگ تي هڪ مريض بي سرت ۽ بيهوش ليٽيل هو. ڪيس ساهه کڻڻ ۾ بيحد تڪليف ٿي رهي هئي، جنهن ڪري ڪيس آڪسيجن تي ڏنو ويو. نرس گهڙيءَ گهڙيءَ اچي سندس تپاس ڪري ٿي وئي.ڊاڪٽرن جو چوڻ هو ته جيڪڏهن چوويهن ڪلاڪن ۾ مريض کي هوش نه آيو ته مريض جو بچڻ مشڪل هو.

نرس هڪ دفعو وري اچي مريض جي تپاس ڪئي ۽ مريض جو ٽيمپريچر ۽ بلڊ پريشر جاچي سندس چارٽ ۾ درج ڪيو: مريض بي سرت ۽ بيهوش هوندي به ڪافي ڪنجهيو ٿي ۽ رڪي رڪي ڪجهه چوڻ ٿي چاهيو جو ڪنهن کي به سمجهه ۾ ڪونه ٿي آيو. اچا هاڻي ئي پهريون دفعو سندس مُنهن مان ٿتل ٿتل اکرن ۾ ڪجهه نڪتو... ’پٽ سنتوءُ. تون ڪٿي آهين...‘ نرس جهٽ وڃي اِها ڳالهه ڊاڪٽر کي ٻڌائي ۽ ڪيس سڏي آئي. ڊاڪٽر به اچي مريض جي هڪ دفعو وري تپاس ڪئي. سندس خيال هو ته مريض پنهنجي پٽ کي ياد ٿي ڪيو ۽ جيڪڏهن سندس پٽ سنتو هڪ دفعو به سندس سامهون اچي وڃي ته مريض کي ڪجهه آرام ملي سگهي ٿو ۽ شايد مريض بچي به پوي. ليڪن سنتوءَ جو ڏس پتو نه ڪنهن وٽ هيو ئي ڪونه جو ڪيس سڏائي سگهجي.

در اصل مريض جي باري ۾ اسپتال وارن کي ڪابه ڄاڻ ڪونه هئي. مريض کي هتان جي لوڪ ڪلياڻ آشرم وارن کڻائي اچي داخل ڪرايو هو. هي آشرم هڪ خيراتي سنستا آهي جنهن جو مکيا شري برهم پرڪاش ڪالهه ساڳيءَ ٽرين ۾ الله آباد کان واپس اچي رهيو هو جنهن ۾ هي مريض پڻ سوار هو. ٽرين جڏهن اِسٽيشن تي پهتي ته هن ڏٺو ته هي مريض بيحد بخار سبب ڪنجهي رهيو هو ۽ سندس شرير آگ جيان جلي رهيو هو. برهم پرڪاش ڪيس ٽرين مان لهڻ لاءِ مدد ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، ليڪن اُن کان اڳ ئي هوُ بيهوش ٿي ويو ۽ سيٽ تي ڪري پيو. اسٽيشن تي ڪوئي به ڪيس وٺڻ ڪونه آيو هو ۽

ڪي ڇا نرس سمجهي سگهندي؟ هن ٻڍاپي جي چڙهيل عمر ۾ جـ
ڏاڏي اَسي کان ٻه مٿي چڙهي چڪي آهي، جڏهن ڪيس ساهه کڻـ
ٻه بيحد تڪليف ٿي رهي آهي ۽ جڏهن سندس شرير نبل ۽ ڪـ
بڻجي چڪو آهي، اهڙي وقت ڏاڏيءَ کي ڪنهن مزور جي نه
ڪنهن پنهنجي ساٿيءَ جي ضرورت آهي. ديپوءَ وٽ ان جو ڪـ
جواب ڪونه هو.

اَڄ ٻه جيئن مئنا سوچڻ لڳي ته ڪيس ديپوءَ تي غصو اچڻ
مئنا محسوس ڪيو ته ڀلي ئي سماجڪ ڍانچا بدلجي چڪا هـ
ليڪن عوٗرت اڄ ٻه غلام آهي. سندس ڀاونائن جو مڙد وٽ خير ڪو
آهي. مڙد اجا ٻه اُهو ئي صحيح سمجهي ٿو جو ڪيس صحيح لڳي
جڏهن جڏهن مڙد ۽ عورت جي وچ ۾ ويچارن جو متڀيد ٿيو آهـ
تڏهن عوٗرت کي ئي جهڪڻو پيو آهي ۽ عورت کي پنهنجا ويچار بدـ
مڙد جي ويچارن سان نهڪي هلڻ جي نوٗبت آئي آهي.

مئنا دروازو بند ڪري تالو لڳائڻ واري هئي جو ٽيليفون جـ
گهنٽي وڳي. مئنا موٽي اچي فون جو رسيور کنيو. فون مئنا جي ممي
جو هو. سندس آواز هراسيل هو. چيائين، ”ڪڪي تون جلدي جلدـ
هيڏانهن هلي اچُ...“ مئنا ڪائنس پڇيو، ”ڇو ڪهڙي ڳالهه آهـ
ممي.... تون آفيس ٻه ڪونه وئي آهين، سڀ ٺيڪ ته آهي.....“

مئنا جي ممي صرف ايترو چئي سگهي، ”ڪڪي تنهنجـ
دادي امان..... اسان کي ڇڏي هلي وئي... تون سگهو اچُ.....“

مئنا کي ڄڻ بجليءَ جو شاڪ لڳي ويو. سندس هٿن مان فو
رسيور ڪري پيو، ليڪن جلد ئي پاڻ سنڀالي دروازي کي تالو لڳايو
آٽو رڪشا ڪري پيڪي گهر ڏانهن نڪري پيئي. ويندي ويندي ڪيس
ڏاڏيءَ جي نه هجڻ جو غم بيحد ڀاري ڀاسجڻ لڳو، ليڪن ان کا
وڌيڪ ڪيس اِئين محسوس ٿيو ڄڻ سندس مٿي تان سؤ مڻن جو ٻـ
لهي ويو هجي ڇو ته هاڻي مئنا ۽ ديپوءَ جي وچ ۾ تڻاتنيءَ جو ڪار
دوُر ٿي چڪو هو.

٭٭٭٭

ان ٻاهر نڪري ويئي.
نوجوان ڇوڪرو اِئين ئي خاموش ٿي اُتي وينو رهيو ۽ اِئين ئي سڄي رات گذري ويئي. نہ نوجوان ئي پنهنجا هٿ ڇڏائي سگهيو نہ ري مريض ئي نوجوان جي هٿن کي آزاد ڪري سگهيو. ٽئون صبوح يو ۽ اسپتال جي ڊاڪٽرن جڏهن اچي هن مريض جي تپاس ڪئي تہ سڀ ڏندين آڱريون ڏيندي حيرت ۾ دنگ رهجي ويا. مريض نہ صرف ڏسڻ ۾ سرهو ٿي لڳو پر موت جي شِڪنجي مان پڻ آزاد ٿي چڪو هو. مريض جي صحت ۾ ايترو سڌارو ڏسي ڊاڪٽر نوجوان ڇوڪري کي مبارڪون ڏيڻ لڳا ۽ نرس کي آڪسيجن هٽائڻ جو آرڊر ڏيئي هليا ويا. نرس پڻ خوش ٿي چيو تہ اِهو سڀ سنتوءَ جي اچڻ ڪري ئي ٿيو هو جو سڄي رات مريض جي پير ۾ وينو رهيو ۽ هڪ پل لاءِ بہ ننڊ ڪون ڪئي هئائين.
ڊاڪٽرن جي هلي وڃڻ کان پوءِ نرس جڏهن هيڏي هوڏي نهاريو ۽ سنتوءَ کي شاباس ڏيڻ چاهي تہ کيس معلوم ٿيو تہ سنتو ڪمري ۾ هيو ئي ڪونہ. هوُ ڪڏهن ۽ ڪيئن ڪمري مان نڪري ويو تنهنجي نرس کي بنهہ ئي سڌ ڪونہ پئجي سگهي.
نرس ڪمري کان ٻاهر نڪري آئي ۽ ڏٺائين تہ سنتوُ دروازي جي ٻاهران جڻ تہ سندس ئي اِنتظار ڪري رهيو هو. نرس تعجب مان ڏانهس نهاريندي چيو، ”تون هت بيهي ڇا ڪري رهيو آهين؟ مريض کي ڏيري ڏيري هوش اچي رهيو آهي ۽ تنهنجو هن جي پرسان هجڻ بلڪل ضروري آهي جيئن هوُ توکي سڃاڻي سگهي. تون اندر هل، مان ڊاڪٽر سان ملي اچهو ٿي واپس اچان.“
نوجوان ڇوڪري ڪجهہ هٻڪندي نرس کان پڇيو، ”سسٽر، هي مريض ڪير آهي؟“
نرس ڏانهس عجب مان نهاريندي چيو، ”هي تون ڇا چئي رهيو آهين... هيءُ تہ تنهنجو پيءُ آهي نہ....؟“
”نہ سسٽر، مان تہ هن کي بلڪل ئي ڪونہ سڃاڻان.“ نوجوان بلڪل ئي سرل ڀاو ۾ جواب ڏنو.
”.... تہ پوءِ هيءَ سڄي رات هن جي پرسان ويهي ۽ هن جا هٿ

نہ ئي ڪا خبر تي پئجي سگهي تہ هو ڪير هو ۽ ڪيڏانهن ڪنهن
وڃڻ وارو هو. برهم پرڪاش ڪيس اسٽيشن تان کڻائي سڌو اسپتال
آندو ۽ اسپتال وارن کي چيو تہ مريض جو مڪمل علاج ڪن، جنهن
سمورو خرچ آشرم ڀريندو ڇو تہ آشرم هميشہ ئي بي سهارن جي سيوا
ڪرڻ لاءِ مشهور هو.

شام گذري ۽ رات ٽيڻ واري هئي، ليڪن مريض جي حالت
رتي ڀر بہ فرق ڪونہ آيو. هو اجابہ بي سرتيءَ ۾ وڦلي رهيو هو ۽
دفعي سنتوءَ جو نالو ٿي ڪنيائين.

اوچتو ئي اوچتو ڪمري جو دروازو کليو ۽ هڪ نوجوان ڇوڪري
دروازي تي بيٺي ئي اِئين ڏسڻ لڳو ڄڻ تہ ڪنهن کي ڳولهي
هجي. نرس هڪدم پنهنجي ڪرسيءَ تان ٽپو ڏيئي اُٿي ۽ تعجب
مان پڇيو، ”اڙي! تون اچي وئين؟“ ۽ ڪيس هٿ کان جهلي مريض
جي بستري اڳيان آڻي بيهاريو ۽ پوءِ پنهنجي ڪرسي سوري ڇوڪري
کي ويهڻ جو اشارو ڏيئي مريض جي ڪن ۾ وڏي آواز ۾ چيو،
”داداجي، هي ڏسو... اوهانجو سنتو اَچي ويو آهي... هي ڏسو
سندس هٿ پڪڙيو....“

ڇوڪرو ڪجهہ چوي چوي تنهن کان اڳ نرس مريض جو هٿ
ڇوڪري جي هٿن ۾ پڪڙائي ڇڏيو. مريض جو برف جهڙو ٿڌو هٿ
نوجوان ڇوڪري جي گرم گرم هٿن ۾ جڪڙجي ويو. نيم بيهوشيءَ جي
حالت ۾ مريض ڪجهہ سمجهيو بہ هوندو يا نہ، سو تہ چوڻ مشڪل هو
ليڪن هن بيحد مضبوطيءَ سان نوجوان جو هٿ پنهنجي هٿن ۾
پڪڙي رکيو.

نوجوان ڇوڪري هڪ دفعو نرس ڏانهن نهاري ڪجهہ چوڻ
چاهيو، ليڪن نرس پنهنجي چپن تي آڱر رکي کيس چپ ٿي ويهڻ
جو اشارو ڏيندي چيو، ”... آواز بلڪل نہ ڪر... ڊاڪٽر چئي ويو آهي
تہ تنهنجو مريض جي پرسان ويهڻ بلڪل ضروري آهي. ان مان ئي
مريض کي فائدو ملي سگهي ٿو ۽ شايد بچي بہ پوي... تون ويهہ تہ مان
ڊاڪٽر کي سڀ ٻڌائي ٿي اچان....“ ۽ ائين چوندي نرس ڪمري

”ويچاري بنتوُ“

هر سال جيان هن سال به پتر موکش اُماس تي کنيا پوڄ جو سمورو انتظام ڪرڻو هو، جنهن لاءِ لتا صبوح کان ئي تناوَ ۾ هئي. پنج نياڻيون ڪنيون ڪرڻيون هيون، اُنهن لاءِ قسمين قسمين جا سوادي طعام ٺهندا، کيرڻي به تيار ٿيندي ۽ پوڄن ڪرائڻ کان پوءِ دکشڻا ڏيئي نياڻين کي پيرين پئي کانئن موڪلائڻو هو. ڪم ڪار لاءِ لتا اڳوات ئي پنهنجي ڪم واري مائيءَ کي چئي ڇڏيو هو ته هونئن کان سويل پرو اچي ۽ پاڻ سان گڏ پنهنجي ننڍڙي ڌيءُ کي به پاڻ سان گڏ وٺي اچي، جو ته ننڍن ڪمن ۾ بنتو بيحد مددگار ثابت ٿيندي هئي. گذريل سال به ان ڪم لاءِ بنتوءَ کي گهرايو هئائين.

هي پنج ئي نياڻيون پيون نه بلڪ سندس ساهيڙين جون ڌيئر ئي هيون، جن کي لتا هڪ ڏينهن اڳوات ئي فون ڪري چئي ڇڏيو هو ته ٽائيم تي اچي پوڄن ڪن. لتا جي چئڻ ساهيڙين ته پنهنجين ڌيئرن کي موڪلڻ جي ’ها‘ ڪئي هئي، ليڪن هڪڙي نياڻي ڪونه ٿي اچي سگهي، ڇو ته ان ڇوڪرِ جا امتحان ٿي هليا. انڪري لتا صبوح کان ئي منجهيل ٿي لڳي. هن ٻين واقفڪارن ساهيڙين کي به فون تي چيو هو ليڪن ڪٿان به اجا ڪو خاطري جو جواب ڪونه مليو هو.

بنتوُ گذريل سال به هن موقعي تي ماءُ سان گڏ ڪم ڪرڻ آئي هئي. زندگي ۾ سوادي طعام ٺهندا ڏسي سندس وات پاڻي پاڻي ٿي ويو هو ۽ هڪ اڻ ڄاتل اميد سندس من ۾ جاڳي هئي ته ٻين نياڻين جيان جيڪر هن کي به اِهي سوادي طعام کائڻ لاءِ ملندا ! ليڪن سندس اميد هڪ حسرت بڻجي سندس دل اندر رهجي ويئي هئي. سڄو ڏينهن ڪم ڪرڻ کان پوءِ شام جو واپس وڃڻ وقت مالڪڻ وٽان ڪجهه بچيو کچيو مهربانيءَ طور مليو هوس، جو به گهر اچي پنهنجن ڀائرن سان ونڊي کاڌو هئائين.

لتا کي هيئن تناوَ ۾ ڏسي مسٽر ورما کيس سمجهائيندي چيو،

پڪڙي تو ڇا ويني ڪيو؟'' نرس حيرت مان سوال ڪيو.
''.... مون کي توهان ڀلي اچي ڪرسيءَ تي ويهاريو ۽ مان ڪ
چئي به نه سگهيس... مان ته پاسي واري ڪمري ۾ پنهنجي
دوست سان ملڻ آيو هوس.... خبر ناهي ڪيئن ويچار آيو ته ڏ
ته هن ڪمري ۾ ڪير آهي. مون جڏهن ليئو پائي ڏسڻ
ڪوشش ڪئي ته توهان اچي مونکي پڪڙيو... توهان ته منهن
ڪابه ڳالهه ٻڌڻ لاءِ تيار نه هئا......'' نوجوان ڳالهه ڪي ص
ڪندي چيو.

''.... ليڪن پوءِ به تون سڄي رات وينو رهئين... تو ه
دفعو به مونکان ڪونه پڇيو، نه ئي وري مونکي ٻڌايو ته تون سنتو
آهين.'' نرس چيو.

نوجوان مشڪندي چيو، ''هڪ دفعو اندر اچڻ سان،
ڪرسيءَ تي ويهڻ کان پوءِ مون محسوس ڪيو ته جيڪڏهن مري
جي اڳيان پٽ جو ناٽڪ ڪرڻ سان هن جي جان بچي پوي ته
۾ منهنجو ڪهڙو نقصان ٿيندو.... انڪري مون سڄي رات ڪج
به نه پڇيو ۽ چپ چاپ مريض جي اڳيان وينو رهيس.''

نرس حيرت مان نوجوان ڇوڪري ڏانهن نهاريندي ره
جڻ ته هن جي ڳالهه تي ڪيس اعتبار ئي ڪونه ٿي آيو. نوجوا
پنهنجي ڳالهه پوري ڪندي چيو، ''هاڻي جڏهن مان سمجهيو
هي ناٽڪ وڌيڪ نه هلي سگهندو ۽ مريض کي هوش به اچي ره
آهي ته مان چپ چاپ ڪمري مان ٻاهر هليو آيس.''

نرس اڃا به حيرت مان ڏانهس نهاريندي رهي ۽ نوجوا
جا ٻئي هٿ پنهنجي هٿن ۾ دٻائيندي چيو، ''تون ته فرشتو ٿي
آئين ۽ هن مريض جي جان بچائي ورتي، شل ايشور توکي وڏي
عمر بخشيندو.''

نواجوان پنهنجا هٿ ڇڏائي چپ چاپ اسپتال مان ٻاه
نڪري ويو.

(مرڪزي خيال ورتل آهي)

⋄⋄⋄⋄

وٺي ايندس... خوب مزو ايندو....' اچ هرڪو ڪم هن ڦڙتائيءَ سان
پئي ڪيو، جيئن مالڪڻ وڏيڪ خوش ٿئي ۽ کيس اِنعام ڏئي !

جڏهن پٽرن جي پوڄا ڪري پوڄن ڳرهڻ ڪرڻ جو وقت آيو ته
پنج ئي نياڻيون اچي پنهنجي وڇايل آسڻ تي ويٺيون. اِهو ڏسي بنٽوءَ
جي ته جڻ دنيا ئي لٽجي ويئي. کيس اِئين لڳو ڳويا ڪنهن پهاڙ تان
ڌڪو ڏئي هيٺ ڪري ڇڏيو هجي. سندس منهن روئڻهارڪو ٿي ويو ڇو ته
هاڻي لذيذ ۽ سوادي طعام کائڻ جو ڪوبه چانس ڪونه هو. پنهنجي ماءُ
سان اچي سُس پُس ڪيائين ته هوءَ مالڪڻ کي چوي ته کيس به نياڻي
ڪري پوڄن لاءِ ويهاريو وڃي، ليڪن ماڻس هتان چنڊ ڪڍندي چيس،
’چوري، متان وري اِئين سوچيو اٿيئي.' چوٽ چاٽ کان بي خبر بنٽوءُ
دل ئي دل ۾ سڏڪا ڀري روئڻ لڳي. اچ به کيس وڃڻ وقت ڪجهه بچيو
کچيو مليو جو اچي پنهنجي پاٿرن سان وندي کاڌائين.

(ڪونج 2011)

◇◇◇◇

’جيڪڏهن پنجين نياڻي نہ ٿي ملئي تہ بنتوءَ کي چو نہ ٿي ويهار
لڙڪا بگل ۾ ڍنڍورا شهر ۾!‘

’توهين بہ ڪمال ٿا ڪريو...‘ لتا تعجب سان گڏ چڙندي ج
ڏنو، ’هڪ نوڪرياڻيءَ کي پٽرن جي پوڄا ۾ ويهاريان اِهو ڪ
ٿيندو؟‘

’اِن ۾ ڇا آهي. آهي تہ ساڳي نياڻي. نياڻيون تہ نياڻيون
ٿينديون آهن، هيءَ تہ پاڻ وڌيڪ ضرورتمند آهي. پوڄن ڪ
تنهنجي پٽرن کي دعائون ڪندي.‘ مسٽر ورما وَرَ وَرَ ڪري لتا
سمجهايو.

ليڪن لتا مڃڻ واري ڪونہ هئي، چيائين، ’توهين پنهن
دوست رام کي فون ڪري چئو تہ پنهنجي ڌيءَ کي هيڏان
موڪلي.‘

مسٽر ورما پنهنجو آخرين هٿيار هلائيندي چيو، ’مان ڪ
وينو هر هڪ کي فون ڪندس. رام کي آخرين بار فون ڪيان ٿو، ج
اُنان بہ جواب ملئہ تہ پوءِ بنان ڪنهن سنڪوچ جي بنتوءَ کي
ويهارجانءِ.‘

مالڪ ۽ مالڪڻ جي وچ ۾ جو هيءَ وارتالاپ هلي رهي هئي،
بنتوءَ ٻڌي ورتي. سندس دل اندر دفن ٿيل خواهش اچانڪ سِرُ ڪڍ
جيئري ٿي پيئي. اميد جو سورج وري چمڪڻ لڳو ۽ سندس اکين اَڳيا
ڪلپنا جو منظر ڦري آيو، جنهن ۾ هن ڏٺو تہ ٻين نياڻين سان گڏ ج
بہ پوڄا ۾ شامل هئي ۽ لذيذ طعام شونق سان کائي رهي هئي.

بنتوءَ جا ننڍڙا ننڍڙا هٿ ڪم ۾ تڪڙو تڪڙو هلڻ لڳا
جيتوڻيڪ سندس سڄو ڌيان ڪچن ۾ هو، جتان سوادي پوڄن جي ٿيل
ٿيڻ جي سگند پئي آئي. ڀڳل ٻاٽ جو سيرو، پوريون، پنير جا پڪوڙا
لڏون، پيڙا، کيرٽي....... سڀ ڪجهہ تيار ٿي رهيو هو ڪچن ۾. بنتو
سوچيو، ’اڄ تہ پيٽ ڀري کائيندس ۽ گهر ۾ وڃي سيني ڀائرن کي
رِيس ڏياريندس.... هوُ روئندا تہ مان تاڙي وڄائي خوب ناچ ڪندس..
۽ دڪشڻا جا جيڪي روڪ پئسا ملندا، انهن مان ڪنن ۾ پائڻ جا بُند

ئي بيحد غصي واري هيس. ٿوريءَ ٿوريءَ ڳالھ تي ايترو غصو اچي ويندو هو جو جيڪا بہ شيءِ سامهون ايندي هئي، ان کي يا تہ ٽوڙي ڇڏيندي هيس يا گهر کان ٻاهر ڦٽو ڪري ڇڏيندي هيس. اسڪول ۾ بہ ٻارن سان ننڍيءَ ڳالھ تي وڙهي پوندي هيس ۽ ڪين ماري وجهندي هيس..... ''

سانول وري بہ ساوتريءَ کي روڪيندي چيو، ''اِنهيءَ جو بلئڪ باڪس سان ڪهڙو واسطو؟ تون اجايو پئي پاڻ کي هلاڪ ڪرين.. ڊاڪٽر چئي ويو آهي تہ گهٽ ڳالهاءِ.''

ليڪن ساوتري ٻڌو اڻٻڌو ڪري ڇڏيو ۽ پنهنجو بيان جاري رکيو. ''توهين ٿورو ترسو، سڀ سمجهي ويندا. مونکي چوڻ ڏيو.'' ساعت رکي ساوتريءَ چيو، ''مميءَ کي منهنجي بيحد چنتا هوندي هئي. هن چاتو ٿي تہ مان جنهن بہ گهر ۾ شادي ڪري ويندس، اُتي پنهنجي تيز ۽ تکي سڀاوَ سبب جهڳڙا ئي جهڳڙا ڪندي رهندس ۽ هڪ ڏينهن منهنجي شادي ٽٽي پوندي.''

''.... ليڪن تو تہ ڪڏهن غصو ڪيو ئي ڪونہ. هيترا سال گذري ويا، نہ وڏن سان، نہ ٻارن سان، نہ مون تي ئي تو ڪڏهن غصو ڪيو هوندو......''

''... اِهوئي تہ اوهان کي ٻڌائي رهي هيس. توهين چپ ڪري ٻڌندا رهو.'' ساوتريءَ چيو ۽ سانول لاچار ٿي چپ ٿي ويو.

ساوتريءَ وري چوڻ شروع ڪيو، ''شاديءَ کان هڪ ڏينهن اڳہ مميءَ مونکي غصو نہ ڪرڻ تي وڏو ڀاشڻ ڏنو ۽ ان بعد هڪ بلئڪ باڪس ڏيئي چيو تہ جڏهن ڪنهن تي غصو ٿيڻ لڳئي تہ هڪدم پلين سادي رومال جو ڪپڙو ڪڍي ان جي مٿان پيرت پرڻ شروع ڪري ڇڏجانءِ ۽ پوءِ رومال کي ان بلئڪ باڪس ۾ سنڀالي رکي ڇڏجانءِ.''

سانول حيرت مان ساوتريءَ طرف نهاريو، جنهنجي هيءَ عجيب ڳالھ کيس بلڪل ئي سمجهہ ۾ نہ آئي. ساوتريءَ ساهي پٽي وري چيو، ''تڏهن کان وٺي جڏهن بہ ڪنهن تي غصو ايندو

آندل هي باڪس تولاءِ ايترو قيمتي آهي جو ان جي چابي بہ تون
پاڻ سان ئي رکندي آهين.“

ساوتري ٿهڪ ڏيئي کلڻ لڳي. ”بس ايتري ڳالهہ تي مو
اوشواسي ۽ خبر ناهي ڇا جو ڇا سمجهي ويٺا آهيو.“ ساوتري پوءِ
گنڀير ٿي ۽ سانول جي ٻنهي هٿن کي چمندي چيو، ”اِها براب
جي ڳالهہ آهي، ليڪن توهان اهو ڄاڻڻ جو اجايو ضد نہ ڪريو. ج
صحيح موقعو آيو تہ مان خود ئي توهان کي ٻڌائي ڇڏيندس.“ ۽ ب
باڪس جي ڳالهہ اڄ بہ سانول لاءِ راز بڻجي رهجي ويئي. ان ڳالهہ
گهڻا ئي ڏينهن گذري ويا، نہ ساوتريءَ ئي سانول کي بلئڪ باڪس
باري ۾ ٻڌايو ۽ نہ وري سانول ڪڏهن ڪائنس ورجائي پڇيو.

ليڪن گذريل هفتي کان ساوتري بيمار آهي ۽ شهر جي اس
۾ داخل ڪئي ويئي آهي. ڊاڪٽرن جو چوڻ آهي تہ جيڪڏهن ش
فرق نہ ڪيو تہ پوءِ ڪجهہ بہ ٿي سگهي ٿو. ساوتريءَ خود بہ ڊاڪ
کي اِئين چوندي ٻڌو هو. اِنڪري اسپتال جي ڪمري ۾ سانول جڏ
ساڻس اڪيلو ويٺو هو، تڏهن ڪيس سڏ ڪري پنهنجي پرسان ويهڻ
چيو ۽ بيحد ڪمزور آواز ۾ ڀڻڪندي چيو، ”توهان بلئڪ باڪس
باري ۾ ڄاڻڻ ٿي چاهيو نہ......“

سانول ڪيس وچ ۾ ئي روڪيندي چيو، ”هن وقت تون ه
کهڙي ڳالهہ ٿي ڪرين... توکي تہ هاڻي سخت آرام جي ضرور
آهي، تون چپ ڪري آرام ڪر.... بلئڪ باڪس بابت ڄاڻڻ ج
مونکي ڪا تڪڙ ناهي.“

”... ليڪن مونکي آهي... جيڪڏهن هاڻي ئي توهان کي
ٻڌائيندس تہ پوءِ گهڻي دير ٿي ويندي....“

سانول جي گهڻو ئي روڪڻ تي بہ ساوتري باز نہ آئي، تڏه
سندس دل رکڻ لاءِ سانول کي سندس ڳالهہ مڃڻي ئي پيئي.

ساوتريءَ سانول جا ٻئي هٿ پنهنجن هٿن ۾ پڪڙي رک
هئا. سانول کي اجا بہ هيٺ جهڪڻ جو اشارو ڏيئي ساوتر
پنهنجي جهيڻي آواز ۾ چوڻ شروع ڪيو، ”مان ننڍي هوندي ڪا

”وڪيل ڪرمچند“

دهليءَ جي بار ڪائونسل جي آفيس ۾ ڪورٽ جا ڪيترائي وڪيل اچي گڏ ٿيا آهن ۽ گرما گرم بحث هلي رهيو آهي. سندن بحث جي وشيہ آهي تہ وڪيلن تي سماج واسطي ڪيتري جوابداري آهي؟ هنن کي ڏوهيءَ کي سزا ڏياري هڪ سماج سڌارڪ جو رول ادا ڪرڻ گهرجي يا پنهنجي مالڪ (اصيل) کي سزا ملڻ کان بچائي پنهنجي وڪيلي فرض جو پالن ڪرڻ گهرجي.

وڪيلن ۾ هڪ طبقو اهڙو بہ آهي جن جو چوڻ آهي تہ وڪيل ٻين جيون جيان پنهنجي اُدرپورنا جي لاءِ ڪرم ٿو ڪري، انڪري هن کي ٻين پيشاور پراڻين جيان ئي پنهنجي تعليم ۽ تجربي جو هوشياريءَ سان اپيوگ ڪري پنهنجي مالڪ يعني تہ پنهنجي اصيل کي حق ڏياري يا سزا ملڻ کان بچائي وڏ ۾ وڏ سنتوش ڏيڻ گهرجي. ليڪن ڪن ٻين وڪيلن جي طبقي جو چوڻ آهي تہ اسان جي سماج ڪيترو سارو سرمايو لڳائي اسان کي وڪالت ڪرڻ جي لائق بڻايو آهي، انڪري سماج ئي اسانجو سچو مالڪ آهي ۽ انڪري اسان کي سماج جي شيوا ڪري، برائيءَ کي سماج مان تڙي ڪڍڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي جيئن سماج ۾ اخلاق جو واڌارو ٿي سگهي.

ديوان ڪرمچند شهر جو هڪ مشهور ۽ وڏي تجربي وارو وڪيل آهي. هوُ پڻ هن بحث ۾ شامل آهي ۽ سيني جا دليل ٻڌي رهيو آهي. بحث ڪافي دير تائين هلندو رهي ٿو، پر جڏهن بحث ۾ ڪجهہ بہ نرڻيہ ٿيندو نظر نہ ٿو اچي، تڏهن بار ڪائونسل جو سڀاپتي شري ڪرمچند وڪيل ڏانهن نهاري ٿو ۽ بار ڪائونسل جو هڪ جهونو ۽ تجربيڪار وڪيل هئڻ جي ناتي ڪيس پنهنجو رايو پيش ڪرڻ لاءِ چيو وڃي ٿو.

ديوان ڪرمچند هن گنڀير وشيہ تي پنهنجو ويچار پيش ڪندي چوي ٿو، ”اصيل ئي اسانجو سچو مالڪ آهي. جنهن پنهنجي شيوا ڪرائڻ لاءِ اسانکي مقرر (Retain) ڪيو آهي، انڪري اسانجو وجود

آهي تہ رومال پرڻ شروع ڪري ڇڏيندي آهيان. جيڪڏهن او
ڪي اعتار نہ ايندو هجي تہ گهر وڃي منهنجو بلڪ باڪس ک
ڏسجو. باڪس جي چابي ڪبٽ ۾ ئي رکي اٿو.“

بلئڪ باڪس جو راز ڄاڻڻ لاءِ سانول تہ هاڻي اُتاولو ٿيڻ
جڏهن گهر آيو تہ پهريون ڪم اهو ئي ڪيائين جو اچي ڪ
کوليائين ۽ ان مان بلئڪ باڪس ڪڍي ان کي چابي لڳائي کو
ڏٺائين تہ منجهس ڇا هو؟ بلئڪ باڪس مان ڪيس ٻہ پريل روما
پنجاهہ هزار روپين جا نوٽ مليا. ٻن رومالن جو مطلب تہ ڪي
سمجهہ ۾ اچي ويو ليڪن هي پنجاهہ هزار روپين جي رقم ڪٿ
آئي سو ڪيس سمجهہ ۾ ڪونہ آيو.

ڪجهہ دير بعد هو جڏهن اسپتال ۾ واپس آيو تہ ساوتر
خود ئي کانئس سوال ڪيو، ”ڪيئن بلئڪ باڪس کولي ڏٺوَ يا نہ؟“

سانول کيس سموري حقيقت بيان ڪري ٻڌائي ۽ چيو، ”
رومالن جو مطلب تہ سمجهہ ۾ آيو تہ شادي کان پوءِ تو صرف
ٻہ دفعا غصو ڪيو هوندو، ليڪن پنجاهہ هزار روپيہ ڇا جا آهي
مون تہ ڪڏهن توکي ڏنا ڪونہ آهن.“

ساوتريءَ پنهنجي چپن تي موهيندڙ مرڪ آڻيندي چيو
”هيءَ اها رقم آهي جا مون رومالن جو وڪرو ڪري اچ تائين جوڙ
آهي. جيڪڏهن رومال نہ وڪڻان هان تہ پلا ڪٿي جمع ڪيان ها.“

اِهو ٻڌي سانول جي من ۾ عجيب قسم جي هلچل مچي
ويئي. کيس سمجهہ ۾ اچڻ لڳو تہ ڪيئن ساوتريءَ هيترا سال
پنهنجي آيل غصي کي قبضي ۾ رکي پنهنجي سهن شيلتا جو
صاف ثبوت ڏنو هو. هر دفعي غصو ڪرڻ جي عيوض هن رومال پئي
پريا آهن ۽ پنجاهہ هزار روپين جي هيڏي وڏي رقم ڪني ڪئي
آهي، جنهن مان صاف ظاهر آهي تہ هن تي هزارين دفعا غصو غالب
ٿيو هوندو ۽ هر دفعي هن غصي مٿان فتح پاتي هوندي. سانول کي
ساوتريءَ جي بهادريءَ تي رشڪ ٿيڻ لڳو.

شايد اِهو ئي سندن سکي جيون جو راز هو !

◇◇◇◇

سال اڳ چوريءَ جي الزام ۾ جيل وڃڻ کان بچايو هو.
ديوان غصي ۾ اچي رڙ ڦاڙيندي چيو، ”حيف هجيئي ميان !
مون تنهنجو ڪيس لڙي توکي جيل وڃڻ کان بچايو ۽ تو ئي اچي
منهنجي گهر ۾ چوري ڪئي ! توکي تہ منهنجو عمر ڀر شڪر گذار
رهڻ گهرجي ها.“
تڏهن حوالات ۾ بند ٿيل چور مشڪندي چيو، ”ديوان
صاحب، ان ۾ بي شڪريءَ جي ڪهڙي ڳالهہ . مون تہ توهان جي
محنتاڻي جي سموري رقم پائي پائي ڪري چڪائي هئي. جيئن
وڪالت ڪرڻ اوهانجو ڌنڌو آهي تيئن چوري ڪرڻ منهنجو ڌنڌو
آهي. مون تہ هن ڀيري بہ اوهان کي ئي وڪيل ڪرڻ لاءِ سوچيو آهي.
چوري ڪيل مال تہ توهان کي واپس ملي چڪو آهي. هاڻي تہ پنهنجي
في وٺي مونکي ڇڏائي سگهندا. توهان جيتري بہ في گهرندا مان
ڏيئي سگهندس ۽ اڄ ئي اوهان وٽ پهچي ويندي.“
ديوان صاحب حيرت ۾ چور ڏانهن ڏسندو ئي رهجي ويو.
کيس محسوس ٿيو تہ ان ڏينهن بار ڪائونسل جي ميٽنگ ۾ جو هن
پنهنجو ويچار پيش ڪيو هو سو سراسر غلط هو. وڪيل جو ڪم صرف
حق وٺي ڏيڻ يا سزا کان بچائڻ ئي نہ آهي، بلڪ سماج ۾ پلجندڙ
برائيءَ کي بہ ناس ڪرڻ آهي. جيڪڏهن هن کان اڳ هو پنهنجو فرض
نڀائي ها ۽ بيکوءَ کي سندس گناهہ جي سزا ڏياري ها تہ اڄ سندس گهر
۾ چوريءَ جي واردات ڪونہ ٿئي ها.
(رچنا 2010)

◇◇◇◇

۽ هن ڪاري ڪوٽ جو ڪارڻ به اسانجو اصيل ئي آهي، جنه
اسين سنڌس ايلچي (Representative) ٿي ڪم ڪيون ٿا. جيڪ
اصيل نه هجي ته وڪيل به ڪونه هوندو ۽ اها سيني کي ڄاڻ آه
ايلچي ڪڏهن به پنهنجي مالڪ جي خلاف نه وڃي سگهندو ۽ پنه
مالڪ جي شيوا ڪري کيس خوش ڪرڻ ئي سنڌس سچو ڌرم
گهرجي. هي ۽ اِئين آهي جيئن ملڪ جو ايلچي ٻين ملڪن ۾ وڃي
ڪندو آهي. هوُ ڪڏهن به پنهنجي ملڪ جي خلاف ڪجهه چئ
سگهندو آهي، پل ته شخصي طور سنڌس ويچار ٻيا هجن. جئ
ديش سان ٻڌل آهي تيئن وڪيل به پنهنجي اصيل سان ٻڌل آ
انڪري اسانجو به فرض آهي ته پنهنجي سموري قابليت جو زور لڳ
هن کي سنڌس حق وٺي ڏيون يا هن کي سزا ملڻ کان بچائي وٺون

ديوان ڪرمچند جو اهو رايو سيني کي منظور هو، انڪ
سيني تاڙيون وڄائي ديوان صاحب جي رايي جو سواگت ڪيو ۽
ويچار پڪراءِ بحال ڪيو ويو.

ڪجهه ئي ڏينهن کان پوءِ ديوان ڪرمچند جي گهر ڪو چور گهه
آيو ۽ ديوان صاحب جي غير موجودگيءَ ۾ هن جي گهر مان سمورو
ملڪيت، نقدي، سون چاندي وغيره چوري ڪري کڻي ويو.

ديوان ڪرمچند ڄاڻائي ته شهر جو ناميارو وڪيل هو ۽ سنڌ
پهچ ۽ رسائي ڪليڪٽر ۽ پوليس ڪمشنر تائين هئي، انڪري سنڌ
شڪايت ڪرڻ تي پوليس جو سڄو عملو حرڪت ۾ اچيويو ۽ هن
ڏينهن رات هڪ ڪري چور کي ڳولهي لڌو ۽ چوري ڪيل سمورو م
آڻي وڪيل صاحب کي ڏياريو. وڪيل صاحب خوش ته ٿيو ليڪن سنڌ
خواهش هئي ته پوليس ٿاڻي وڃي ان چور سان ملي جنهن هيڏ
همت ۽ جرئت ڪري سنڌس گهر اچي چوري ڪئي هئي.

جڏهن پوليس جي انسپيڪٽر ديوان ڪرمچند کي ٿاڻي ۾ بن
ٿيل چور جي سامهون اچي ويهاريو ته ديوان صاحب جا طاق ئي لڳ
ويا. کيس پنهنجي اکين تي ڄڻ وشواس ئي ڪونه ٿي آيو ته اِئين
ٿي سگهي ٿو. اڙي ! هي ته ساڳيو ئي شخص ٻيڪو هو جنهن کي هن

ڪي تورا احسان لاهي سگهان !“
ماءُ ڪو بہ جواب ڪونہ ڏنو. هوءَ بہ پيالي ۾ مان چانهہ ڍُڪ ڍُڪ ڪري پيئندي رهي. تڏهن هن وري چيو، ”هاڻي تہ ڀڳوان سڀ ڪجهہ ڏنو آهي اسان کي تون چاهين تہ تنهنجي نالي سان غريبن جي مفت علاج واسطي ڪا اسپتال ٺهرايان... يا وري ڪا ڌرمشالا ٺهرايان... شايد تنهنجو ڪجهہ قرض لهي سگهي !“
ماڻس مشڪندي چيو، ”پٽ، تون ان جي چنتا ڇو ٿو ڪرين؟ پٽ جي خوشيءَ ۾ ئي ماتا جي خوشي سمايل رهندي آهي. جڏهن اهڙو ڪو موقعو نهي آيو تہ مان خود ئي توکي چوندس تہ ڇا ڪرڻو آهي.“
رات جو يوڄن ڪري ٻئي وڃي سمهيا ۽ جلد ئي هن کي گهري ننڊ اچي ويئي. اڃا ڪلاڪ کن گذريو هوندو جو ماڻس ڪيس ننڊ مان اُٿاريندي چيو، ”ڪڪا ڪچن مان آواز پيا اچن. اُٿي اندر ڏسي تہ اچ ڪٿي ٻلي تہ ڪونہ ڦاٽي آهي.“ هوُ اکيون مهٽيندو اُٿيو ۽ ڪچن مان ٿي آيو، ليڪن اُتي تہ ڪجهہ بہ ڪونہ هو. ماءُ کي ٻڌائي هوُ سمهي پيو.
ڪلاڪ اڌ کان پوءِ سندس ماءُ وري ڪيس سڏيو ۽ چيائين، ”ڪڪا، دروازي جي ڪڙي ٺيڪ سان لڳي ڪانهي. هوا ۾ کڙ کڙ جو آواز ٿي ڪري . وڃي ٺيڪ سان ڏيئي اچ نہ. “ هوُ چپ چاپ پنهنجي بستري تان نہ چاهيندي بہ اُٿيو ۽ دروازي جي ڪڙي ٺيڪ طرح سان ڏيئي اچي سمهيو ۽ جهٽ بعد کيس ننڊ اچي ويئي.
ڪجهہ دير کان پوءِ ماڻس وري هن کي سڏ ڪري ننڊ مان اُٿاريو ۽ چيو، ”ڪڪا، اڄ تہ غضب جي گرمي ٿي آهي، مون کي تہ سخت پياس لڳي آهي. وڃي ڪچن مان پاڻيءَ جو گلاس تہ ڀري اچ. “ هوُ وري بہ اُٿيو ۽ بنان ڪجهہ چوڻ جي ماءُ کي پاڻيءَ جو گلاس آڻي ڏنو ۽ اچي پنهنجي بستري تي ليٽيو.
اڃو صبوح ٿيڻ ۾ هاڻي ٿوري ئي دير بچي هئي جو ماڻس جو آواز آيو، ”ڪڪا، ڏس تہ ڪيترو ٽائيم ٿيو آهي؟ اڄ اُماس آهي، مان

''ماتا مهان''

هوُ بيحد خوش تي لڳو، اَڄ کيس آفيس ۾ پروموشن جـ
هو. هوُ هاڻي ڊيپوٽي ڪمشنر آف پوليس جي عهدي تان ترقي
ڪمشنر صاحب بڻجي ويو هو. هو جڏهن گهر آيو تہ اچي ماءُ
پيرين پئي ڳڏيو ۽ سندس آشيرواد ورتي. ماڻس کيس ڀاڪر پائي
تي چمي ڏيندي چيو، ''پٽ، شل سدائين وڌندو رهين.'' جـ
سندس ماءُ چانهہ ناشتو ٺاهي ڪٺي اچي هوُ پنهنجيءَ بيڊروم ۾
بدلائڻ لاءِ هليو ويو. ڪپڙا بدلائي ۽ فريش ٿيڻ کان پوءِ ڊرائنگہ ر
صوفا تي اچي ويٺو ۽ ماءُ جي اچڻ جو اِنتظار ڪرڻ لڳو. زندگي
گذريل ورق هڪ هڪ تي سندس ذهن جي پڙدي تي روشن ٿيڻ ا

هوُ هڪ غريب ڪٽنب ۾ ڄائو هو. سندس پتا ڳوٺ جي پائـ
هڪ رواجي ماستر هو، ليڪن سچيار هو ۽ عزتدار هو. ڇوڪري
جنم وٺڻ کان پوءِ جلد ئي ڪنهن نِگري بيماريءَ ۾ سرڳواس تي
سندس ماءُ اڪيلي رهجي ويئي. نہ کيس پيڪن جو ٻل هو نہ
ڪنهن مٽ مائٽ مدد ڪيس، بس ماستر جي ملندڙ سرڪاري پيـ
مان ۽ ڪجهہ زمين جي آمدنيءَ مان گذر ڪري هن پنهنجي ڇوڪ
کي پالي وڏو ڪيو ۽ هن پڙهيءَ تائين پهچايو. زندگي بسر ڪرڻ
سندس ماءُ کي ڪهڙا ڪشت سهڻا پيا ۽ ڪهڙيون ڪهڙيون مشڪلا
ڏسڻيون پيون، سي سڀ هن کي ياد هيون. هن چڱي طرح ڄاتو تي
ماءُ جي تياڳ ۽ تپسيا بنان هوُ ڪڏهن بہ اوچي پد تائين نہ پهـ
سگهي ها.

ماءُ جڏهن چانهہ ناشتوٺاهي اچي ٽيبل تي رکيو، تڏهن چا
جو ڍُڪ ڀريندي هن چيو، ''امان مان هر وقت اِهو پيو سوچيندو آهـ
تہ تو ڪيترا نہ اُپڪار ڪيا آهن مون مٿان. پنهنجي سک جو ڪو خـ
نہ ڪري تو سدائين منهنجي سک لاءِ پئي سوچيو آهي. اڄ مان
ڪجهہ بہ بڻيو آهيان، سو سڀ تنهنجي تياڳہ ۽ تپسيا جي ڪارڻ.
تنهنجا سڀ احسان تہ ڪونہ لاهي سگهندس، ليڪن ڪاش ! تنهـ

”نوڪري“

منهنجي هن سان هڪ دوست بنواريءَ جي معرفت واقفيت ٿي هئي. آرتوار جو ڏينهن هو ۽ مان نيم انوسار صبوح جو گهرَ جي ورانڊي ۾ ويهي چانهہ پي رهيو هوس جو بنواري ڪيس پاڻ سان وٺي آيو. پرسان ئي خالي ڪرسين تي ويهڻ کان پوءِ بنواريءَ چيو، ”هن سان ملو، هي آهي شري موتيرام موٽواڻي.“

مون هٿ وڌائي ڪيس ڪيڪاريو ۽ هن بہ مشڪي ڏنو. مون ڏٺو تہ هوُ وچواري قد جو هو. رنگ جو صاف ۽ اُجرو، وارن ۾ وچ تان سينڌ نڪتل، اکين تي سنهي فريم وارو چشمو، خطن وٽان اڇا وار ۽ عمر ۾ موٽ ڪاڏل ٿي لڳو. بنواريءَ سندس واقفيت ڏيندي چيو، ”چوڻڪ ٿي جيڪا سرڪاري بئنڪ آهي تنهنجو هي مئنيجر آهي ۽ تازو ئي هٽ بدلي ٿي آيو آهي.“

مون وري مشڪندي ڏانهنس نهاريو ۽ جنهن جو جواب بہ هن چپن تي هلڪي مرڪ آڻي ڏنو. بنواريءَ مطلب جي ڳالهہ تي ايندي چيو، ”توهان چيو هو تہ توهان کي مڪان جي مٿئين فلور لاءِ ڪو لائق مسواڙي گهرجي. شري موٽواڻيءَ کان بهتر ٻيو ڪير ٿي سگهندو. مان ڪيس بمبئيءَ کان سڃاڻان. توهان ڪنهن بہ ڳالهہ جو خيال نہ ڪريو.“

پنهنجي دوست وٽان ايتري خاطري ملڻ تي مان پلا ڪيئن ٿي ”نہ“ ڪري سگهيس. مون موٽواڻيءَ کي وٺي وڃي جڳهہ ڏيکاري جا ڪيس هڪدم پسند آئي. مسواڙ جو فيصلو ٿيو ۽ ان ڏينهن اقرار نامو بہ ٿي ويو. چانهہ پيئڻ کان پوءِ موٽواڻي تہ هليو ويو ليڪن بنواري مون سان ئي ويٺو رهيو.

موٽواڻيءَ جي هلي وڃڻ کان پوءِ ، بنواريءَ هڪ ٿڌو شوڪارو ڀريندي چيو، ”وڏو بدنصيب آهي“ ۽ پوءِ سڄي ڳاله ڪري ٻڌايائين تہ ڪيئن گذريل سال سندس استريءَ جو سرڳواس ٿي ويو هو. ڪئنسر جو مرض هوس. ويچاري پئسو تہ پاڻيءَ جيان وهايو، جنهن لاءِ بمبئيءَ جو فليٽ بہ وڪڻو پيس، ليڪن هنکي بچائي نہ سگهيو.

جلد ئي سنان ڪري مندر مان ٿي ايندس.“ هوُ اُٿيو ۽ ماءُ کي
ٻڌائي وري سمهي پيو ۽ هڪدم گهري ننڊ ۾ غلطان ٿي ويو.

صبوح جو ماڻس جڏهن مندر مان موٽي ته هوُ اڃا به سمه
هو. ڪٿي آفيس کي دير نه ٿي وڃيس، اِهو سوچي ماڻس س
ڪمري ۾ اچي کيس سڏ ڪيو، ”ڪڪا، جلدي اُٿ، آفيس وڃ
ٽائيم ته ٿي ويو اٿئي.“ ليڪن هن ليٽي ليٽي ئي جواب ڏنو، ”
مان ته بيحد ٿڪل آهيان، تو سڄي رات مون کي سمهڻ ئي ڪون
سوچيان ٿو ته آفيس کان موڪل وٺي گهر ۾ آرام ڪيان.“

تڏهن سندس ماءُ مشڪندي چيو، ”مان ته سالن جا سال
پالي وڏو ڪرڻ لاءِ اِئين ئي ٻنان ننڊجي سڄيون سڄيون را
اوجاڳو ڪيو آهي ۽ تون آهين جو هڪڙيءَ رات ۾ ئي ٿڪجي
آهين ! پوءِ تون ڪيئن پنهنجي ماءُ جو قرض لاهي سگهندين...!“

هوُ شرمساريءَ کان ڪنڌ هيٺ ڪري ماءُ جي پيرن تي ڪ
پيو ۽ چيو، ”ماتا ، تون مهان آهين... مان نٿو سمجهان ته ستن جن
۾ به تنهنجي احسانن جو قرض لاهي سگهندس....“

(سنڌو 009

◊◊◊◊

کان متي نہ پڑھڻو اٿس تہ پل نہ پڑھي.'' رام هڪ گنهگار جيان پنهنجو ڪنڌ لٽڪائي ٻيءَ ڪرسيءَ تي ويٺو رهيو.

سندن ڪم واري مائيءَ وچ ۾ ئي چئي ڏنو، ''ادا، پڑھڻ کان تہ ڪڪو گهٽائي ڪونہ ٿو. رات رات ويهي پيو ڪتاب نچوڙي ليڪن پوءِ بہ مارڪون گهٽ.... ان ۾ هن جو ڪهڙو ڏوهہ؟''مائي سندن ڪٽنب جو حصو بڻجي چڪي هئي، انڪري موٽواڻيءَ کي هنجو ان طرح وچ ۾ ٽپي پوڻ برو نہ لڳو.

منهنجي لاءِ ڪوبہ جواب ڏيڻ مشڪل ٿي پيو. مونکي چپ ويٺل ڏسي موٽواڻيءَ وري چيو، ''شرما جي.... توهان ڪجهہ سمجهايوس نہ.'' هاڻي تہ ڪجهہ چوڻو پيو. چيم، ''رام تہ نوجوان ۽ سمجهو چوڪرو آهي. ڪيس پنهنجي آئينده جي ڳڻتي نہ هوندي ڇا؟ توهين اُميد نہ لاهيو. سڀ ٺيڪ ٿي پوندو.'' اِئين چئي مان موٽي آيس.

موٽواڻيءَ کي آئي بہ سال گذري ويا. هوُ سياڻو جو ڪلمڪ ۽ يار ويس هو. ڪنهنجو بہ ڪم پوندس تہ جهٽ ڪري ڏيندو. ٻي جي لاءِ همدردي تہ ڪوٽان ڪوٽ ڀريل هيس، انڪري هر ڪنهن جو ڪم پنهنجو ئي ڪري سمجهندو هو. آفيس جو عملو چاهي بئنڪ جا گراهڪ منجهائنس بيحد راضي هئا. البت ڪي ڪسٽمر هئا جن کي شڪايت هئي تہ ديوان گهرج کان وڌيڪ ايماندار هوچو تہ هن انهن جا ڏِڏا ڪم آڇون ملڻ جي باوجود بہ ڪونہ ڪيا هئا.

هڪ ڏينهن صبوح جو رام اچي دروازي وٽ بيٺو. سندس هٿ ۾ رومال سان ڍڪيل پليٽ هئي، جا مون ڏانهن آڇيندي هن چيو، ''انڪل، مان بي.اي ۾ پاس ٿيو آهيان، هيءَ مٺائيءَ توهان لاءِ آهي.'' مون کان خوشيءَ ڀري ڇيخ نڪري ويئي. ''اڙي واهہ ! اِها تہ ڏاڍي خوشيءَ جي ڳالهہ آهي. هاڻي تہ موٽواڻيءَ کي اجائي چنتا نہ ڪرڻي پوندي.''

ڪجهہ دير کان پوءِ مسٽر موٽواڻي جڏهن آفيس وڃڻ لاءِ هيٺ لٿو تہ مون کيس اشاري سان سڏ ڪيو. هوُ ٻرسان تہ آيو ليڪن خوش نظر ڪونہ ٿي لڳو. مون چيو، ''موٽواڻي صاحب ، اڄ تہ توهان کي

منهنجي نئين مسواڙيءَ لاءِ همدردي وڌڻ لڳي. پڇيوما
ٻار ٻچا هوندس. جواب ۾ بنواريءَ چيو، ”اِتي ٻه ويچارو نصيب
مار ڪائي ويو. اٿس ته هڪڙو ئي پٽ جو ٻارهون ڪلاس پاس ڪري
جونيئرڪاليج پڙهندو آهي. شڪل صورت ۾ ته پيءُ جهڙو ئي ش
آهي، ليڪن پڙهائيءَ ۾ نسورو ڏڏ. هيءُ ٻارهون ٻه ڪيئن ٽيوشن
ڳيتون ڏئي پاس ڪيو اٿائين، تنهن جي مونکي خبر آهي.“
اِها اسان جي پهرين ملاقات هئي. ترت ئي ٻن ڏينهن
موٽواڻي پنهنجو سامان سڄو ڪٽائي اچي جڳهه ۾ وينو. چوڪري ج
رام هوس ۽ گهر جي صاف صفائيءَ لاءِ ۽ رنڌ پچاو لاءِ هڪ نوڪر
هين جا ساٿن گڏ ئي رهندي هئي.
ڪجهه ڏينهن بعد موٽواڻيءَ پنهنجي ئي بئنڪ ۾ من
کاتو کولي ڇڏيو ۽ منهنجي سهوليت وڌائي ڇڏي. هاڻي ته بئن
وڃڻ جي بجاءِ، جمع ڪرائڻ وارا سڀ چيڪ مان ڪيس ڏيئي ڇڏ
هوس ۽ جيڪڏهن ڪا رقم ڪڍائڻي هوندي هئي ته ڪيس گهر ۾
وڃي چيڪ ڏيئي ايندو هوس ۽ موٽواڻي شام جو موٽندي ڪڍايل
اچي مون کي ڏيئي ويندو هو. مون کي ته جڻ گهر ويٺي ئي بئنڪ
ويئي. ان طرح اسين هڪ ٻي جي ويجهو اچڻ لڳاسين. رام اِئي
شڪل شبيهه جو هوشيار نوجوان هو، ليڪن سمجهه ۽ ڦڙتائيءَ ۾
هو. انڪري بيحد لچاري سياوَ جو هو ۽ جڏهن ٻه سامهون ڏسندو
پيو ڪندون پاسا ڪندو هو. هڪ ڏينهن چيڪ ڏيڻ واسطي جڏ
موٽواڻيءَ جي گهر ويس ته هو پٽ کي سمجهائي رهيو هو، ”جيڪڏ
تنهنجي پڙهڻ جو هيءُ حال آهي ته پوءِ امتحان ڪيئن پاس ڪ
سگهندين؟ ۽ جيڪڏهن امتحان پاس نه ڪندين ته پوءِ توکي نوڪ
ڪيئن ملندي؟“
مون کي هيئن اوچتو آيل ڏسي، هوُ ڪجهه هٻڪيو، پر پوءِ
ڏانهن ئي مخاطب ٿي چيائين، ”شرما جي، توهين ئي ٻڌا
مئٽرڪ پاس ڪيل کي پلا ڪهڙي نوڪري ملي سگهندي؟ انڪ
چوانس ٿو ته محنت ڪري گهٽ ۾ گهٽ بي.اي ته پاس ڪري،

ويئي. مٿان بئنڪ جا ڪيترا قرض ڪنيا اٿم جي اڄ سوڌو وينو لاهيان.“
اِهو جواب ڏيئي موٽوائي مايوس ٿي ويو.
مون وري بيو سجهاءَ ڏنو. مون چيو، ”بئنڪ ۾ رهندي هيتري جاڻ پڇاڻ ڪئي اٿو، هيترن جا ڪم ڪيا هوندوَ. ڪنهن کي چوءُ چوا ڪرائي رام کي ڪا سٺي نوڪري ته ڏياري سگهو ٿا.“
منٿ ته سوچڻ کان پوءِ موٽوائيءَ چيو، ”زمانو اڄ ڪلهه بيحد خراب آهي. هي سيٺيون، ڏنڌوڙيءَ ڪارخانن وارا صرف وٺي ڄاڻن. ڏيندا تڏهن آهن جڏهن ڏيڻ ۾ سندن ڪو فائدو هوندو آهي. مان ڪنهن نه ڪنهن کي چئي سگهان ٿو ۽ شايد نوڪري به ملي پوي، ليڪن ڊپ اٿم ته موٽ ۾ هوُ اُهو ڪجهه نه گهُري جو هوند مان ڪيس بلڪل به ڏيڻ نه چاهيان.“
موٽوائيءَ جو اشارو صاف ظاهر هو ته هن پنهنجي ايمانداريءَ کي وڪري جي شيءِ نه ٿي بڻائڻ چاهيو. مان ڪائنس موڪلائي گهر آيس ليڪن سوچيندو رهيس ته هيءُ به هڪ شخص آهي جو پرشٽاچار جي ڍبڻ ۾ رهندي به ڪمل جي گل جيان نرليپ هو.
رام جي نوڪريءَ جي ڪوشش هلندي رهي. هوُ نوڪريءَ جون درخواستون موڪليندو هو. ڪٿان جواب اچي ڪٿان ڪونه اچي. ڪڏهن ڪٿان انٽرويو آيس ته رام خوش ٿيندو اچي ٻڌائي ويندو هو. ليڪن ڪو انٽرويو نوڪريءَ ۾ بدلجي وڃي، اهڙي ڳالهه ڪڏهن ڪونه ٿي سگهي. ان ۾ ڪنهن حد تائين خود رام به قصور وارهو. سندس سمجهه اڃا به ٻاراڻي هئي. هلڻ چلڻ ۾ ڍلو ڍالو ۽ سوال جواب ۾ بيحد ڪچو. ڪڏهن ڪڏهن ته انٽرويو ۾ چپ ئي وينو رهندو هو ۽ ڪڏهن ته اِئين ئي موٽي ايندو هو، شايد وشواس جي ڪمي هئي يا احساس ڪمتريءَ جو ڀاوُ !موٽوائيءَ جي رٽائر ٿيڻ جا ڏينهن ويجهو اچڻ لڳا. هڪڙي ڏينهن منهنجي ڪمري ۾ گهڙي آيو. بيحد پريشان ٿي لڳو. شايد پنهنجي پريشاني مون سان ونڊڻ ٿي چاهيائين.
هيڏانهن هوڏانهن جون ڳالهيون ڪرڻ کان پوءِ اچي رام جي نوڪريءَ جي ڳالهه نڪتي. موٽوائيءَ چيو، ”مان ته هاڻي آسرو پلي

شادمانا ڪرڻ کپن. رام اِمتحان ۾ پاس جو ٿيو آهي. '' موٽواڻ
اتساهہ ڀريئي آواز ۾ چيو، ''ٿرڊ ڊويزن ۾ پاس ٿيڻ بہ ڪو پاس
آهي. ٿرڊ ڊويزن جي ڪري نوڪري تہ ڪا ملندس ڪونہ.'' ان ڏ
يا تہ ڪيس آفيس جلد پهچڻو هو يا هن پنهنجي نا اُميديءَ جو
اِظهار ڪرڻ نہ ٿي چاهيو. انڪري هو جلد هليو ويو.

خبر ناهي ڪهڙي ڪارڻ منهنجي من ۾ هن دکي پريو
همدردي وڌڻ لڳي. مون چاهيو ٿي تہ رام کي ڪٿي نوڪري ملي
جيئن موٽواڻي صاحب جي من جي چنتا دور ٿي وڃي.

هڪ ڏينهن ڪنهن ڪم سانگي وڃي سندس آفيس ۾ په
جهٽ اندر گهرائي ورتائين. چانهہ اچي ويئي ۽ اسين پيئڻ لڳا
مان پڇي وينس. ''ڪيئن؟ رام جي نوڪريءَ جو ڪجهہ ٿ
موٽواڻيءَ ڊگهو ساهہ کڻندي چيو، ''شرما جي، اجڪلهہ نوڪريون
ڪٿي ٿيون؟ آهن تہ آزمودو گهرجي، سني ڊويزن گهرجي ۽ پڪي
گهرجي.'' هن چيو تہ سچ ٿي، انڪري مان چپ وينو رهيس. ٿ
دير کان پوءِ خود ئي چيائين تہ ٻن چئن هنڌ درخواستون موڪل
آهن، ڏسجي ڇا ٿو ٿئي. مان چانهہ مان ڍُڪ ڀريندو رهيس. چ
پوري ٿيڻ تي موٽواڻيءَ سنجيدگيءَ ڀري آواز ۾ چيو، ''مان تہ ڇ
مهينن کان پوءِ رٽائر ٿي ويندس. پينشن تہ کٽي ملندي ليڪ
زندگيءَ تي ڪهڙو ڀروسو ! مون کي ڪجهہ ٿي پوي تہ رام جو
ٿيندو؟ کيس تہ پينشن ملندي ڪونہ. ڪير سندس سنڀال لهندو
مون پهريون ڀيرو محسوس ڪيو تہ ڪهڙي ڳالهہ سندس چنتا جو ڪ
هئي.

مون پنهنجي هوشياري ڏيکاريندي چيو، ''ڀلا ڪو ڌنڌو نہ
ڪرايوس. آخر نوڪريءَ ۾ رکيو بہ ڇا آهي؟ اُهائي ٻڌي ٻڌائي پگه
ملندس. ڌنڌي ۾ تہ برڪت ئي برڪت آهي !''

''ڌنڌي ڌاڙيءَ لاءِ کپي هڪ عقل ۽ ٻيو پئسو. عقل تہ هن و
آهي ڪونہ جو ڌنڌو سنڀالي سگهي ۽ پئسو مون وٽ آهي ڪونہ
سيڙائي سگهان. سندس ممي‌ءَ جي علاج ۾ سڀ ميڙي چونڊي ختم ڪ

رکي ٻڌائڻ ٿي چاهيائين ته ڪيس سيني ۾ درد ٿي ٿيو. مون سندس مٿي تي هٿ رکيو ته پسيني سان چل هو. مون کي شڪ ٿيڻ لڳو ته ڪيس دل جو دؤرو ٿي چڪو هو. مون جهٽ ۾ فون ڪري ڊاڪٽر کي گهرائي ورتو، جنهن ڏسڻ سان ئي موٽوائيءَ کي اسپتال ۾ ڀرتي ڪرائڻ جي صلاح ڏني ڇو ته اُن جو به اِهو ئي خيال هو ته موٽوائيءَ کي دل جو دؤرو پئجي چڪو هو. امبولنس لاءِ فون ڪيو ويو ليڪن جيسين امبولنس اچي ان کان اڳ ئي موٽوائي شانت ٿي ويو ۽ اسين صرف بيوس ٿي ڏسندا رهجي وياسين. زندگي ۽ موت جي وچ ۾ صرف سئيءَ جيترو فاصلو آهي، تنهن جي ڄاڻ ان ڏينهن چڱي طرح پئجي ويئي!

شام جو جڏهن موٽوائيءَ جي مرت شرير مٿان شرڌا جا گل ٿي چاڙهيا ويا، تڏهن مان چپ چاپ هڪ ڪنڊ ۾ ويهي ڏانهنس نهاري رهيو هوس. اڄ چنتا بجاءِ سندس چهري تي وشواس جي گهري ڇاپ ڇانيل هئي. سندس چپن تي هلڪي مشڪراهٽ هئي ڄڻ چوڻ ٿي چاهيائين، ”ڏنئه، مون چيو ٿي نه ته هڪ رستو آهي، جو رام کي نوڪري ملي سگهي ٿي. مان هاڻي نشچنت آهيان.“

ٻن مهينن کان پوءِ رام کي بئنڪ مان نوڪريءَ جو آرڊر اچي ويو ۽ هو اسانجو مڪان ڇڏي ٻي شهر هليو ويو.

(رچنا 2009)

⋄⋄⋄⋄

وينو آهيان تہ هن کي نوڪري ملندي. هن سڌي سادي ڇوڪر
ڪير پاڻ وٽ رکندو؟ مونکي تہ هاڻي اِها ڳڻتي آهي تہ جيڪ
اوچتو مونکي ڪجھہ ٿي پوي تہ هن جو ڇا ٿيندو؟ ڪير مٿائنس
رکندو يا سار سنڀال لهندو. هن اوپري دنيا ۾ هُو ڪيئن اڪيلو
سگهندو ۽ سوبہ نوڪريءَ کان سواءِ.'' چوندي چوندي سندس دل
آئي. مون کيس همٿ ڏياريندي چيو، ''مونواڻي صاحب،
هرويرو اِئين ڇو ٿا سوچيو. ڪجھہ ڀروسو رکو، سڀ ٺيڪ ٿيندو.''

مونکي جواب ڏيڻ بجاءِ، هُو ڪجھہ وقت سوچيندو رهيو
اوچتو ئي اوچتو ڏکھو ساهہ کڻندي چيائين، ''جيڪڏهن مان
پوان تہ پوءِ کيس نوڪري ملي سگهي ٿي.'' مان عجب مان ڏان
نهاريندو رهيس ۽ جيستائين ڪجھہ چوان ان کان اڳہ مايوس ٿي
مونواڻيءَ چيو، ''ليڪن مرڻ ڇا پنهنجي وس جي ڳالهہ آهي
سندس اشارو بئنڪ جي اسڪيم ڏانهن هيو جنهن مطابق نوڪ
ڪندي ڪوئي ڪرمچاري مري پوي تہ پوءِ ان جي وارث کي نوڪ
ملي سگهندي آهي.

مون وري بہ کيس سمجھائيندي چيو، ''توهين بلڪل
سوچي رهيا آهيو. پٽن ۾ سيني کي موهہ ٿيندو آهي، اِهوسڀاويڪ
ليڪن موهہ وس اوهان بيڪار جي چنتا ڪري رهيا آهيو.''مون
هندوستان جي اتهاس ۾ بادشاهہ بابر جي قربانيءَ جو قصو ياد
ويو جنهن بہ پنهنجي پٽ همايون جي جان بچائڻ لاءِ پنهنجي
جي قرباني ڏني هئي!

ٻن ٽن ڏينهن کان مونواڻي صاحب آفيس ڪونہ ٿي ويو، پ
ٿي معلوم ٿيو تہ کيس بخار هو. مون سمجھيو بخار ڪنگھہ تہ روا
ڳالهہ آهي، هر ڪنهن کي پيو ٿيندو آهي. ليڪن ان ڏينهن
سهڪندي سهڪندي اچي دروازو کڙڪايو. چيائين، ''دادا کي ا
ڇا تو ٿئي، توهين جلد هلو.....'' هُو وڌيڪ ڪجھہ بہ سمجھائي
سگهيو. مان بہ تڪڙو تڪڙو مٿي چڙهي آيس. ڏٺم تہ مونواڻي صاح
پلنگ تي ليٽي رهيو هو. منهنجي پهچڻ تي پنهنجي سيني تي ه

”ان پرائي سنبند جي ڪارڻ مان هن سان گڏ شاديءَ جو ڪارڊ بہ موڪلي رهيو آهيان. شادي منهنجي ڌيءَ جي آهي. ان موقعي تي جيڪڏهن توهين بہ اچي درشن ڏيندا تہ مان پاڻ کي وڏ ڀاڳي سمجهندس - اوهانجو اجيہ ناگپال.“

جيئن نہ ڪنهن اونداهي غفا ۾ اچانڪ روشنيءَ جو هڪ ڪرڻو داخل ٿيڻ سان غفا ۾ رکيل هر شيءَ روشن ٿي پوندي آهي، تيئن ئي سيما جي ذهن ۾ بہ ٿيو. ماضيءَ جا ڪي سنهرا پَلَ جن کي سميٽي هن دفن ڪري ڇڏيو هو، سي هڪ هڪ ٿي ظاهر ٿيڻ لڳا.

تڏهن سيما اجاسترهن سالن جي هئي ۽ ڪاليج ۾ پڙهندي هئي. پريوار جي هيءَ پهرين ڇوڪريءَ هئي جنهن ڪاليج جو مُنهن ڏٺو هو. پڙهڻ ۾ تيز فهم ۽ هوشيار ڇوڪري هئي جنهن لاءِ سندس مائٽن کي هميشهہ فخر رهندو هو.

ساڳي ئي ڪاليج ۾ اجيہ بہ پڙهندو هو، پر هوُ سيما کان هڪ سال سينيئر هو. سندن پهريون مڪاميلو تڏهن ٿيو هو جڏهن هڪ تيز برسات ۾ سيما ڀڄندي ٿي ويئي ۽ اجيہ اچي هن کي پنهنجي ڇٽيءَ جو سهارو ڏيئي بس اسٽاپ تائين پهچايو هو. تنهن کان پوءِ جڏهن بہ هوُ هڪ ٻي جي سامهون اچي ويندا هئا تہ مشڪي ڏيندا هئا. نہ ڪڏهن سيما هن سان ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪئي نہ اجيہ ئي اڳرو قدم کڻي هن رشتي کي وڌائڻ جي ڪوشش ڪئي.

ڪجهہ وقت گذرڻ بعد سيما اِئين محسوس ڪرڻ لڳي جڻ تہ هن اندر ئي اندر اجيہ کي چاهيو ٿي. هوءَ ڄاڻي واڻي ۽ بي مطلب اهڙي رستي تان نڪرندي هئي ۽ اهڙيءَ جڳهہ تي پهچي ويندي هئي جتان اجيہ کي ڪراس ڪرڻ جو وجهہ ملي. سيما اِهو بہ محسوس ڪيو تہ اجيہ بہ ڪيس چاهيو ٿي ڇو تہ جڏهن جڏهن هوءَ ڪاليج جي مين گيٽ وٽان لنگهڻ واري هوندي هئي تہ اجيہ اُتي اڳوات ئي بيٺو هوندو هو گويا گيٽ وٽ پهچي هوُ سندس اِنتظار ڪندو هجي ۽ جڏهن هڪ ٻئي کي ڏسي ۽ هڪ ٻئي کي ڪيڪاري سيما لنگهي ويندي هئي تہ پوءِ اجيہ بہ هليو ويندو هو.

''شايد سچ هجي''

سيما جو پنجون ناول ''گهٽنا'' ڇپجي چڪو هو ۽ جتان
پانڪن جي ساراهہ ڀريا خط وٽس اچي رهيا هئا. سيما اِئين تہ را
اسڪول جي پرنسيپال هئي ليڪن پنهنجي تمام مشغولين جي ب
هوءَ وقت ڪڍي ليکہ ۽ ڪهاڻيون بہ لکي وٺندي هئي، جي ملڪ
ڪيترين مقبول اخبارن ۽ رسالن ۾ پيا ڇپجندا هئا.

اڄ بہ ٽپالي ڪيترائي خط پهچائي ويو. سيما جي اِها ؛
هئي تہ هوءَ سيني چنين تان پهريائين موڪليندڙ جو نالو پڙه
هئي، پوءِ هڪ هڪ خط ڦاڙي ان خط جو مضمون پڙهندي هئي. ا
پهتل خطن تان موڪليندڙن جا نالا پڙهندي، هڪ خط تي موڪل
جو نالو پڙهي ڪائنس ڇرڪ نڪري ويو. خط اجيہ ناگپال وٽان آيل
نالي جي هيٺان لکيل هو: وائيس چانسلر، ناگپور يونيورسٽي، ناگ
سيما کي لڳو تہ هوءَ اجيہ کي سڃاڻندي آهي ۽ کيس هڪدم ياد ا
ويو تہ اجيہ ناگپال ساڻس ساڳي ئي ڪاليج ۾ پڙهندو هو.

سيما ٻيا سڀ لفافا پاسيرا رکي تڪڙ تڪڙ ۾ هيَ لفافو ڦا
ورتو. لفافي جي چنيءَ سان گڏ هڪ شاديءَ جو نينڊ پتر پڻ نڪ
شاديءَ جو ڪارڊ الڳہ رکي، سيما پهريائين چنِي پڙهڻ چاهي. چ
جو مضمون هن طرح هو: ''سيما جي ! مان هميشهہ اوهانجا لکيل ؛
پڙهندو آهيان ۽ اوهانجو تازو لکيل ناول 'گهٽنا' بہ پڙهيو آهي. سا
۾ جيڪي بہ لکان ٿورو آهي. اِستريءَ جي ڪمزوريءَ تي هڪ استر
ئي ڪاميابيءَ سان لکي سگهي ٿي. اوهان ناول جي وشيہ سان خوب نـ
آهي جنهن لاءِ اوهان کي لک لکہ واڌايون ٿو ڏيان.''

''اڄ کان ٽيهہ سال اڳہ مان اِتان جي نئشنل ڪاليج ۾ پڙه
هوس ۽ جيڪڏهن مان غلط نہ آهيان تہ توهين بہ ساڳي ڪاليج
پڙهندا هئا ۽ مون کان هڪ سال جونيئر ڪلاس ۾ هئا. ان کان
اوهان سان ملاقات ڪونہ ٿي آهي، ليڪن ناول ۾ ڇپيل اوهانجو ڦ
چٽيءَ طرح سڃاڻي سگهيس.''

صامنديءَ جي آمريڪا هليو ويو ۽ گذريل ٽيهن سالن ۾ هڪ دفعو بہ پس ڪونہ آيو. نہ ڪڏهن مائٽن جو خيال آيس نہ ڪڏهن سيما جو ماڻ ئي لڌائين. اِئين پئي ٻڌڻ ۾ آيو تہ اُتي ڪاوڏي نوڪري ملي يس ۽ اُتي ئي ڪنهن گوري ڇوڪريءَ سان شادي ڪري پنهنجو ئون گهر اڏيو هئائين.

سيما ڪجهہ وقت تہ ساهرن سان گڏ رهي، ليڪن جڏهن نيش جي موٽڻ جي ڪا بہ اميد نہ رهي تہ پوءِ پيڪن ۾ اچي رهي ۽ هڪ اسڪول ۾ ماستري ڪرڻ لڳي جتان وڌندي وڌندي اڄ هوءَ اُن ئي سڪول جي پرنسيپال هئي.

سيما جڏهن ماضيءَ جي مهراڻ مان ٻاهر نڪتي تہ سندس من چنچل هو. هن اجيہ جي چٺيءَ کي ورائي ورائي پڙهيو ۽ سندس من ۾ اجيہ سان هڪ دفعو ملڻ جي چاهنا زور پڪڙڻ لڳي. هن اِئين پئي محسوس ڪيو گويا ٽيهہ سال اڳہ اجيہ جي چٺيءَ جواب نہ ڏيئي هن ڪا ڀاري غلطي ڪئي هئي. جيڪڏهن هوءَ غلطي نہ ڪري ها تہ اڄ سندس دنيا ڪجهہ ٻيءَ طرح جي هجي ها. هيءَ غلطي هاڻي سڌري تہ ڪونہ ٿي سگهي ليڪن اجيہ سان ملي ڪانئس معافي تہ گهري ٿي سگهي. اِهو خيال ڪري سيما ناگپور وڃڻ لاءِ اوٽ موٽ جي ٽڪيٽ جو بندوبست ڪري ڇڏيو.

ناگپور اسٽيشن تي سيما کي وٺڻ لاءِ اجيہ سان گڏ سندس ڌرمپتني شيلا پڻ آئي هئي. شيلا ساڻس اِئين گڏي گويا ٻئي سڳيون ڀينر هجن ۽ وڏي مدت جي وڇوڙي کان پوءِ مليون هجن. سيما کي لڳو تہ اجيہ شيلا کي سندن ڪاليجي پريم جي باري ۾ ڪجهہ ڪونہ ٻڌايو هوندو، نہ تہ هوءَ هن طرح جو وهنوار شايد نہ ڪري ها.

گهر ۾ شاديءَ جو ماحول هوندي بہ سيما کي الڳہ ڪمري ۾ رهايو ويو، جيتوڻيڪ ٻيا مهمان ڪمرن ۾ ڪچاڪچ ڀريل هئا. سڀني مهمانن سان سندس واقفيت اِئين ڪرائي وئي تہ هوءَ وڏي ليکڪا هئي ۽ اهڙيءَ شخصيت جو شاديءَ ۾ اچي شامل ٿيڻ اجيہ لاءِ بيحد فخر جي ڳالهہ هئي.

هنن ٻنهي جو هي خاموش پيار دنيا کان لڪل رهيو ۽
ورهيه گذري ويا. هڪ ڏينهن جڏهن سيما ڪاليج جي گيٽ وٽ
مره جيان لنگهي رهي هئي ته اجيه ڏانهس وڌي آيو ۽ اچي
هٿن ۾ بند لفافو ڏنو. سيما جڏهن سوالي نگاهن سان ڏانهس نها
اجيه چيس ته گهر وڃي پڙهجانءِ ۽ مان جواب جو اِنتظار ڪند

گهر اچي بند ڪمري ۾ سيما اُهو لفافو کوليو ۽
پڙهي. چٺيءَ ۾ اجيه پنهنجي دل جو احوال لکيو هو ته هن سيم
بيحد چاهيو ٿي ۽ کيس پنهنجو جيون ساٿي بڻائڻ لاءِ تيا
جيڪڏهن سيما اِن لاءِ راضي هجي. اِهو ڄاڻي سيما جي د
ڪٽڪٽائي ٿي هئي ۽ سندس روم روم ۾ آنند جو احساس ٿيڻ لڳ
اُها سڄي رات هن پاسا بدليندي ۽ عجيب سپنا ڏسندي گذاري

ليڪن سيما بيحد ئي شرميلي سڀاءَ جي هئي. منجهس ا
همت ڪونه هئي جو هوءَ ڳالهه پنهنجي مائٽن سان ڪري س
سندس مائٽ پراڻي خيالات جا هئا، اُها کيس بخوبي ڄاڻ د
ڪائي به هاءِ ويلا مچي وڃي ان کان بچڻ لاءِ سيما نه رڳو چٺي
ڇڏي، بلڪ ان جو جواب به اجيه کي نه ڏنو.

ڪجهه ئي ڏينهن بعد سيما جو ڪاليج پورو ٿيو ۽ سن
مائٽن سندس شادي هڪ منيش نالي ڇوڪري سان ڪرائي ڇ
سندس مائٽن نه ته سيما کان ئي ڪجهه پڇيو، نه پڇڻ جي ڪاضر
ئي سمجهي هوندي ڇو ته سندن دقيانوسي سوچ ڪڏهن به ڇوڪ
کي پنهنجي پسنديءَ مطابق شادي ڪرڻ جي اِجازت نه ڏيئي س
ها.

منيش پڙهيل ڳڙهيل ڇوڪرو هو. سٺي نوڪري هيس ۽
گهراڻي مان پڻ هو. هڪ اِها گهٽتائي هيس ته هوُ بيحد
مهتوڪانڪشي هو، يعني ته هن گهٽي کان گهڻو ناڻو ڪمائڻ ٿي چا
۽ دنيا جو هر سک جو ڀوڳه وٺڻ ٿي چاهيو. اهڙا شخص ڪڏهن
موجوده حالات مان خوش نه رهندا آهن ۽ هميشه سونهري پوشيه
تلاش ۾ هوندا آهن. منيش به هتان جي نوڪري ڇڏي مائٽن جي

ديويءَ کي ديش جي مشهور ۽ ڪامياب ليکڪا بڻائي ڇڏيو ۽ هي اجيہ
ناگپال هتان جي يونيورسٽيءَ جو ڪامياب وائيس چانسلر بڻجي
سگهيو.'' شيلا اجا بہ مشڪي رهي هئي. اجيہ ۽ سيما کي لڳو تہ شيلا
شايد سچ چئي رهي هئي !

(ڪونج 2012)

✧✧✧✧

بي ڏينهن ئي شاديءَ جو گوڙ گنبوڙ گهٽجي ويو ۽ سڀ هليا ويا. اڪيلي سيما ئي وڃي بچي هئي جا به وڃڻ جي تياري رهي هئي. تڏهن اجيه اچانڪ سندس ڪمري ۾ گهڙي آيو ۽ اچ ڪرسيءَ تي ويٺو. سيما به پئڪنگ جو ڪم ڇڏي اچي ٻيءَ ڪرس ويٺي. اجيه ڪجهه چوي ان کان اڳ سيما چيو، ”مون پڻ وڃڻ توهان سان ڳالهائڻ ٿي چاهيو، چڱو ٿيو جو توهين خود ئي اچي

اجيه ڄڻ ته ڪيس جي ڪا فتوا ٻڌڻ لاءِ اچي چپ چا هو. سيما چيو، ”مان ٽيهن سالن کان هڪ عجيب احساس جو پ ڍويو آهي. مون کي لڳندو آهي ته مون اوهان جي ڏنل خط جو جو ڏيئي ڀاري غلطي ڪئي هئي. جيڪڏهن اُها غلطي نه ڪريان ها منهنجي دنيا ٻي ڪجهه هجي ها.“ چوندي چوندي سندس دل آئي ۽ هوءَ چپ ٿي ويئي.

اجيه ڀريائين ته سيما جي مُنهن ۾ گهوري نهاريو ۽ پوءِ ”مون به ٽيهن سالن کان اِئين پئي سوچيو آهي ته مون کان به غلطي ٿي ويئي. جيڪڏهن تنهنجو جواب نه مليو ته مان به ت اڳرو قدم کڻي پنهنجي مائٽن کي مڃائي ٿي سگهيس، جو م ڪيو ۽ تنهنجي زندگيءَ ۾ جو ٿي گذريو ان لاءِ مان جوابدار آهيا

ان وقت اچانڪ شيلا به ڪمري ۾ گهڙي آئي. سيما ۽ اِئين گهبرائجي ويا ڄڻ ڪا چوري ڪندي پڪڙيا هجن. ليڪن مشڪندي چيو، ”مون اوهان ٻنهي جون ڳالهيون ٻڌيون آهن ۽ مو لڳي ٿو ته غلطي هڪ کان نه پر توهان ٻنهي کان ٿي آهي.“ شيلا به اڳيان ايندي چيو، ”ليڪن ٻنهي جي هيءَ غلطي وڏي فائدي و ثابت ٿي آهي!“

اجيه ۽ سيما سوالي نگاهن سان شيلا جي هن بيان تي ڏان نهارڻ لڳا، تڏهن شيلا چيو، ”جيڪڏهن توهان هيءَ غلطي نه ڪيو جي اوهان جي شادي ٿي وڃي ها ته توهان هڪ ساڌارڻ پتي پتن جي جيون گذاري سگهو ها. ليڪن هيءَ ڀاري غلطي ڪرڻ سان توه جي دلين ۾ جا ويدنا پيدا ٿي تنهن ڪمال جو ڪم ڪيو. ان ويدنا س

ئہ جئہ جا آواز اچڻ لڳا.

نيتاجيءَ ڳلاس مان پاڻي جا ٻہ ڍڪ پريندي چيو، ”تعليم جي
يتر ۾ اسانجو ملڪ ڪيڏو نہ پوئتي پئجي ويو آهي. اڌ کان وڌيڪ جنتا
جا ٻہ اڻپڙهيل آهي، جنهن ڪري اسانجو ديش پنتي پيل ملڪن ۾
مار ٿي رهيو آهي. اِها ٻہ بيحد لڄ جي ڳالهہ آهي. ليڪن اسان جي
سرڪار تعيلم تي خاص ڌيان ڏيندي جيئن ملڪ ۾ ڪوبہ اڻ پڙهيل نہ
هجي. هرهڪ ديشواسيءَ کي پرائمري اسڪول کان وٺي ڪاليج تائين
مفت تعليم ڏيڻ جو بندوبست ڪيو ويندو.“ وري بہ تاڙين جو ٺهڪو
يو جو ڪيتري دير تائين هلندو رهيو.

”هڪ ٻي بہ شرم جي ڳالهہ آهي تہ اڄ اسان کي پيئڻ جو
پاڻيءَ بہ ڪونہ ٿو ملي. ويچارن ڳوٺ وارن کي ڪٿان ڪٿان وڃي پاڻي
تو پري اچڻو پوي. ليڪن اسانجي راڄ ۾ هر هڪ شهر ۽ ڳوٺڙي ۾ در
در تي پيئڻ جو پاڻي پهچايو ويندو ۽ ڪنهن کي بہ پريان وڃي پاڻي
آڻڻو نہ پوندو.“ خوشيءَ ۾ اچي ڪيترائي ڄڻا نچڻ لڳا ۽ نيتاجيءَ جي
جئہ جئہ جا نعرا هڻڻ لڳا.

نيتاجيءَ اڳتي هلي چيو، ”اجوڪي وگيان ۽ تڪنڪي يگ ۾
بجليءَ جو هئڻ هڪ اهم ڳالهہ آهي. ليڪن اسانجي هاڻوڪي سرڪار
ڪڏهن بہ ان طرف ڌيان ڪونہ ڏنو. بجليءَ جي اڻاٺ آهي. نوان
ڪارخانا کلن ڪونہ ٿا ۽ هلندڙ ڪارخانا بند پيا ٿيندا وڃن. اسانجي
راڄ ۾ گهرج کان وڌيڪ بجلي پئدا ڪئي ويندي، جيئن هر هڪ شهر ۽
هر هڪ ڳوٺ ۾ چوويهہ ڪلاڪ بجلي ملندي رهي.“ سڀا جو سڄو وايو
منڊل آسمان ڏاريندڙ تاڙين ۽ توتارين جي آواز سان گونججڻ لڳو.

”اسان ڪسان کي بہ ڪونہ وساري سگهنداسين .نہ صرف ڪسان
کي چوويهہ ڪلاڪ بجلي ۽ پاڻي ڏنو ويندو، پر سندس قرض جي سموري
بقايا پڻ معاف ڪئي ويندي، ڇو تہ ڪسان اسان جي ايڪاناميءَ جو
مکيہ انگ آهي. اسانجو ديش ڳوٺن ۾ وسي ٿو. جيڪڏهن ڳوٺن جا
ڪسان خوش هوندا تہ سڄو ديش خوش هوندو.“واهہ واهہ جا نعرا لڳڻ
شروع ٿي ويا.

''گھوشڻا پتر''

شهر جي سموري خلق گانڌي ميدان تي اچي کٽي تي
اڄ نيتاجي دهليءَ مان اچڻو هو، جنهن لاءِ خاص سڀا جو بندو
ڪيو ويو هو. اِئين ٻڌايو ويو هو ته سڀا ۾ نيتاجي ايندڙ چونڊ
پارٽيءَ جو گهوشڻا پتر ظاهر ڪرڻ وارو هو. ان ڳالهه لاءِ جنتا ۾
اتساهه هو ۽ انڪري وقت کان اڳ ئي سمورو ميدان ڀرجي ويو
سڀني اخبارن جا خاطو پڻ نيتا جي تقرير جو انتظار ڪري رهيا

مقرر وقت کان ٻه ڪلاڪ پوءِ نيتاجي سڀا ۾ آيو، ليڪن ان
جنتا جي اتساهه ۾ ڪابه گهٽتائي نظر نه آئي. نيتاجيءَ جي اچڻ
سڀا جي ڪاروائي شروع ڪئي وئي. نيتاجيءَ جو سواگت ڪندي سن
ڳڻن جي ساراهه ڪئي ويئي ۽ ٻڌايو ويو ته ديش جو ٻڏندڙ ٻيڙو ص
نيتاجي ئي پار لڳائي سگهي ٿو. نيتاجيءَ دير سان اچڻ لاءِ معافي و
۽ پوءِ پنهنجو ڀاشڻ شروع ڪيو.

هن چيو، ''جيڪڏهن مرڪز ۾ اسانجي پارٽي گهڻائيءَ
چونڊجي آئي ۽ جيڪڏهن اسانجي سرڪار ٺهي ته اسانجي پارٽي د
ڪي سرڳ ٺاهي ڇڏيندي.'' سڀي پاسن کان تاڙيون وڄڻ شروع ٿي

''اسانجي ملڪ کي آزاد ٿئي پنجهه سال گذري ويا آ
ليڪن ان کان پوءِ به اسان جي ملڪ ۾ جو هيتري بيروزگاري لڳي
آهي، سا سچ ته اسان لاءِ لعنت جي ڳالهه آهي. ليڪن اسانجو ان
آهي ته اسان جي راڄ ۾ هڪ ڄڻو به بيروزگار نه رهندو. هرهڪ پڙه
قابل ديشواسيءَ کي سندس قابليت جي آڌار تي روزگار ڏنو ويند
وري به چوڌاري تاڙيون وڄڻ شروع ٿي ويون.

''اڄ اسانجو ديش غريب آهي . ان غريبيءَ سبب ڪيترا
ديشواسي آتم هتيا ڪري رهيا آهن. اِها اسان لاءِ ڪيڏي نه شرم
ڳالهه آهي. اسان جي حڪومت ۾ هڪ ڄڻو به غريب نه رهندو. غري
کي اسين پاڙون پٽي ڇڏينداسين، غريبيءَ جو نالو نشان به گم
ويندو. هر ڪنهن کي کائڻ لاءِ جهجهو اناج ملندو.'' تاڙين سان

”پاروتي اخبار“

تنهن ڏينهن مان آگري کان بمبئيءَ تائين ٽرين جو سفر ڪري رهيو هوس. سوير صبوح جو گاڏي ڀوپال اسٽيشن تي اچي پهتي ۽ مان ناشتي جو بندوبست ڪرڻ لاءِ گاڏيءَ مان هيٺ لهي ويس. جڏهن موٽي آيس تہ منهنجي سيٽ تي هڪ نوجوان شخص ويٺو هو ۽ مزي سان ڪا مخزن پڙهي رهيو هو. منهنجي سوالي نگاهہ جي جواب ۾ هن مشڪي ڏنو ۽ چيو، ”اچو ڀائو اچو، مان تہ بس اٽارسي تائين ويندس“ ۽ هن سُري پُري منهنجي ويهڻ لاءِ جڳهہ ٺاهي ورتي جڻ تہ مون تي ٿي مهرباني ڪري سيٽ تي ويهڻ تي ڏنائين. هن نوجوان جو اِئين ڪرڻ مونکي نيڪ تہ نہ لڳو پر هڪ اسپيہ اِنسان جيان ڪيس سيٽ تان اُٿاري ڇڏيان، سو بہ مونکي نيڪ نہ لڳو. مان چپ چاپ سندس ڏنل جڳهہ تي اچي ويهي رهيس.

نوجوان ڪي جينس ۽ ٽي شرٽ پاتل هئا ۽ هوُ ڪافي سمارٽ ٿي لڳو. اکين تي ڪارو چشمو چڙهيل هوس ۽ وار پنئين پاسي ڌانهن وريل هيس، جيئن اڄڪلهہ جا نوجوان ڇوڪرا اڪثر ڪندا آهن. هوُ رنگ ۾ پورو پنو هو پر قد ۾ ڪافي ڌگهو ٿي لڳو. ڳالهائڻ مان پتو لڳو تہ ڀوپال ۾ بئراڳڙهہ ۾ رهندو هو ۽ نالو هيمن هوس. ڪنهن سرڪاري آفيس ۾ نوڪري ٿي ڪيائين ۽ ڪنهن شخصي ڪم واسطي اٽارسيءَ پنهنجي پيڻ ڏانهن ٿي ويو.

گاڏي ڀوپال کان هلي تہ گهورڙين جو اچڻ بہ چالو ٿي ويو. هيمن ڪي هڪ چانهہ گهربي هئي. انڪري هڪ چانهہ واري ڪي روڪي هن چانهہ وٺڻ چاهي. مون ڏانهن بہ نهاريائين شايد اهو پڇڻ لاءِ تہ مان بہ چانهہ پيئندس چا، ليڪن مون ڪيس منع ڪري ڇڏي. هيمن ڪيسي مان پنجن روپين جو نوٽ ڪڍي چانهہ واري کي ڏنو، ليڪن چانهہ واري پڻ پڻ ڪندي نوٽ ڪيس واپس ڪري چيو، ”صاحب هي نوٽ تہ بلڪل ڦاٽل آهي، اصل ڪونہ هلندو.“ هيمن هن سان گهڻو ئي مٿو ماريو تہ نوٽ هلي ويندو، ليڪن چانهہ واري نوٽ وٺڻ کان بلڪل

تڏهن هڪ نوجوان جو پهرينءَ صف ۾ وينو هو، سو اُٿي
نيتاجيءَ ڏانهن منهن ڪري چيو، ”اِهي سڀ تہ سوٌليون ڳ
آهن جي توهان ٻڌايون آهن. ليڪن هڪڙي ڳالهہ آهي جا
بلڪل ئي ڪونہ ڪري سگهندا!“

نيتاجيءَ اِئين محسوس ڪيو ڄڻ گويا هوُ وڏان سيا ۾ هو ۽ آپ
ڏر جو ڪوئي ميمبر ڪيس للڪاري رهيو هو. هن هڪدم پ
محڪم ارادو ڏيکاريندي چيو، ”اسين سڀ ڪجهہ ڪري س
آهيون . اسانجو گهوشڻا پتر پڙهي ڏسو، ان ۾ سڀ لکيل آهي. تو
ٻڌاءِ، اسين ڇا نہ تا ڪري سگهون؟“

تڏهن نوجوان اڳتي وڌي اچي چيو، ”ڇا توهين ڌرتي
چنڊ تائين پُل ناهي سگهندا ؟“

نيتاجيءَ ساڳي نوع ۾ جواب ڏيندي چيو، ”ڇو ڪين
کهڙي ڏکي ڳالهہ آهي. جنتا جي سکءَ سهنج لاءِ جيڪڏهن ض
سمجهيو ويو تہ اسين ڌرتيءَ کان چنڊ تائين پڪي پُل بہ ٺه
ڏيکاريندا اسين. هيءَ ڳالهہ اسين پارٽيءَ جي گهوشڻا پتر ۾ پڻ
ڪنداسين.“

سڀا پوري تيءَ سڀ خوش ٿي وڃڻ لڳا. تڏهن هڪ
جي خاطوءَ نيتاجيءَ جي پرسان اچي پڇيو، ”پائو صاحب، هيءَ ڌ
کان چنڊ تائين پُل ناهڻ جي ڳالهہ تہ اسان کي سمجهہ ۾ ڪونہ
اِهو تہ بلڪل ئي ناممڪن ڪم آهي.“

”تڏهن بيون ڳالهيون جي مون چيون سي ڇا توکي مم
ٿيون لڳن.“ اِئين چونديءَ کلندي نيتاجي پنهنجي
ڪار ۾ وڃي وينوءَ روانو ٿي ويو.

◇◇◇◇

مون جڏهن پڙهڻ لاءِ سندس هٿن مان اخبار ورتي ۽ پهرين
ڀيج جون هيڊ لائينس تي سرسري نظر وڌي تہ مون کان وڏو ٽهڪ
نڪري ويو ۽ مون چيو، ''اڙي هيمن ! تون برابر هوشيار آهين، ليڪن
ني اخبار وارو توکان بہ وڌيڪ هوشيار نڪتو. هي ڏس ڪالهہ جي پراڻي
ا پاروتي اخبار تنهنجي متي ۾ هٿي ويو!'' هيمن تعجب مان اکيون
ڦاڙي اخبار جي تاريخ چيڪ ڪرڻ لڳو، جڻ تہ کيس منهنجي ڳالهہ
ني اعتبار ئي نہ ٿي آيو. جڏهن کيس پوري پڪ ٿي تہ اخبار ڪالهہ
واري پراڻي هئي، تڏهن مون سندس پٺيءَ تي هٿ رکندي چيو،
''پائي هيمن، تون مڃين يا نہ مڃين، تنهنجي من ۾ جڏهن
پئيماني جاڳي ۽ توکي اخبار واري کي ٺڳڻ جو ويچار آيو تہ ساڳيو
ويچار اخبار واري جي من ۾ بہ آيو هوندو ۽ اوهان ٻنهي هڪ ٻي کي
ٺڳي ليکو صاف ڪري ڇڏيو.''
هيمن کي برو لڳو يا سٺو، سو تہ مان چئي نٿو سگهان، ليڪن
اٿارسيءَ تي ٻي مياري سلام ڪري هو چپ چاپ لهي ويو.

✧✧✧✧

ئي اِنڪار ڪيو. لاچار تي هيمن ڪيسي مان ٻيو نوٽ ڪڍي چانهہ کي ڏنو ۽ چانهہ وارو هليو ويو.

گاڏي ڀوپال کان هوشنگ آباد اچي پهتي تہ هڪ مائي سنگترن جي ٽوڪري رکي گهڙي آئي. هوڪو پئي ڏنائين تہ روپين جا ٽي سنگترا. هيمن اُهي بہ ورتا ۽ مائيءَ کي ساڳيو ئي نوٽ هٿ ۾ ڏنو، جو مائيءَ بہ وٺڻ کان اِنڪار ڪيو ۽ ڪيس موٽائ لاچار مائيءَ کي بہ ٻيو نوٽ ڏيڻو پيس.

مون هي سمورو لقاءُ ويني ڏٺو. منهنجي دل نہ رهي هيمن ڏانهن نهاريندي چيو، ''يار، هي نوٽ تہ ڪوئي بہ ڪونہ اجايو بيڪار ۾ پيو ان کي هلائڻ جي ڪوشش ڪرين. صفا ٻہ اڌ تہ ڪٽي بئنڪ ۾ وڃي مٽائي اچجانءِ.''

منهنجي ان صلاح کي هيمن شايد چئلينج ڪري سمج بيحد گنڀير ٿي چيو، ''اجهو تو هي ساڳيو نوٽ هلائي ڏيکا توهين صرف هيڏانهن تي ويهو ۽ مونکي دريءَ وٽ ويهڻ جي ڏيو.'' مون روئنشو سمجهي کيس دريءَ وٽ ويهڻ ڏنو ۽ مان س جڳهہ تي اچي وينس.

گاڏيءَ وري سيٽي هنئين ۽ آهستي آهستي چرڻ لڳي. ه زور سان چلائي هڪ اِخبار واري ڇوڪري کي اخبار ڏيڻلاءِ پاڻ ڏ سڏ ڪيو. اخبار وارو ڊوڙندو آيو ۽ اچي اخبار هيمن جي هٿن ۾ هيمن جيستائين ڪيسي مان پيسا ڪڍي اخبار وارو بہ گاڏيءَ سان لڳو. گاڏيءَ جڏهن چڱي رفتار پڪڙي تڏهن هيمن اُهو ئي ساڳيو نوٽ ڪڍي اخبار واري جي هٿ ۾ ڏنو ۽ اخبار وارو ڇوڪرو جيستا ان نوٽ کي جاچي ڏسي، ان کان اڳہ گاڏي فل اسپيڊ ۾ اچي چ هئي ۽ اسٽيشن ۽ اخبار وارو پٺيان رهجي ويا.

مان هيمن جي هوشياريءَ کي داد ڏيڻ کان سواءِ رهي سگهيس. هوُ پنهنجي چالاڪيءَ تي فخر ڪرڻ لڳو ۽ چيو، ''يائو، ڏ نہ، اڄڪلهہ آڱر کي ٽيڙو تو ڪرڻو پوي، تڏهن ئي ڪم راس ٿئي ٿ گاڏيءَ ۾ وينل ٻيا مسافر بہ سندس واهہ واهہ ڪرڻ لڳا.

نهنجي ڏنڏي جي جوابداري بہ ڏيئي ڇڏي، جتي بہ هن پنهنجي
سچائيءَ جو ۽ اورچائيءَ جو سٺو ثبوت ڏنو. نندوُ جڏهن جوان ٿيو تہ
سيٺ ديارام پنهنجي ئي هڪ غريب ڪڙميءَ جي ڌيءَ راڌا سان هن
جي شادي ڪرائي ڇڏي ۽ رهڻ لاءِ پنهنجي ئي هڪ زمين جي ٽڪر تي
کين هڪ ننڍي جهوپڙي ٺهرائي ڏني، جنهن ۾ هي ٻئي جڻا سک جي
زندگي گذارڻ لڳا.

نندوُ ڪائڻ جو شوقين هو ۽ راڌا جي هٿن ۾ جڻ تہ ڪا ڪرامت
ڀريل هئي جو هوءَ عمدا عمدا طعام ناهي وٺندي هئي ۽ نندوُ هٿ
چٽيندو رهندو هو. ڪڏهن تہ اهڙي بہ حالت ٿيندي هئي جو
راڌا جي ٺهيل سموري سبزي ۽ پچايل ڦلڪا نندوُ اڪيلو ئي ڪائي پورا
ڪري ڇڏيندو هو ۽ ويچاري راڌا کي نئين سر پنهنجي لاءِ ڪاڌو تيار
ڪرڻو پوندو هو يا هوءَ بکئي پيٽ ئي سمهي پوندي هئي. اهڙن موقعن
تي راڌا ناراض ٿيڻ بجاءِ بيحد خوشيءَ جو اظهار ڪندي هئي ۽ اِئين
محسوس ڪندي هئي گويا سندس پيار ساڪار ٿيو هجي.

ليڪن ڪنهن جي تقدير بدلجندي ويرم ئي ڪيتري ٿي لڳي!
راڌا ۽ نندوءَ جي جيون ۾ بهار جي جڳهہ تي خزان اچي واسو ڪيو ۽
سندن سکي جيون ۾ دکن جا ڪارا بادل مڙي آيا جنهن ڪري سندن
جيون ۾ گهور انڌڪار ڇائنجي ويو!

سيٺ ديارام جو انت ڪال ٿي ويو. سندن پٽن جي شروع کان
ئي نندوءَ سان ڪانہ پوندي هئي. ليڪن نندوءَ مٿان پيءُ جي اٿاهہ
وشواس اڳيان هوُ ڪجهہ بہ چئي نہ سگهندا هئا. هاڻي جڏهن ديارام
ئي نہ رهيو تہ هن جي پٽن نندوءَ کي بنان ڪنهن وَجهَ جي ۽ بنان
ڪنهن ڪارڻ جي نوڪريءَ کان بي دخل ڪري ڇڏيو. ويچاري نندوءَ
گهڻيون ئي آزيون نيزاريون ڪيون، ليڪن سيٺ جي پٽن هن جي هڪ
بہ نہ ٻڌي، هٿان سندس رهيل پگهار بہ روڪي ڇڏي. ويچارو نندوُ
اڪيلو ٿي پيو. هڪ تہ اڻ پڙهيل، ٻيو وري غريب، ڪير مٿائنس هٿ
رکي؟ ڪجهہ ڏينهن تہ هن پنهنجي ميڙي چونڊيءَ مان ڪم هلائي گذران
ڪيو، ليڪن ويني ويني بنان ڪمائيءَ جي تہ کوهہ بہ کٽيو وڃن.

”سنيهہ جو سمنڊ“

نندوُ جڏهن گهر موٽيو تہ بڪ ڪان بي حال ٿي رهيو هو.
جو گهر مان نڪرندي وقت جو چانهہ جو هڪ ڪپ پيتو هئا
وري اَن جو هڪ داڻو بہ ڪونہ چکيو هئائين. اچڻ سان ئي راڌ
بيتاب ٿيندي پڇيو، ”منهنجو تہ بڪ ڪان ساهہ ٿو نڪري، ٻڌ
ڇا تيار ڪيو اَٿيئي.“

راڌا وراڻيو، ”اڄ تہ تنهنجي لاءِ آلو ۽ مٽرن جي رس
ڀاڄي ناهي آهي ۽ ڦلڪا بہ پچايا آهن، ڪٽي اچان؟“

”ها، هڪدم ڪٽي اچ، تيستائين مان هٿ منهن ڌو
وٺان.“ اِئين چوندي نندوُ هٿ منهن ڌوئڻ لاءِ جهوپڙيءَ ڪان
نڪر جي هڪ ڪونر ۾ رکيل پاڻيءَ طرف هليو ويو.

گهاس ڦوس جي ٺهيل جهوپڙي خالي ڪوڪو هئي.
سان هڪ پڳل کٽ پيل هئي جنهن کي هي ٻئي زال مڙس
سمجهي سمهندا هئا. اِهائي ڪڪائين جهوپڙي سندن تمام ملڪ
هئي ۽ اها ئي جهوپڙي سندن ڊرائنگ روم بہ هئي تہ بيڊروم بہ
انهيءَ جهوپڙيءَ جي هڪ ڪنڊ ڪان ڪچن جو ڪم ورتو ويندو
ٻي ڪنڊ ۾ سنان لاءِ هڪ پٿر رکيل هو.

هٿ منهن ڌوئي نندوُ جڏهن هيٺ زمين تي پٿاريل ڏ
مٿان روزمره جيان اچي ويٺو تہ راڌا ڀاڄي ۽ ڦلڪا آڻي هن جي سا
ٿالهيءَ ۾ رکيا. ڀاڄيءَ کي ڪيويءَ سان ٻاٽليءَ مان لاهيند
ڪٽوري ۾ وجهندي ٻاٽليءَ جو ڍڪ اِئين ڏيئي ڇڏيو جڻ تہ ٻاٽل
اڃا بہ ڪجهہ ڀاڄي پنهنجي لاءِ بچائي هئائين.

نندوُ هڪ بدنصيب ٻار هو. ڏهن سالن جي عمر ۾ ئي پنه
ماءُ - پيءُ وڃائي ويٺو هو. هن ڇني ڇوري جو ڪوبہ دنيا ۾ ڪون
تڏهن سيٺ ديارام مٿس ديا ڪري پنهنجي گهر ۾ نوڪر ڪري
هو. پنهنجي سچائيءَ ۽ اِيمانداريءَ جي ڪري هن سيٺ جي
جيتي ورتي هئي ۽ جڏهن نندوُ ڪجهہ وڏو ٿيو تہ سيٺ ديارام ڪ

تنهنجو ڏيان رڌڻ پچائڻ ۾ ڪونه تو لڳي.'' راڌا حيران ٿي ڏانهس نهاريندي رهي ۽ هوءَ ڪجهه چوي تنهن کان اڳه نندوُ گُرڙي ڪري ٻاهران ئي ٻاهران هليو ويو ۽ ويندي وقت چوندو ويو ''تون جلدي ڪائي ڪڻ، مان اجهو ٿو اچان.''

ويندي ويندي نندوُ سوچيندو رهيوته اڄ هن وڏو ڪوڙ ڳالهايو هو. آلو ۽ مٽرن جي ڀاڄي ته راڌا اڳه کان به وڌيڪ سوادي ٺاهي هئي، پر پوءِ به هن کي اِئين ئي چوڻو پيو ته ڪيس ڀاڄي مان مزو ئي ڪونه آيو. هن ڄاتو ٿي ته ائين چوڻ سان راڌا جي نرم دل کي ضرور ڏکه ٿيو هوندو، ليڪن اِن کان سواءِ وٽس ٻيو ڪو رستو به ته، ڪونه هو. جيڪڏهن هوُ ڀاڄي بچائڻ جي ضد ڪري ها ته راڌا ڪونه ڪو بهانو ٺاهي چوي ها ته ڪيس بک ڪونهي، يا هوءَ آچار سان ئي به ڦلڪا کائي ڪٽندي ۽ اِئين ئي بکئي پيٽ رهجي وڃي ها. هوُ پيٽ ڀري کائي ۽ راڌا بکئي پيٽ سمهي پوي،اِهو نندوُ ڪيئن سهي سگهي ها !

نندوُ رات جو وري جڏهن ماني کائڻ لاءِ اچي پٽ تي ويٺو ته راڌا سندس آڏو اُهائي ڏينهن واري بچيل ڀاڄي ۽ ڦلڪا آڻي سندس سامهون رکيا. نندوُ جڏهن تعجب مان راڌا ڏانهن نهاريو ته هوءَ چپن ئي چپن ۾ مشڪي رهي هئي. چيائين، ''مون ته لوڻ مرچ جو ڦلڪو پچائي کائي ڇڏيو، هيءَ ڀاڄي تو لاءِ رکي اٿم چوته مونکي ڄاڻ آهي ته اوهان ڪوڙ ڳالهائي چيو هو ته ڀاڄي نهي ڪونهي.''

راڌا اجا به مشڪي رهي هئي ۽ نندوءَ محسوس ڪيو ڳويا راڌا جي اکين مان سنيهه جو سمنڊ اُچلون ڏيئي ٻاهر اچڻ جي ڪوشش ڪندو هجي!

پيو ڪو وسيلو نہ ڏسي، ننڍوءَ آخر مزوري ڪرڻ قبول ڪ
بزار جي چؤراهي تي وڃي بيهندو هو، جتي ٻيا مزور بہ اچ
ٿيندا هئا، ڪڏهن تہ ڪيس مزوريءَ جو ڪم ملي ويندو هو،
ڪڏهن تہ ڏينهن جا ڏينهن گذري ويندا هئا ۽ هوُ هٿين خالي
اچي گهر ويهندو هو. ڪڏهن ڪڏهن تہ اهڙي بہ حالت اچي
هئي جو گهر ۾ کائڻ لاءِ ان جو هڪ داڻو بہ ڪونہ هوندو هو ۽ ه
ڄڻا پاڻيءَ جو گلاس پي چپ چاپ سمهي پوندا هئا.

اڄ گهڻن ڏينهن کان پوءِ جڏهن ننڍوءَ کي پنهنجي مز
ڀاڄي کائڻ لاءِ ملي تہ سندس خوشيءَ جي حد ئي نہ رهي. ڀاڄي
سڱنڌ مان ئي ڄڻ تہ سندس اڌ پيٽ ڀرجي ويو هجي.

ڪيترن ڏينهن کان ننڍوُ اِئين محسوس ڪري رهيو
سندن مسڪيني حالت جي ڪري راڌا پورو پيٽ ڀري بہ ڪو
کاڌو، جيتوڻيڪ ٻاهران هوءَ اهڙي ڪابہ نشاني ڪونہ ڏيندي هئي
بہ راڌا ٻاٽلي مان ڀاڄي ڪڍي ڪٽوري ۾ وڌي ۽ ٻاٽلي مٿان ٽڪ
۾ ڍڪ اِئين ڏيئي ڇڏيو گويا ٻاٽلي اندر اڃا بہ ڀاڄي بچيل هئي
پنهنجي کائڻ لاءِ بچائي رکي هئي. ليڪن ننڍوءَ جي تيز
هڪدم پرکي ورتو. هو سمجهي ويو تہ ڀاڄيءَ جي ٻاٽلي خالي
راڌا سموري ڀاڄي سندس ڪٽوري ۾ وجهي کيس کائڻ لاءِ ڏني
پنهنجي لاءِ ڪجهہ بہ نہ بچايو هئائين.

ننڍوُ جيڪڏهن راڌا کي ان لاءِ هڪدم ورجائي ها تہ راڌا
ڪو بهانو ٺاهي ڳالهہ کي ٽاري ڇڏي ها. انڪري ننڍو چپ
ڦلڪا ۽ ڀاڄي کائيندو رهيو ۽ ڪا لک ئي ڪونہ ڏنائين تہ هوُ ڇا
رهيو هو.

اوچتو ئي اوچتو هن کائڻ بند ڪيو ۽ اُٿي ڪڙو ٿيو. راڌا ت
مان ڏانهس نهارڻ لڳي ۽ پڇيو، ”ڇو، اڃا تہ ڀاڄي اڌ بہ کانہ
اٿوءِ بہ ڦلڪا بہ اڃا تائين اِئين ئي سڄا سڄا پيا آهن.“

ننڍوءَ پاڻيءَ جو گلاس پئيندي ۽ وڏي ڊڪار (اوڳرائي) مار
چيو، ”اڄ تہ تنهنجي ڀاڄيءَ مان مزو ئي ڪونہ آيو. لڳي ٿو

جهت رکي مهراج وري پيو سوال ڪيو، ”پلا گايتري منتر جو
ان ۽ سنڌيا وندن تہ صبوح شام جو ضرور ڪندو هوندين، مون تہ توکي
يکاريو هو.“

مون چيو، ”مهراج، اڄ جي هڻ پٽ ۽ ڀڄ ڀڄان واري جيون ۾
ڪنهن کي رکيو آهي ٽائيم جو ويهي پاٺ پوڃا ڪري، اسين تہ صبوح
ان رات تائين ڏڳي وانگر پيا وهون، تڏهن مس وڃي ڏوڏي ٽڪر
صيب ٿو ٿئي.“ مون سوالي اکين سان مهراج کي ڏٺو.

”پاٺ پوڃا نہ سهي، ليڪن گيتا جو پاٺ تہ ضرور ڪندو
هوندين يا ڪڏهن رامائڻ پڙهندو هوندين.“ مهراج سوال مٿان سوال
ڪندو رهيو.

مون چيو، ”مهراج، توهين چئو تہ ٺيڪ ٿا، ليڪن گيتا جو
پاٺ ڪرڻ لاءِ تہ اڃا سموري عمر پيئي آهي..... پڙهي وٺنداسين. ٻار
وڏا ٿين ڏنڌي ڌاڙيءَ سان لڳن تہ پوءِ اِهي ڪم بہ ڪنداسين. باقي
رامائڻ ۽ مهاڀارت جي ڪٿا ٽي.ويءَ تي ڪڏهن ڪڏهن ضرور ڏسندا
آهيون.“

”ٺيڪ آهي... “ چئي مهراج چپ ٿي ويو. مون سمجهيو تہ
مهراج جا سوال پورا ٿيا، ليڪن پل کن ترسي مهراج وري پڇيو،
”ڪڏهن تيرٿ ياترا تي ويو هوندين.....؟ جئن هردوار، رشيڪيش،
امرناٿ.....“

مون ڦٽاڦٽ جواب ڏنو، ”ان پيڙ پريل شهرن ۾ وڃڻ لاءِ اسان
کي همت ئي ڪونهي، مهراج. باقي هر سال اسين گرميءَ جي ڇُٽين ۾
ٻارن سان گڏ سملي يا مسوريءَ ضرور ٿي ايندا آهيون.“

منهنجو جواب مهراج کي ٺيڪ لڳو الاجي نہ، تنهن جي تہ سڌ
ڪونهي، ليڪن مهراج هڪدم پيو سوال ڪيو. ”پلا ڪڏهن ڪنهن
سنت پرش جي ستسنگ تي ويو هوندين... يا ڪنهن ٺڪاڻي مندر ۾
ڪا ڪٿا ٻڌڻ لاءِ ويو هوندين....“

مون وراڻيو، ”نہ....مهراج ...نہ.... انهيءَ لاءِ وقت ڪٿي ٿو
ملي. جڏهن وقت مليو تہ اِهو ڪم بہ ڪنداسين.“

”نياڻيءَ جي شادي“

مِني اسانجي اڪيلي ڌيءَ آهي. وڏي ناز پيار سان ڪيس
آهي. گذريل مهيني سندس مڱڻو ٿيو آهي ۽ ايندڙ مهيني
شاديءَ جي تاريخ مقرر ڪئي آهي. جيئن شاديءَ جو ڪارج س
سماپت ٿئي ۽ سڀ ڪجهه شپ شپ ٿئي، مون اڄي مهراج کي
”مهراج، اسانجي نياڻيءَ جي شاديءَ جو ڪارج آهي، جو توه
ئي ڪرائڻو آهي. اسان جو ويچار آهي ته هيءَ شادي بلڪل ٺي
رسمن موجب ۽ هندو وئدڪ پرمپرا مطابق سمپن ٿئي. ان لاءِ ج
سامگري لڳندي هجي، سا ٻڌايو ته اسين ان جو جوڳو بند
ڪريون.“

مهراج مون ڏانهن گهوُري نهاريو ۽ پڇيو، ”ابا، تون پڻ
تو چئين ته تون هندو آهين؟“

مون مهراج جي هن نه وڻندڙ سوال تي چڙ پريو ۽ چيو
مهراج، مون کي نٿا سڃاڻو؟ جو هيءُ سوال ٿا پڇو. مان ڪرپالدا
پٽ آهيان جو اوهانجو پڪو شرڌالو هو. هاڻ ته هوُ حيات ڪونه
مهراج مشڪندي چيو، ”نه... نه... اهڙي ڳالهه ناهي
اِهو ته ٻڌاءِ ته تو جڻيا پاتا آهن؟“

مون چيو، ”اوهان ئي ته ننڍڙي هوندي پاتا هئا. اوها
شايد وسري ويو هوندو. ڪيترائي سال گذري ويا آهن ان ڳالهه کي
مهراج پنهنجو ڪنڌ لوڏيندي چيو، ”ها... ها... ياد آهي
ئي توهان ٻنهي ڀائرن کي گڏي جڻيا پاتا هئا .... پر اهو ته ٻ
هاڻي ٻچيءَ ۾ جڻيو پائيندو به آهين يا نه؟“

مون کان ڪل نڪري ويئي . مون مشڪندي چيو، ”سچ ٿو
مهراج ته توهان جي هٿن سان پاتل جڻيو ئي پهريون ۽ پويون
هو... ان کان پوءِ ته جڻيو پائڻ جي ڪا ضرورت ئي ڪانه پيئي
ها، پنهنجي شاديءَ تي ۽ پيءُ جي شراڌ تي پنڊت جڻيو ڏنو هو
پوڄا کان پوءِ ته لاهي ڇڏيو.“

''پوڄا''

اسانجي ڪالونيءَ ۾ ۽ اسانجي گهر جي پرسان ميونسپل جو
هڪ ننڍو باغيچو آهي ۽ اُن جي هڪڙي پاسي شِو ڀڳوان جو هڪ ننڍو
مندر پڻ ٺهيل آهي. اوسي پاسي جا ڪيترائي رهواسي هن مندر ۾
درشن ڪري باغيچي ۾ چڪر لڳائيندا آهن ۽ اهڙيءَ طرح انهنجا هڪ
ئي وقت ٻئي ڪم پورا ٿي ويندا آهن. مان به اڪثر ائين ڪندو
آهيان. ايڪ پنٿ دو ڪاج !

هر سال هوليءَ جي شبِ موقعي تي مندر جي طرفان باغيچي
جي وچ تي هوليءَ جو جشن ملهايو ويندو آهي ۽ هولڪا جلائي ويندي
آهي، جنهن ۾ پاڙي جا گهڻا ئي رهواسي اچي شامل ٿيندا آهن:
هولڪا دهن جي ٻي ڏينهن تي صبوح جو سوير کان ئي اگني پوڄا
ڪرڻ واسطي زالن جي چڱي ڀيڙ لڳي ويندي آهي. زالون اڪا ڇتي
ڪير جو ڇٽڪاءُ ڪري اگنيءَ کي ٿڌو ڪنديون آهن.

هولڪا دهن جي ستين ڏينهن تي وري ڏرتيءَ جي پوڄا ڪئي
ويندي آهي، جنهن لاءِ زالون ٻاڙها وستر پهري مندر ۾ ايندڀون آهن ۽
پوءِ ٻاهر اچي ساڳي جڳهہ تي ڏرتي ماتا جي پوڄا ڪنديون آهن جتي
هولڪا دهن ڪيو ويو هو. پوڄا جي آخريءَ ۾ گهران تيار ڪري آندل
پرساد ڏرتيءَ ماتا کي ارپڻ ڪيو ويندو آهي جو اڪثر تريل پوريون ۽
پڪوڙا ۽ ڪا مٺي شيءِ هوندي آهي.

هن دفعي به مان باغ جي بينچ تي ويٺو هوس جو هڪ استري
ٻاڙهي رومال سان ڍڪيل ٿالهي کڻي اچي پوڄا لاءِ پهتي. استري
وچولي عمر جي هئي ۽ ٻاڙهي ساڙهيءَ مٿان ٻاڙي چنري پڻ پهريل
هيس. هوءَ سون جي ڳهڻن سان هيٺ کان مٿي تائين سٽيل هئي،
شايد پوڄا جي ڏينهن سيئي ڳهڻا پائڻ جو منجهن رواج هوندو.

جيئن ئي هيءَ استري هيٺ ويٺي ۽ پوڄا جي ٿالهي زمين تي
رکي ته هڪ پينو غريب ڇوڪري اچي سندس سامهون بيٺي. ڇوڪري
پيرين اگهاڙي، ڦاٽل ڪپڙن ۾ اڌ ننگي، اٽين ۽ ڪليل وارن سان ميري

مهراج چپ ٿي ويو ۽ مون سمجهيو ته مهراج جا سپن
پورا ٿيا. تڏهن مون ٿوري همت ٻڌي کانئس پڇيو، ''...
مهراج... هي سڀ ڇا لاءِ پڇي رهيا آهيو؟ مون ته صرف توهانکي
جي شاديءَ لاءِ چيو.''
تڏهن مهراج مون ڏانهن منهن ڪري گنڀيرتا سان چ
ٿي چيو ته تنهنجي نياڻيءَ جي شادي هندو ريتي رواج موجب
وئدڪ پڌتيءَ سان ٿئي، تمام سٺو ويچار آهي. مون ته بس اِ
ڄاڻڻ چاهيو ته جو ڪجهه وئدڪ ريتي رواج پٽاندڙ ٿيڻ گهرج
وئدڪ پرمپرا جو تون ڪيتري قدر پالن ڪندو آهين. تون نه
پائيندو آهين، نه گايتري منتر جو پاٺ ڪندو آهين، نه گيتا
پڙهندو آهين، نه ڪڏهن ڪا تيرٿ ياترا ڪئي اٿيئي ۽ نه
ڪنهن ستسنگ ۾ ويندو آهين، ته پوءِ نياڻيءَ جي شادي وئدڪ
سان ٿئي، ان مان توکي ڪهڙو لاڀ ملندو؟''
مان بي جواب ٿي مهراج ڏانهن نهاريندو رهيس ۽ مهرا
چاپ پنهنجي ڪمري ۾ هليا ويا.

(سنڌو مشعال

(سنڌو گَوُرو

✧✧✧✧

”پيار جو قرض“

شيلا رڙ ڦاڙيندي چيو، ”انڊي تہ ڪونہ آهين؟ پاڪڙي ۾ ڏاڳو تہ نهي ڪونہ ۽ تون آهين جو وڃين ٿي مشين کي مستيءَ ۾ هلائيندي......“

ڪوشي مشين تي پنهنجو بلائوز سبي رهي هئي، تنهن ڦڪي مشڪ آڻيندي چيو، ”مان بہ اصل ويسارو آهيان ! ڏاڳو تہ مشين ۾ وڌو ئي ڪونهي.....“ ۽ ڏاڳي کي چپن سان آلو ڪري مشين جي سئيءَ ۾ وجهڻ لڳي:

”پيلا دل وسندي هوندءِ ڪنهن بي هند تہ پوءِ ڏاڳو وجهڻ ڪٿان ياد ايندءِ.“ شيلا مسڪري ڪندي چيو.

”توکي تہ سدائين مسخري پيئي سُجهندي آهي.“ ڪوشيءَ چڙ جو اظهار ڪندي چيو ۽ مشين کي تڪڙو تڪڙو هلائڻ لڳي.

”اڙي ! ڪجهہ آهستي هلاءِ، تڪڙ تڪڙ ۾ مشين جي ڪٽي سُئي نہ ڀڃي ڇڏين....“ شيلا اجا بہ کيس چيڙائيندي چيو.

ڪوشي بنان ڪو جواب ڏيڻ جي مشين کي هلائيندي رهي. شيلا ڀاڳو ماءُ جي ننهن ٿئي ۽ جڏهن کان پرڻجي آئي آهي تڏهن کان ڪوشيءَ سان خاص ساهيڙپ اٿس، هڪ تہ ٻنهي جا گهر پاسي پاسي ۾ آهن ۽ ٻيو تہ جنهن شهر ۾ شيلا جا پيڪا آهن اُتي ئي ڪوشيءَ جو ساهرو گهر آهي. جڏهن بہ شيلا کي ٽائيم ملندو آهي تہ ڪوشيءَ وٽ اچي ويهندي آهي ۽ هي ٻئي سڪيون ڪلاڪن جا ڪلاڪ خبر ناهي ڪهڙيءَ دنيا جون ڳالهيون ڪنديون آهن. هڪ ٻي جو ڪوبہ راز ڪانئن ڳجهو نہ هوندو آهي.

”اڄ تون ڪجهہ وڌيڪ دکي آهين.....ڪا نئين ڳالهہ تہ ڪانهي.“ شيلا دل وٺندي ڪوشيءَ کان پڇيو.

”اِهو تہ تون هر روز پڇندي آهين.....“ شيلا ٽهڪيو.

”هر روز تہ چوندي آهيان، پر ڪوئي ڪوڙ تہ ڪونہ ٿي چوان.“ شيلا پنهنجو سکي پاو ڏيکاريندي چيو. ”اڄ تنهنجي من ۾

گدلي شڪل ۾ اڏوٽندڙ ۽ پوائتي تي لڳي. شايد ڪيس ڄاڻ هئي
۾ رکيل پرساد پوڄا پوري ٿيڻ ڪانپوءِ هوءَ ڪٽي ۽ ڪائي سگه
پنهنجي پيٽ جي ٻک لاهي سگهندي.

ليڪن هن استريءَ ڪيس ڏسندي ئي وڏي رڙ ڪندي
”نياڳي ڇوري ، تون وري ڪٿان اچي هت پيدا ٿي آهين؟ من
تہ پوڄا ئي اپوتر ٿي پوندي.“ ۽ ڪيس هڪل ڏيندي چيو، ”
نڊڪي، هلي وڃ هتان، نہ تہ سٽي پورو ڪنديسانءِ.“

پينو ڇوڪري آخر هئي تہ ڏهن سالن جو ٻار ئي. هوءَ ه
ويئي ۽ مائيءَ جي مار جي ڊپ کان وڃي وڻن جي پويان لڪي
رهي جيستائين هن استريءَ جي پوڄا پوري ٿئي.

استريءَ پنهنجي پوڄا جي ٿالهيءَ تان ڳاڙهو رومال لاٿو
شروع ڪئي. پهريائين هن لوٽي مان جل ڇڻڪاي ڌرتيءَ کي
پوتر ڪيو، جا اول ئي بار بار جل ڇڻڪائڻ سبب چڪڻ ٿيڻ
هئي. پوءِ هن ڌرتي ماتا کي سندور ۽ چندن جو تلڪ لڳايو ۽ پو
جي مالها رکي پرڻام ڪيو. ان کان پوءِ هن اگربتي جلائي ڌرتي
کي واس ڏنو ۽ آخر ۾ ٿالهيءَ ۾ رکيل پورين مان هڪ پوري رکي
جي مٿان بہ چار پڪوڙا رکيا ۽ هٿ جوڙي چپن ۾ ارداس ڪرڻ
ارداس ۾ هن ڇا چيو ۽ ڇا گهريو هوندائين، سو تہ هوءَ خود ڄ
ليڪن زمين تي ڪيچڙ ۾ رکيل پرساد مٿيءَ لڳل گندو ٿي ويو.

استري جيئن ئي پوڄا پوري ڪري هلڻ لڳي تہ هوءَ
ڇوڪري، جا وڻن جي پٺيان وڃي لڪي هئي، سا اڳتي وڌي آئي
جيستائين هوءَ رکيل پرساد تائين پهچي پهچي، ان کان اڳ
ڪارو ڪتو ، جو بہ شايد ساڳئي مقصد سان اُتي بيٺو هو، ٽپ ڏ
اچي اُتي پهتو ۽ ڏسندي ڏسندي پرساد واري پوري وات ۾ ڳرڪ
ڀڄي ويو ۽ هيءَ پينو ڇوڪري ڏسندي ڏسندي رهجي ويئي.

هي ڏسي مونکي ويچار آيو تہ هيءَ استري جيڪڏهن پوڄا جو پ
هن پينوءَ ڇوڪريءَ کي سڌي پنهنجي هٿ سان ڏئي ها، تہ هڪ ٻڪئي
ٻک مٽجي وڃي ها ۽ سندس پوڄا وڌيڪ سارٿڪ ۽ سڦل ٿيڻجي پوي ها.

◇◇◇◇

ڪوشيءَ تڏو ساهه کڻندي چيو، ”جهڙي منهنجي قسمت... هاڻي ڇا ٿيندو؟“

”تون ته بس پڇائي ٿي ڏين... مان چوانءِ ٿي ته جيڪڏهن هاڻي به تون همٿ کان ڪم وٺين ته ڪجهه بگڙيو ڪونهي.. آتو هرويرو اهڙو ناهي.. مان ڪيس چڱي طرح سڃاڻان......“

”... آتو اهڙو ناهي، اهو مان به ٿي ڄاڻان ، ليڪن هاڻي ته ست سال گذري چڪا آهن..... هاڻي ڪجهه به ڪونه ٿي سگهندو... سڀ ڪجهه وساري ڇڏڻ گهرجي...“ ڪوشيءَ چيو.

”وساري ڇڏڻ به ڇا ڪنهن جي وس جي ڳالهه آهي؟ تون پنهنجي من کان پڇي ڏس، ڇا تون آتوءَ کي وساري سگهندينءَ؟“

ڪوشيءَ ڳالهه کي بدلائيندي چيو، ”هوڏانهن ڏس، ڪيتري سٺي ٽوڪري سڏي...“ ۽ شيلا بنان ڪجهه دير ترسڻ جي وڪون پريندي هلي ويئي.

شيلا ته هلي وئي ليڪن ڪوشي اُتي ئي ويٺي رهي. هن ڪڏهن به پاڻ کي ايترو اُداس نه ڏٺو هو. شيلا آتوءَ جي ياد ڏياري اڃا به کيس اُداس ڪري ڇڏيو. سڀڻ ته ڪائنس پڇو ئي ڪونه، چيائين ڪو ڪتاب پڙهان، ليڪن ان مان به مزو ڪونه آيس. ڪتاب کي ڇڏي ٻاهر وراندي ۾ اچي ويٺي. آسمان سڄو بادلن سان ڇانيل هو ۽ پڻ ٿڌي هوا ٿي لڳي، شايد ڪٿي بوندا باندي ٿي هوندي.

سامهون واري مڪان ۾ ئي ڪملا جو گهر آهي. اِها ڪاري ڪلوٽي، سنهڙي سڪڙي ڪملا. ليڪن هوءَ ڪيڏو نه خوش آهي. ڳالهائيندي آهي ته ٺهڪ ڏيئي، ڪجهه ٻڌندي ته به ٺهڪ مٿان ٺهڪ، اصل ڪلائي ڪلائي پيٽ ۾ سُور وجهي ڇڏيندي آهي. انڪري پاڙي ۾ سڀ ڪيس ٺهڪوڙي ڪملا ڪري چوندا آهن. ڪملا کي ڪيڏانهن وڃڻ جون تياريون ڪندو ڏسي، ڪوشيءَ ڪائنس پڇيو، ”ڪملا ، ڪيڏانهن وڃڻ جون تياريون ٿي ڪرين؟“

ڪملا هميشه جيان ٺهڪ ڏيندي چيو، ”وڃون ٿا پڪچر ڏسڻ ..... آن ملو سڄنا.....“

ڪيتري مونجهه آهي ان جو بيان تنهنجون اکيون ۽ تنهنجي
ڪان سواءِ تنهنجا هٿ به ڪري رهيا آهن.''
''بس ... بس... تون ته ڪهاڻي لکڻ شروع ڪري ڇڏي...
''سچ ۾ مان جيڪڏهن ليکڪ هجان ها ته تو تي ڪهاڻي
هڪ اپنياس لکي ڇڏيان ها...'' شيلا چيو، ''هاڻي ڇڏ مشين جي
ڪٿي هڪ جو ڪجهه پيو نه سبي وڃين.....''
''..... ته ڇا ڪريان ؟ چپ ڪري ويهي رهان؟ هان وٺ
سبان....'' اِئين چئي ڪوشيءَ مشين کي روڪي ڇڏيو.
شيلا کي قدر گنڀير بڻجي چيو، ''ڪوشي، تنهنجي هر
جو هاڻي ڪو ته بلو تيڻ گهرجي. ڪيستائين تون هن طرح دک
آگ ۾ پيئي جلندي رهندينءَ؟ مان ته چوانءِ ٿي ته ڪجهه ڪر
''ڇا ڪريان، تون ئي ٻڌاءِ....''ڪوشيءَ مجبوريءَ جو
ڪيو.
''.....ڇو ؟ مون ڪيترا ڀيرا چيو آهي توکي ته آتوءَ کي
خط جو جواب موڪل. چني پهچائڻ ۽ جواب آڻڻ جو ڪم مون تي
ڏي... پر تون ٻڌين ڪٿي ٿي؟ تنهنجي چني ملڻ سان، ڏس
ڪيئن تو اچي تنهنجي قدمن ۾ پنهنجو سِرُ رکي.......''
ڪوشي ڪو جواب نه ڏنو، تڏهن شيلا وري چيو، ''مان جڏ
پيڪي ويندي آهيان ته آتو هميشه اڪيلي ۾ اچي تو واسطي پ
آهي.''
''چني ٻِني لکڻ لاءِ ڪجهه به نه چوءِ مون کي، وڏي ڳا
مان هاڻي سڀ ڪجهه وساري ويني آهيان.....'' ڪوشيءَ دک
سان چيو.
شيلا وري به هٺ ڪندي چيو، ''اِهو ته تون صرف پنه
زبان سان چئي ويندي آهين، تنهنجو من ڪجهه پيو ئي بو
آهي... نه ته تون هن طرح بي چئن ڇو هجين هان.... ڪجهه اِ
خيال ڪري ڏس ته ڇا عمر ير اِئين ئي پنهنجي من کي پتڪائي
رهندينءَ ؟''

ملبو اٿس ۽ گلن جهڙ بار، مٿان وري گهوٽ جو هيترو پيار ۽ سس سهري جو هٿ. هڪ استريءَ کي ان کان وڌيڪ ٻيو ڇا گهرجي؟ منهن ۾ به ڇا ته ڪٽي سونهن لاٿي اٿائين! آهي ته صرف مون کان ٻه سال ننڍي ۽ مان ؟ ڇا ته منهنجي شڪل ٿي ويئي آهي؟ شانتيءَ کان ڄڻ ڏهه سال وڏي ٿي لڳان... ''

ليڪن ڪجهه ٻيو خيال ايندي ئي ڪوشيءَ پڻ پڻ ڪندي چيو، ''مان به ڪا ٻُهيلي آهيان، پيڻ جو سک به نه ٿي سهي سگهان.''

ليڪن سندس من اُتي ئي بغاوت ڪري چيو، ''جنهن لاءِ مان صدقي جي ٻڪري ٻٽيس سان ته وڃي سکن جي سيج تي ليٽي ۽ مان آهيان جو ويڻي ويران رستي جي خاڪ ڇاڻيان.....''

جيون به هڪ عجيب کيل آهي ! ڪوشي ۽ شانتي ٻئي ڀينر، گڏ کيڏيون، گڏ پڙهيون ۽ گڏجي وڏيون ٿيون. گڏ ئي هٿ پيلا ٿين ۽ پرڻجي آيون ته به هڪ ئي گهر ۾ ! نيون نيون ڪنوارون گهوٽيتن کي بيحد پسند آيون. هرڪو پاڙي وارو پيو ساڻن ريس ڪري، ڇي نهر ته مائي فلاٽيءَ جون ! نهر ڇا اٿس ڄڻ آسمان مان اُڏندڙ پريون لاهي آئي آهي. ساهرن ۾ بيحد عزت ۽ پيار حاصل ڪري ٻئي ڀينر پاڻ کي ڀاڳن واريون سمجهڻ لڳيون. پيڪن جي وڇوڙي کي ڀُلائي نئين گهر ۾ اِئين نهي ويون ڄڻ ڇايون ۽ نپنيون به هتي ئي هيون. ليڪن هڪ ئي هفتي کان پوءِ اهڙو ڀيانڪر طوفان لڳو جو هنن ٻنهي ڀينرن جي جيون نئيا ڀنور ۾ ڦاسي ڪناري کان دور هلي ويئي.

ڳالهه هيئَن هئي ته ساهرن جو کيل ٻوهه گهڻو وقت لڪي نه سگهيو ۽ ڦاٽي پيو. شانتيءَ جو گهوٽ مڙد هوندي به نامرد هو، سا ڳالهه ڪنواريتن کان لڪائي ويئي هئي. اِها ڳالهه شانتيءَ ڪوشيءَ سان ڪئي ۽ ڪوشيءَ پيڪن تائين پهچائي. ڪنواريتن ۾ ڇوٻول مچي ويو. گهوٽيتن سان منهان منهن ٿيا. ڪنواريتن چيو، ''اسين شانتيءَ کي واپس وٺي ويندا سين.'' گهوٽيتن چيو، ''جهڙيءَ طرح هي ٻئي گڏجي گهر ۾ آيون آهن، ساڳي طرح ئي هن گهر مان گڏجي واپس وينديون.'' گهڻا ئي بحث ٿيا، جهڳڙا ٿيا، ليڪن گهوٽيتا مڃڻ وارا ئي ڪونه هئا.

”ڳوٺنھن ۾ ساڻ هلندءِ...“ ڪوشي پڇي ته وڃي
ڪيس اِهو سمجهه ۾ نه آيو ته ڪهڙي مطلب سان اِهو سو
هئائين. ڪملا وراڻيو، ”پلا ان ڪان سواءِ مان پڪچر تي چا
ويندس !“

من جذهن ڪا شيءِ چاهيندو آهي ۽ اها شيءِ ٻي ڪنه
ملندي آهي ته چاهيندڙ جي من ۾ حسد جو ڀاو پيدا ٿيندو
ڪوشيءَ سان به شايد اِئين ٿيو هوندو. ڪيس ڪملا جو پنهنجي
سان پڪچر تي وڃڻ چڻ نيڪ نه لڳو ۽ اندر اچي پلنگ تي ليٽي
شيلا جا لفظ اڃا به سندس ڪنن ۾ گونججي رهيا هئا. در ا
تائين ڪڏهن به ڪوشيءَ ان ڳالهه تي سوچيو ئي ڪونه هو ته
آئينده ڇا ٿيندو؟ اڄ پهريون دفعو ڪيس نظر آيو ڳويا زندگي
ويران رستي تان ڪيس اڪيلو ئي هلڻو پوندو.

ڳالهه سندس نندي ڀيڻ شانتي آئي هئي، پنهنجي گه
ٻن ٻارن سميت . ڳالهه مٿان ڳالهه ڪيندي پنهنجي گهوٽ لا
هئائين، ”مون لاءِ ته چڻ چريو آهي، ڪم نه هوندس ته به ڪو
بهانو ٺاهي پيو سڏ ڪندو... پلا پاڻي گلاس ته ڪٺي اچجانءِ....
اِهو ڪتاب ته ڏئي وڃ...... اندر ويندس ته بس ويهاري ڇڏيندو.
ئي چوانس ته ٻاهر سس سهرو ڇا چوندا ته ڪلي جواب ڏيندو ته ڇا
ڇا چوندا... ته ديوانا اندر ته به ديوانا ٻاهر......“

شانتيءَ جي اِن ڳالهه تي ڪوشي نه چاهيندي به ڪلي
هئي. شانتيءَ وڌيڪ ڳالهيون ٻڌائيندي چيو هو، ”تنهن ڏينه
ساڙهيون وٺي آيو. چيو مانس، هڪڙيون ساڙهيون ته چوڙيان... بي
۾ پيا خرچ ڪريو. ته چيائين، توکي ڪهڙي خبر ته تون بلو ساڙهي
مونکي ڪيترو وڻندي آهين، سياڻي هيءَ ساڙهي پائجانءِ ته مندر
تي ايندا سين.“

شانتيءَ پنهنجي گهوٽ جون ٻيون به ڪيتريون ڳالهه
ڪيون هيون جي ٻڌي ڪوشيءَ جي دل ۾ گهري اڪيلپڻ جو احس
ٿيو هو. سندس دل چيو، ”شانتي ڪيترو نه خوش آهي. سڄ جهڙو گه

ساهرن مان موٽڻ بعد، آتوءَ جو اهو هڪ هفتي جو پيار ئي، ڪوشيءَ جي ٻيءَ شاديءَ لاءِ رڪاوٽ بڻجي پيو. جڏهن ٻنهي پيرن جي مٿي مائٽيءَ جون نئين سر ڳالهيون هلڻ لڳيون ته ڪوشيءَ پنهنجن مائٽن کي صاف چئي ڏنو هو ته هوءَ ٻي شادي هرگز نه ڪندي. ان ڳالهه تي شانتيءَ اعتراض اُٿاريندي چيو هو، ''تون نه ڪندينءَ ته مان به نه ڪندس.''

تڏهن ڪوشيءَ کيس سمجهائيندي چيو هو، ''تنهنجي ڳالهه ٻي آهي. تون سان ته دوکه ڪيو ويو هو، انڪري تون اُن شاديءَ سان پڌل نه آهين. مان نه به اچان ها ته تون ٻي شادي ڪرين ها، ليڪن منهنجي ڳالهه ٻي طرح جي آهي، مان ته سدا سهاڳڻ آهيان، مان ڇو ٻي شادي ڪريان؟ '' ۽ اِئين به چيو هئائين، ''هڪ هفتي اندر آتوءَ جيترو پيار مون کي ڏنو، شايد ئي ٻيو ڪو عمر ڀر ڏيئي سگهندو!''

اهڙيءَ طرح شانتي ته ٻي شادي ڪري نئين سر ساهري هلي ويئي، ليڪن ڪوشي ضد ڪري پنهنجن پيڪن ۾ رهي پيئي.

در اصل ساهرن مان واپس اچڻ کان پوءِ ڪوشيءَ وٽ آتوءَ جو هڪ خط آيو هو، جنهن ۾ هن لکيو هو ته سموري گهر جي خلافت هوندي به هوُ ڪوشيءَ کي وٺي وڃڻ لاءِ تيار هو ، ليڪن ان کان اڳ هن ڪوشيءَ جي مرضي ڄاڻڻ چاهي. هن اِئين به خط ۾ لکيو هو ته هن وڏن جي ڪيل غلطيءَ کي سڌارڻ ٿي چاهيو پر کيس ان ڳالهه جو خوف هو ته خبر ناهي ڪوشي کيس معاف ڪندي يا نه. خبر ناهي پنهنجي خودداريءَ سبب، يا پنهنجيءَ استري مريادا جي ڪارڻ يا لوڪ لڄا جي خوف ڪري يا مائٽن جي دٻ کان ڪوشي آتوءَ کي سندس خط جو جواب نه موڪلي سگهي ۽ آتوءَ جو هي ڪنيل قدم اِئين ئي اڌورو رهجي ويو.

ٻاهر سج لهي چڪو هو ۽ اندر ڪمري ۾ انڌڪار ويو پئي وڌندو. ليڪن ڪوشي نه پلنگ تان اُٿي نه ئي بتي ٻارڻ جي ضرورت سمجهائين. سموريون ڳالهيون ياد ڪري سندس دل ڀرجي آئي. دل ۾ آيس ڄيڪر روئان، ليڪن سندس دل جي پيڙا ڪٿي ظاهر نه ٿي پوي،

لاچار ٻيو رستو نہ ڏسي ڪوشيءَ کي بہ شانتيءَ سان گڏ پنهنجو
گهر ڇڏي پيڪن ۾ اچڻ پيو.

ان ڳالهہ کي ست سال گذري چڪا آهن، پر ڪوشيءَ
ڪالهہ جي ڳالهہ آهي. جيون جو اُهو هڪ هفتو، هفتي جو هر
ڏينهن ۽ ڏينهن جي هڪ هڪ گهڙي ۽ گهڙيءَ جو هڪ هڪ پل
سندس دل مٿان اُڪرجي ويو آهي. جنهن کي هوءَ چاهيندي بہ
نہ سگهي آهي. جيون جي ان هڪ ئي هفتي ۾ ڪوشيءَ کي آتو
اتاهہ پيار مليو، جنهن جي مٺيءَ ياد کي هن دل اندر سانڍي
آهي.

شاديءَ کان اڳ ڪوشيءَ مڙدن جي ڏاڍائيءَ جون گهڻ
ڳالهيون ٻڌيون هيون، جنهن ڪري شاديءَ جي اُن پهرين
جڏهن ڪيس هڪ اوپري ۽ ناواقف شخص سان نباهڻ لاءِ ڪمر
موڪليو ويو هو، تڏهن ڪوشيءَ جي خوف مان جان ئي نڪري
هئي، ليڪن سندس خوف جلد ئي ڪافور ٿي ويو، جڏهن آتوءَ
پيار سان اچي کيس چيو، ”تنهن جي سونهن جي ساراهہ تہ هر
جي واتان ٻڌي هيم، پر تون سچ ۾ اهڙي خوبصورت آهين،
مان ڪلپنا ۾ بہ ڪونہ سوچيو هو.“ اُن وقت ڪوشي شرم کان ڄڻ
جان ٻڏجي ويئي هئي. آتوءَ پوءِ اِئين بہ چيو هو، ”مان سمجهان
تو سان پورو اِنصاف نہ ٿيو آهي. مان تہ تنهنجي بلڪل ئي لاءِ
آهيان. ڪيڏانهن تون آسمان جي هڪ اُڏامندڙ پري ۽ ڪٿي مان
جو ٻڪاري.....“ اُن وقت ڪوشيءَ اِئين محسوس ڪيو هو گويا
سندس زبان ڪٽي ڇڏي هجي. آتوءَ ٿوري دير چپ رهڻ بعد چيو
”مان برابر تنهنجي لائق نہ آهيان، ليڪن مان توکي اتاهہ پيار
خزاني سان مالامال ڪري ڇڏيندس. ٻئي گڏجي سکي جيون جو
ڪنداسين ۽ هميشہ هميشہ لاءِ هڪ ٻي جا ٿي رهنداسين.“ ۽ پر
جي روپ ۾ آتوءَ ڪوشيءَ جو هٿ پڪڙي دٻايو هو. اُن دٻاءَ
ڪوشيءَ جي شرير ۾ جا بجليءَ جي رواني ٿي هئي، ان جو احساس
بہ ڪوشي چڱي طرح ڪري ٿي سگهي.

’’پر ڇو؟ تون ئي خود چوندين آهين تہ آتوءَ کي جواب موڪل ...... ۽ هاڻي .. ڪٿي مونکي ڇيڙائين تہ ڪونہ ٿي... ڪٿي چرچو تہ ڪونہ ٿي ڪرين....‘‘ ڪوشي هڪ ٻي پنيان سوال ڪندي وئي.

’’نہ.... نہ..... مان چرچو ڇو ڪندس... پر ٻڌائڻ لاءِ لوهہ جو ڪليجو گهرجي ڪوشي....تنهنجو آتو چريو ٿي پيو آهي ۽ کيس مينٽل اسپتال ۾ داخل ڪرايو ويو آهي....‘‘ شيلا هٻڪندي هٻڪندي چيو.

’’.. هي تون ڇا ٿي چئين.....؟‘‘

’’ها، سچ ٿي چوان... ڪالهہ هِنن کي آتوءَ جي ڀاءُ جي چٺي آئي آهي تہ آتوءَ کي اسپتال ۾ داخل ڪرايو اٿائون.... ٺهڪ ڏيئي کلڻ ۽ روئڻ تہ گهڻن ڏينهن کان هوس، ليڪن گذريل مهيني کان تہ پنهنجا ڪپڙا ڦاڙي ليڙون ليڙون ٿي ڪري ڇڏيائين ۽ ڪڏهن ڪڏهن تہ پنهنجي ماءُ پيءَ کي ڏڪ هڻي ماري بہ ٿي وڌائين....‘‘ چوندي چوندي شيلا جي دل ڀرجي آئي.

ڪوشي پٿر جي مورت بڻجي ٻڌندي رهي. سندس اکين مان ڳوڙها جهر جهر ڪري وهڻ لڳا، جن کي ٻنان اُگهڻ جي ئي ڪوشيءَ چيو، ’’شيلا مان ئي نياڳي آهيان... مان ئي آتوءَ جي بربادي‌ءَ جو ڪارڻ آهيان....تڏهن ئي کيس خط جو جواب ڏيان ها تہ شايد هيءُ ڏينهن ڏسڻ جي نوبت نہ اچي ها.....‘‘

شيلا ڪنهن بہ قسم جو آٿت نہ ڏيئي سگهي ۽ چپ چاپ ويٺي رهي. جهٽ رکي ڪوشيءَ چيو، ’’مان تہ سڀاڻي ئي ناڳپور هلي ويندس پنهنجي آتوءَ ڏانهن... کيس منهنجي سخت ضرورت هوندي ... اسپتال مان ڇڏائي کيس گهر وٺي ايندس... سندس سار سنڀال لهندس ... کيس پيار ڪندس ... ۽ کيس چڱو ڀلو ڪندس...‘‘ ڪوشيءَ جي ارادي ۾ بيحد پختگائي هئي. شيلا اڃا بہ ڪو جواب نہ ڏنو، تڏهن ڪوشيءَ چيو، ’’.... نہ تہ تون ئي ٻڌاءِ شيلا، تہ مان سندس پيار جو قرض ڪيئن لاهي سگهندس.. ۽ ٻنان قرض چڪائڻ جي ڪيئن مان کيس ايندڙ جنم ۾ پائي سگهندس....‘‘

شيلا چپ چاپ تعجب مان هي سڀ ڪجهہ ٻڌي رهي هئي.

✧✧✧✧

ان خوف کان اِئين بہ نہ ڪري سگهي. شيلا جي وجڻ کان
چڱي طرح محسوس ٿيو تہ سندس زندگيءَ ۾ هڪ خال رهجي
جو ڏينهون ڀوءِ ويو ٿي وڌو ٿيندو. هن پاڻ کان پڇيو تہ جيڪ
سچ نہ آهي تہ ڀوءِ هوءَ لڪي لڪي ڪملاءِ سندس گهوٽ جون
چو ٻڌڻ چاهيندي آهي؟ رستي تان ويندڙ جوڙن کي ڏسي چ
ٻڻجي ويندي آهي؟ شانتيءَ جي سکي جيون جون ڳالهيون
حسد ٿيڻ لڳندو اَٿس؟ آتوءَ جي ياد ايندي ئي ڇو شرير ۾ ڇ
گهمي ويندي اٿس؟ ڪيس شيلا جي صلاح جا لفظ وري ياد اچي
ٿي ڇوانءِ تہ همت کان ڪم وٺين تہ اجا ڪجهہ بگڙيو ڪونه
هرويرو اهڙو ڪونهي..... تنهنجي چئي ملڻ سان ئي .....

ڪوشي ٽپ ڏيئي اُٿي ويئي، چيائين، ”مان آتوءَ ڪا
رهي نہ سگهندس..... اڄ ئي خط جو جواب ڏيندس تہ اچي
مومل کي وٺي وڃ.....“

ٻي ڏينهن جڏهن شيلا ڪوشيءَ وٽ آئي تہ ڪوشيءَ پن
بلائوز مان هڪ لفافو ڪڍي شيلا کي ڏنو. شيلا پڇيو، ”هي
ڏين.....“

ڪوشيءَ چيو، ”روز روز تہ مٿو ڪائي وئي آهين تہ آتوءَ
جو جواب ڏيان .. هان وٺ.... هاڻي پهچاءِ تہ ڏسان......“

هونئن تہ شيلا جيڪر رڙ ڪري ڪوشيءَ کي ڀاڪر پائي
ها، ”شاباس ڪوشي!“ ليڪن شيلا کو بہ اهڙو خوشيءَ جو اظ
ڪيوءِ موڪي ٻڻجي بيهي رهي.

شيلا کي منجهيل ڏسي ڪوشيءَ وري پڇيو، ”ڇو، منه
چٺي نہ پهچائيندينءَ؟“

شيلا گهڻو وقت چپ نہ رهي سگهي. چيائين، ”ڪوش
جواب ڏيڻ ۾ ڏاڍي دير ڪري ڇڏي !“

”ڇا مطلب....؟“ ڪوشي بدحواس ٻڻجي شيلا کان سوال

شيلا چيو، ”ڪوشي، تون هاڻي آتوءَ کي ڪڏهن بہ نہ
سگهندينءَ........“

سوادي ڪاڌو کائڻ کان پوءِ مس مس وڃي پنهنجو من پسند سنڌي کاڌو کائڻ جو وجهہ مليو هو.

هوٽل جي گيٽ وٽ ئي پهرين ٽيبل تي اچي وينس جتان رستي جو سڀ آيو ويو ڏسي ٿي سگهيس. هوٽل جو بيئرر اچي روٽيءَ جو آرڊر وٺي ويو ۽ روٽي ٽيبل تي ايندي ئي کائڻ ۾ محو ٿي ويس. جڏهن وات ۾ مرچ لڳڻ سبب مون ٽيبل تان پاڻيءَ جو گلاس کڻڻ لاءِ ڪنڌ مٿي ڪيو تہ نظر وڃي دروازي تي بيٺل هڪ اڌ اُگهاڙي ڇوڪري تي پيئي جو پنهنجي اُگهاڙي پيٽ مٿان هٿ گهمائي لالچي نگاهن سان مون ڏانهن ۽ منهنجي پليٽ کي تڪي رهيو هو. ڇوڪرو بدصورت ۽ بدشڪل ڇڻ تہ ڪنهن ڪاري پٿر جو ڪپيل ٽڪر هجي. کيس ڏسندي ئي دل ۾ ايتري تہ نفرت پيدا ٿي وئي جو وس پڄي ها تہ اُها کائڻ واري پليٽ سندس منهن ۾ ڦهڪائي ڏيان ها. مان من ئي من ۾ کيس ڪوسيندو رهيس- ڪمبخت ڪتان جو... هيڏو سارو ڏکهہ اچي ٿيو آهي، پوءِ بہ پنهنجا سنڌ سڪائي هيئَن پيو بيڪ پني.

هوٽل جي ٽي.ويءَ تي شايد ڪنهن ڊرامي جو آواز ٿي آيو- 'شروع کان ئي هن دنيا ۾ هڪ جاتي ٻيءَ جاتيءَ هٿان اتياچار سهندي آئي آهي. هڪ وٽ ان جا انبار آهن تہ ٻي وٽ کائڻ لاءِ ڪڻو نہ ليي، هڪ وٽ پهرڻ لاءِ ڪپڙي جا هڪيا تڪيا ٿان آهن تہ ٻي وٽ ضروري انگ ڍڪڻ لاءِ هڪ ليڙ بہ نہ ليي... آخر هيءَ بي اِنصافي ڪيستائين هلندي دنيا ۾.....' هوٽل جي مالڪ کي شايد هن سچائيءَ مان مزو نہ آيو ، انڪري چئنل ڦيرائي ڇڏيو، ليڪن ڊرامي جا ٻُڌل ڊائلاگ ور ور ڪري منهنجي ڪنن ۾ وڄڻ لڳا ۽ احساس ڏياريندا رهيا تہ اڄ جي دنيا ۾ هڪ اِنسان ۽ ٻي اِنسان جي وچ ۾ ڪيڏي نہ کاهي آهي ! منهنجو ڪنڌ ازخود اُن ڇوڪري ڏانهن کڄي ويو جو آسائتين اکين سان اڃا بہ منهنجي پليٽ کي تڪي رهيو هو.

مون کي هيئَن ڇوڪري ڏانهن نهاريندو ڏسي هوٽل جي مالڪ جون نظرون بہ ان طرف ڇڪجي ويون ۽ سڄيءَ هوٽل ۾ سندس ڪنور رڙ جو آواز گونججڻ لڳو، ''اڙي ڪمبخت وري هٽ ڇو آيو آهين...

”سپني جو سچ“

مينا اڄ بہ گهٻرائجي ويئي. جڏهن کان رام پوني م
هو، رات جو ننڊ ۾ ٻڙٻڙائڻ تي لڳو. هونءَ تہ سندس ڇڇريل
ڪجهہ بہ سمجهہ ۾ ڪونہ ٿي آيو، ليڪن اڄ سندس وقلڻ بلڪ
ٿي سمجهہ ۾ آيو، چيائين ٿي، ”منهنجو ڪوبہ قصور ڪونهي
تہ پنهنجي ليکي پاڻ ئي مئو..... مان خوني ناهيان.....“ مي
ڏونداڙندي ۽ ڇاتيءَ تي هٿ گهمائيندي چيو، ”.... ڪوئي
سپنو تہ ڪونہ ٿا ڏسو.....؟“

رام اُٿي وينو ۽ هبڪندي چيو، ”مان بلڪل ئي بي
آهيان.: مون ڪجهہ بہ ڪونہ ڪيو. ... پوءِ بہ هوُ ڪمبخت هر
اچي ٿو تنگ ڪري ۽ چوي تہ مان ئي سندس خوني آهيان...
مان سچ ٿو چوان..... تہ هوُ پنهنجي موت پاڻ مئو.....“

مينا کيس پاڻيءَ جو گلاس آڇيندي چيو، ”هي پاڻي پين
پوءِ ٻڌايو تہ آخر ڳالهہ ڇا آهي.... ڪنهنجو خون ٿيو آهي...
اِئين ڊڄو ڇو ٿا.....“

پاڻي پيئڻ سان رام پوري هوش ۾ آيو تہ چيائين، ”
توکي سڀ ٿو ٻڌايان.... “ اِئين چئي هو ڪجهہ سوچڻ لڳو تہ
شروع ڪيان. تيستائين مينا همدرديءَ جو ڀاو ڏيکاري سندس وا
سهلائيندي رهي.

”هن دفعي جڏهن گشت تي ويس تہ ڪاڌي جي
تڪليف سهڻي پيئي.“ رام ڳالهہ شروع ڪندي چيو. ”پوني جي
۾ مراٺي هوٽلن جي آمٽي ۽ مدراسي هوٽلن تي اڊلي سامبر کائي
تنگ ٿي پيس. بدهاضمي اهڙو تہ بيحال ڪري ڇڏيو جو اپواس
کان سواءِ ٻيو ڪو رستو ئي نہ هو. پر ٻلاڙي بڪ کي ڪير سمجه
سامهون ئي هڪ سنڌيءَ جي هوٽل ڏسي بک جڻ ٻيڻي ٿي
سنڌي ڪاڌي جو چشڪو وٺڻ لاءِ بنا دير مٿي چڙهي ويس. پلا
ڏينهن جي لڳاتار ڳوٺن ۾ گشت ڪندي ۽ مراٺي ۽ مدراسي

تو پوي. آخر ڪنهن جي مٿان هنن غريبن جي ذميواري هئڻ گهرجي؟ سرڪار جي مٿان، سماج جي مٿان يا خيراتي سنسٿائن جي مٿان يا هر هڪ مون جهڙي خوش نصيب شخص مٿان؟

هڪوار دل ۾ آيو ته اِهو ڪير جو گلاس ڪيس ئي ڏيئي ڇڏيان، ڪير پي پيو دعائون ڪندو، ليڪن اِئين به ڪرڻ جي همت نه ٿي، خبر ناهي شرم جي ڪري يا لڄ کان يا شايد اِئين سوچيم ته منهنجي ڪير جي هڪ گلاس ڏيڻ سان ڇا ديش جي سموري غريبي ختم ٿي ويندي؟ هي ته ايڏو وڏو سوال هو جنهن تي سرڪار کي سوچڻو ۽ ڪجهه ڪرڻ جي ضرورت هئي.

هاڻي به هي ڇوڪرو، دوڪان جي مالڪ جي نظرن کان بچي نه سگهيو. ڇيت ڦاڙي ڇوڪري کي ڇپائين- ڇورا.... ڇو تو هر گهڙيءَ هت اچي بهين...؟ پنڻ لاءِ بي ڪا جڳهه ڪونه ٿي ملئي ڇا؟ وڃين تو هتان يا ڪيانءِ ڪالهه وانگر مرمت.... بيهه ته سهين.....

ڇوڪري جڏهن منهن جي ڇهري تي رحم جي ريکا ڏٺي ته دوڪان جي مالڪ جي گارين جي ڪابه پرواهه نه ڪري اُتي ئي بينو رهيو، ان اُميد ۾ ته شايد مون وٽان ڪيس ڪجهه ملي پوي. تڏهن دوڪان جي مالڪ جي غصي جو پارو چڙهي ويو ۽ جيئن ئي لٺ کڻي دوڪان تان هيٺ لٿو ته ڇوڪرو آيل مصيبت جو تصور ڪري ڀڄڻ شروع ڪيو. دوڪان کان ڦوٽ پاٿ تي، ڦوٽ پاٿ کان سڙڪ تي ۽ سڙڪ کان رستي جي هن پار....... ۽ اِئين ئي هڪ وڏو ڌڪاءُ ٿيو ۽ تنهن سان گڏ هڪ اِنساني ڇيخ بلند ٿي. مون نهاريو ته ڇوڪرو هڪ بار لاريءَ جي هيٺان ڦٿڪي رهيو هو ۽ سندس ڇوڏاري رت جو تلاءُ ٺهي ويو هو. ٻيا به اوڏانهن ڀڳا ۽ مان به ڀڳس، ليڪن جيستائين اسين پهچون ان کان اڳ هن ڇوڪري جو پران پکيئڙو ڪنيراٿون هٽندي پروان ڪري ويو. بس سندس ڪليل اکيون رهجي ويون...... گول گول ۽ وڏيون، جي ڄڻ ته مون کي چئي رهيون هجن ته مان ئي سندس قاتل هوس. هاڻي ته روز روز هي بڪاري ڇوڪرو مون کي سپني ۾ اچي چوي تو مون ئي سندس خون ڪيو آهي.'' رام وڌيڪ ڪجهه چئي نه سگهيو ۽ چپ ٿي ويو.

پڇين ته يا ڪٿي ڪيمو ڪٺائي ڇڏيانءِ... هيترا دفعا منع ڪ
ماڻ ته اِئين هن هوٽل جي گيٽ وٽ نه اچي بيهندو ڪر...
آهين جو ٻڌين ڇو ٿو... ترس ته اچ تنهنجي چڱي ٿو خبر و
اِئين چئي هوُ پنهنجي سيٽ تان اُٿڻ لڳو.
هوٽل جي مالڪ کي هيئن ايندو ڏسي هو ڇوڪرو ڊڄ
منڊڪ منڊڪ ڪندو ڪيڏانهن گم ٿي ويو. روٽي کائڻ جي م
ڪوشش ڪئي ليڪن مزو ٻگڙجي چڪو هو. چپ چاپ بل
چڪائي هوٽل مان نڪري آيس.''
رام ڪجهه وقت لاءِ خاموش ٿي ويو. وري به ڳالهه جا
پريندي چيائين، ''مينا توکي ته خبر آهي ته کير پيئڻ کان س
کي ننڊ ئي نه اچي. پرسان ئي کير واري جو دوڪان هو. سو
کاڌي جي ڪٺر کير پيئڻ سان نڪري ويندي. وڏي ڪڙاهيءِ
ڪڙهي رهيو هو ۽ مان دوڪان جي ٻاهران رکيل بينچ تي ئي
رهيس ۽ کير واري کي هڪ گلاس کير جو ڏيڻ لاءِ آرڊر ڏنو.''
کير جو اچا پهريون ڍڪ مس پيتو هوم جو ساڳيو لنگڙو
منڊڪ منڊڪ ڪندو اچي سامهون بيٺو. کيس ڏسي من ا
ڪراهت سان ڀرجي ويو جو دل ۾ آيو ته جيڪر کير جو اِهو هڪ
اندر ويو هو، سو به ڳڙي ڪري ٻاهر ڪڍي ڇڏيان. ڀلا ڪوئي
سامهون بيهي لالچي نگاهن سان مون کي تڪيندو رهي ۽ مان
سان کير پيئندو رهان، اِهو مون کان هرگز ڪونه ٿي سگهيو.
ڇوڪري سان سڌيءَ طرح اکيون ملائڻ جي مون کي
ڪونه ٿي، ليڪن الائي ڇو ٽيڏي نظر ڪري کيس ڏسندو رهيس.
ڳنڊيون ڳوڙها وار، شرير تي ڦاٽل ليڙون ليڙون ٿيل ڪپڙا، هڏ
پيلو چهرو، جنهن مان صاف ظاهر هو ته پڪ ئي پڪ هوُ سلهه جو
هوندو. کيس جاچيندي نه معلوم ڇو منهنجي اندر ۾ هڪ سي
نڪري ويو ۽ دل ۾ جا ڪراهت پيدا ٿي هئي، ان جي جڳه
متائنس رحم اچي ويو. دل چيو ته اِهڙا به ته دنيا ۾ غريب اِنسان
جي داڻي داڻي جا محتاج آهن ۽ جيئڻ لاءِ هر هڪ اڳيان هيئن ٻا

”جرم ۽ سزا“

آفِيس ۾ سيني کي ڄاڻ هئي تہ هوُ ڪنوارو آهي ۽ شادي نہ
ڪرڻ جو قسم کاڌو اٿائين. انڪري سيئي کيس ’ڪنوارو ڪاڪا‘
ڪري سڏيندا هئا. مون سان بہ دوستي تي ويس پر ڪڏهن بہ دل جو
حال ڪونہ اوريو هئائين.

اڄ مس مس هوُ موُڊ ۾ اچي ويو. چيومانس، ”پوءِ شادي ڇو
ڪونہ ٿو ڪرين؟ سيني جهنجهٽن کان ڇٽي پوندين، وقت سان ماني
ٽيئي ملندءِ ۽ جيڪڏهن زال ڇئي ۾ هوندءِ تہ رات جو چار زور بہ
ڏيندءِ.“

هن مشڪي ڏنو ۽ چيو، ”شادي؟ ڪهڙي ٿو ڳالهہ ڪرين!
جڏهن شادي ڪرڻ جو موقعو تي مليو، تڏهن تہ ٻُڌوُ ٻڻجي چپ
رهيس ۽ هاڻي ڪريان شادي؟ “ اُتيئي بيحد گنڀير بڻجي چيائين،
’يار، مان شادي ڪرڻ جو حق وڃائي ڇڏيو !“

مون کي ڪل اچي ويئي، چيم، ”اڙي بندا خدا جا، شاديءَ جو
حق بہ ڪا وڃائڻ جي شيءِ آهي ! اِهو تہ جنم جنم جو حق آهي !“

منهنجي چرچي کان بي اثر بڻجي هن چيو، ”جڏهن ڪوئي
ڪو جرم ڪندو آهي تہ سرڪار ان کان ڪيترائي حق کسي ونندي
آهي. مون بہ ڪنهنجي خواهش جو خون ڪري وڌو ۽ بطور سزا مان بہ
ان حق کان محروم آهيان .“

مان تعجب مان ڏانهس نهاريندو رهيس. سمجهي ويس تہ
عشق جو گهايل آهي. ڏُکو لڳائيندي چيم، ”يار هيءَ دنيا ئي اهڙي
آهي. ٻن دلين کي ڪڏهن بہ ملڻ نہ ڏيندي آهي. ڪڏهن ڏيتي ليتيءَ
جو سوال تہ ڪڏهن مٽن مائٽن جي ناراضگي تہ ڪڏهن.....“

هن وچ ۾ ئي مون کي ڪٽيندي چيو، ”....... پر مون سان
اهڙي ڪابہ ڳالهہ ڪونہ تي. هن کي جيڪڏهن مان نہ پائي سگهيس تہ
ان ۾ منهنجو ئي قصور هو، مون ئي پنهنجي ناداني ءَ سبب کيس
وڃايو.“

تڏهن مينا سندس هٿ پڪڙيندي ۽ همت ڏياريندي
”توهين بہ بلڪل وهمي آهيو.... ان ۾ توهانجو ڪهڙو ڏوهہ؟
بيحد رحمدل آهيو، انڪري اوهان کي اِئين ٿو لڳي. ... هاڻي
ڇڏيو ان ڳالهہ کي ۽ چپ ڪري سمهي پئو... سپنو تہ آخر س
ٿيندو آهي... ڪو سچ ٿورو ئي آهي.“ ۽ رام پاسو ورائي سمهي
(سپون-

✧✧✧✧

هوس ۽ شايد اِنڪري بہ سندس اشارن ڪي نيڪ طرح سان سمجهي نہ سگهيس. منهنجيءَ نَنديءَ پيڻ شانتيءَ جي هوءَ پڪي ساهيڙي هئي، جنهن وٽ هوءَ هر گهڙي پيئي ايندي ويندي هئي. منهنجو خير ڪو ساڻس واسطو پوندو هو. نندي هوندي مان بيحد ئي شرميلي سڀاءُ جو هوس. ڇوڪرين ڪان تہ جڻ ونءُ پيو ويندو هوس. اسڪول ۾ جتي ٻيا ڇوڪرا پيا ڪلاس جي ڇوڪرين سان چرچا گهٻا ڪندا هئا، اُتي مان ئي هڪ اڪيلو هوندو هوس جو هڪ ڪُنڊ ۾ ويهي ڏانهن تڪيندو هوس.

سيل سندس نالو هو ۽ پهريون دفعو ساڻس لهہ وچڙهہ ۾ آيس پنهنجي وڏي ڀاءُ جي شاديءَ تي. شانتيءَ زوري ڪري ڪيس اسان جي گهر تڪائي ڇڏيو هو ڇو تہ هي ٻئي ڇوڪريون نچڻ ٽپڻ ۽ ڳائڻ ۾ سيني ڪان اڳريون هيون. انهن ئي ڏينهن ۾ هڪ ڏينهن شام جو هي ٻئي ساهيڙيون پٽ تي ويهي ڪجهہ مستي ڪري رهيون هيون جو اچانڪ منهنجو ڪمري ۾ اچڻ ٿيو ۽ خبر ناهي ڪيئن منهنجو پير سيل جي هٿ مٿان اچي ويو. آئي الا ڪري سيل جي منهن مان ڪوڙي چيخ نڪري ويئي. مون ڀي ڇرڪ ڀري پٺيان نهاريو. منهنجي نئين بوٽ بي رحميءَ سان سندس هٿ چچري ڇڏيو هو.

سيل جي آڱرين مان خون وهي رهيو هو، ليڪن مون ڏٺو تہ سيل رُني ڪونہ بلڪ مون ڏانهن نهاري مشڪي ڏنو جڻ تہ ڪجهہ ٿيو ئي ڪونہ هو. سيل جي اُها مرڪ اڄ بہ مونکي ياد آهي. ڪيڏو نہ معصوم ۽ ممتا ڀريل هئي اُها مرڪ!

ان وقت مون ڪيس ٻار سمجهي ڪانئس معافي وٺڻ جي ضرورت بہ ڪونہ سمجهي، پر ايذاءُ رسائڻ جي عيوض مون ڪيس مٺايون ڪارائي خوب خوش ڪري ڇڏيو.

ان ڪان پوءِ سيل جڏهن بہ اسان جي گهر ملندي هئي تہ پنهنجا ٻئي هٿ ڳَڏي نمستي ضرور ڪندي هئي، ليڪن مان ان ڪي ٻاراڻي شرارت سمجهي نظرانداز ڪري ڇڏيندو هوس. هڪ پيرو بہ مونکي اهو ويچار نہ آيو تہ سيل هڪ ڦٽندڙ ڪلي هئي جنهن جي دل ۾

هوُ چپ ٿي ويو ۽ دک سبب سندس چهرو ڪاراٽجي و
ڪائنس ورجائيندي پڇيو، ”جيڪڏهن ڪوبہ ٻاهريون وگهن
تہ پوءِ ڪهڙي ڪارڻ توهانجو ميل نہ ٿي سگهيو؟“

ڏنم تہ منهنجو سوال نيڪ نشاني تي وڃي لڳو هو. يڪد
جو جواب ڏيندي چيائين، ”ڇيم جو پنهنجيءَ ناداني سبب
پائي نہ سگهيس. سون جي ڪاڻ منهنجي پيرن جي هيٺان هئي،
مان پنهنجي ٽانءِ ۾ آسمان ۾ سِرُ ڪري هلندو رهيس ۽ جڏه
ورائي پٺتي نهاريو تہ سون جي ڪاڻ جو ٻيو ڪوئي مالڪ بڻجي
هو!“

هن يار جي پرولي تہ مان سمجهي ڪونہ سگهيس، ا
خاموش بڻجي ڪيس ڏسندو رهيس تہ اڳتي ڇا ٿو چوي.
پنهنجي ڳالهہ جو سلسلو جاري رکندي چيو، ”ڪوئي ڇا ٿو چاه
جي ڄاڻ گهڻو ڪري هن جي هلت چلت مان ۽ اشارن مان ملي
آهي. ليڪن منهنجيءَ ٻُڌيءَ تي اهڙا ڪي ڪوپا چڙهيل هئا جو
هن پنهنجي اشارن ۾ ڇا ٿي ٻڌايو، سو بلڪل ئي سمجه
سگهيس.“

ٿوري دير لاءِ هوُ وري چپ ٿي ويو، شايد سندس جيه
گذريل ورق هڪ هڪ ٿي سندس ذهن ۾ اچڻ لڳا هئا. مون
همدردي ڏيکاريندي چيو، ”اِئين اڪثر ٿي ويندو آهي. اِنسان
نجومي تہ ڪونهي. جو ٻي جي دل جو حال ڄاڻي وٺي.“

ڏنم تہ منهنجي هن ويچار ڪيس تسلا نہ ڏني. ٿورو اُتاو
چيائين، ”نہ...نہ.... ان ۾ تہ منهنجو ئي قصور هو جو مون
سمجهڻ ۾ بي اِنتها دير لڳائي....“

مون ڪي چاهہ سان ٻڌندو ڏسي ۽ دل جو بار هلڪو ٿيندو
هن پنهنجي ڪهاڻي ٻڌائڻ شروع ڪئي:

جڏهن ڪان مون کي سانير آهي، تڏهن ڪان ئي مان
سڃاڻان. هوءَ پر واري گهر ۾ رهندي هئي. عمر ۾ مون کان
هئي اِنڪري هر وقت پنهنجيءَ پيٽ ۾ ڪيس ٻار ڪري سمج

انتيءَ جي معرفت سيل تائين پهچنديون هيون. نئين زندگيءَ جو.
اليانو انڪ ڇپيو هو جنهن ۾ هن دفعي منهنجي ڪهاڻيءَ سان گڏ
نهنجو فوٽو پڻ ڇپيو هو. پرچي مان پنهنجي تصوير غائب ڏسي مان
انتيءَ کي سڏ ڪيو ۽ ڏمال ڪيندي چيومانس ته پرچي مان تصوير
ڪنهن ڪٽي آهي؟

خبر شانتيءَ کي به ڪونه هئي ته ڇپيل تصوير ويئي ڪيڏانهن؟
ڪي ٻڪي تي پرچي جي اندر ڏسڻ لڳي. مون ويتر شوخ ٿيندي
پڇيو، ”توکان سواءِ ٻيو ڪير پڙهندو ڪونهي، ته پوءِ ڪيڏانهن
يئي؟“ شانتيءَ ٻڇندي ٻڇندي چيو، ”سيل به ته پڙهندي آهي.
يس تنهنجون ڪهاڻيون بيحد پسند ايندِيون آهن ۽ ڏاڍي چاهه سان
ڙهندي آهي.“ مون وڌيڪ چڙندي چيو، ”ان جو اِهو مطلب ته نه
يو ته مخزن مان تصويرون ڦاڙي ڇڏجن.“ ان جو جواب شانتيءَ وٽ
ڪونه هو. هوءَ چپ چاپ ڪمري مان نڪري ويئي.

مون تعجب ڪائيندي ڪائنس پڇيو، ”اِن مان به اِهو نه
سمجهيئه ته سيل توکي من ئي من ۾ ڪيترو نه پيار ٿي ڪيو!“

هن روئڻهارڪو منهن بڻائيندي چيو، ”ان حرڪت کي مون
ساهتيه لاءِ پيار ڪري سمجهيو جو ڪيترن پاڪن کي پنهنجن من
سند ليکڪن لاءِ ٿيندو آهي.“

هن يار جي ڪهاڻي وئي پئي وڌيڪ ۽ وڌيڪ دلچسپ ٿيندي،
ون اُتاولو بڻجي پڇيو، ”پوءِ ڇا ٿيو؟“

هن چيو، ”ٻي ڏينهن سيل جڏهن اسانجي گهر آئي ۽ هميشه
حيان اچي مون سان نمستي ڪيائين ته مان ڪيس ڇڙٻ ڏيڻ کان سواءِ
ه رهي سگهيس. چيم: ليکڪن جا فوٽا چورائڻ ۾ ڇا ساهتيه لاءِ پريم
يکاري سگهجي ٿو؟ چوري پڪڙجي پوڻ تي چور لڄي ٿيندو آهي،
لجي وڃڻ جي ڪوشش ڪندو آهي، ليڪن مون ڏٺو ته سيل جو چهرو
رارت ڀريءَ ادا سان ٻهڪي پيو ۽ سندس چپن تي هڪ عجيب ۽ من
ي موهيندڙ مشڪ پکڙجي ويئي. کهڙي ڪارڻ مان ڪيس يڪٽڪي
ڳائي ڏسڻ لڳس سو ته سمجهه ۾ ڪونه آيو، ليڪن ڪيس اِئين ڏسڻ

ٻہ ڪيترائي لکل ارمان هوندا ۽ مون طرف جو سندس لاڙو هو
ڪي پائڻ جي هڪ لکل آس هئي.

مون ٻہ سندس خيال جي پٺڀرائي ڪندي چيو، ”من جي
جو اِهو ٻہ چوڻ آهي تہ اِنسان جي من ۾ ڪيترائي اهڙا ارمان
هوندا آهن جي پھريائين تہ ڏنڏلا هوندا آهن پر پوءِ ويندا آهن و
وڏيڪ چٽا ٿيندا.“

پل ير سوچڻ کان پوءِ هن وري چوڻ شروع ڪيو، ” آهڙي
ٻہ سال گذريا ويا. هڪ ڏينهن شانتيءَ اچي چيو، ’پائو ، هن
جيڪا توهانجي ڪهاڻي ڇپي آهي، سا سيل کي ايترو تہ وڻي آه
ڏهہ دفعا پڙهڻ کان پوءِ ٻہ پيئي ور ور ڪري پڙهي. چوي ٿي هن
هيءَ ڪهاڻي پھريون نمبر ايندي.‘ مون ٺهڪ ڏيندي چيو، ’چا ٻل
جلاب ! تنهنجي سيل کي خبر ٻہ آهي تہ ڪهاڻي ڇا ٿيندي آ
وڏي آئي آهي پرک ڪرڻ واري ! ‘ سيل شايد ٻاهر ورانڊي ۾
هئي. منهنجو تکو رمارڪ ٻڌي اندر لنگهي آئي ۽ شانتيءَ ڏا
منهن ڪري چيو، ’ڇٿو شانتي مان هلان ٿي‘ ۽ شانتيءَ جي جواب
بنان ئي هوءَ ڪمري مان نڪري ويئي. ان وقت مون کي سمجهہ ۾
ڪونہ آيو تہ ڪيئن مون سيل جي ڀاونائن کي ڏکايو هوندو. منهن
ڪهاڻين لاءِ چاهہ ڏيکاري هن چوڻ ٿي چاهيو تہ هن مون کي ئي
چاهيو.

اِن ڳالهہ کي ٻہ ڇٿو وقت گذري ويو. مان بي.اي. پاس ڪ
چڪو هوس ۽ هي ٻئي ڄڻيون مئٽرڪ جي تياريءَ ۾ رڌل هي
ڪهاڻي نويس جي حيثيت ۾ مان ڪافي مشهور ٿي چڪو هو
منهنجون ڪهاڻيون سٺن سٺن رسالن ۾ ڇپجڻ لڳيون هيون.
ڪلپنائن جي دنيا ۾ غلطان هوس پر حقيقي دنيا کان بلڪل ئي
ڄاڻ. مون خيالي ڪردار پيدا ڪري ڪهاڻيون ٿي ناهيون، لي
اصلي ڪردار جي منهنجي اکيان ٿي گهميا، انهن کي سمجهي
سگهيس. ڪيڏو نہ ڀونگہ هيو منهنجي زندگيءَ ۾ !

منهنجون جيڪي ٻہ ڪهاڻيون ڇپجنديون هيون، سي

مان تعجب مان شانتيءَ طرف نهاريو ۽ پڇيو، ”هيءَ آخر
جرا ڇا آهي؟ ڪنهن ڏنو اٿيئي هي لفافو؟“
”اڃا به سمجهه ۾ ڪونه تو اچيئي؟“ شانتيءَ پنهنجي
رت ظاهر ڪندي چيو، ”ڪهاڻيون ته خوب لکندو آهين.... باقي
هنجي ڪهاڻي سمجهه ۾ نه ٿي اچيئي؟“
الائي ڪيئن هوا جي جهونڪي وانگر دماغ ۾ تري آيو،
يم: ”ڪنهن، سيل ڏنو اٿيئي؟“
”ها، سياڻي وچي سندس شادي ڪائي اچ... تنهنجي لاءِ
اص نيند ڏني اٿائين......“ اِئين چئي شانتي وڏيڪ نه ترسي
ڳهي ۽ هلي ويئي.
سيل جي شاديءَ جي خبر منهنجي دل کي ڏڏڪو ڏنو ۽ مون
هريون پيرو محسوس ڪيو ڳويا مان زندگيءَ جي شرط ۾ پويان
هجي ويو هوس. جيڪڏهن مان چاهيان هان ته شرط کٽي ٿي
ڳهيس ليڪن مون پنهنجيءَ لاپرواهيءَ ڪري شرط هارائي هئي.
وري دير لاءِ دم ڳهٽجڻ لڳو ڳويا سموري هوا ڪيڏانهن ڳم ٿي
يئي هجي. سيل جي هڪ هڪ پراڻي ڳالهه ذهن ۾ تازي ٿيڻ لڳي
مان پنهنجي ناداني ءَ تي ڳوڙها ڳارڻ لڳس. سامهون ئي نرمل
ل جي ندي وهي رهي هئي ليڪن مان پياس مٽائڻ لاءِ رڃ پنيان
وڙندو رهيس ۽ جڏهن موٽي آيس ته اُها ندي به سڪي ويئي
ئي!“
توري دير لاءِ هوُ چپ ٿي ويو. شايد من پرجي آيو هوندس.
اڻيءَ جا به ڏُک پيئڻ سان سندس من سانت ۾ آيو. مون
رجايومانس، ”... پوءِ به تو سيل سان ملڻ جي ڪوشش نه ڪئي؟“
چيائين، ”ڪهڙو منهن کڻي وڃان ها سيل وٽ! مون
سندس پيار جو ڪيڏو نه مذاق اُڏايو هو! مون سندس دل کي ڪيڏو
ه ڏکايو هو!“
”ليڪن سيل کي هڪ دفعو ڏسڻ جي چاهه منهنجي دل ۾
رور ونڻ لڳي ۽ مان شاديءَ جي ڏينهن شاديءَ جي منڊپ ۾ اچي

سان دل اندر هڪ خاص خوشيءَ جو پهريون ڀيرو احساس ٿيو
محسوس ڪيو تہ سيل هاڻي نازڪ ڪليءَ مان ڦري هڪ گلابي
پيئي هئي ۽ سندس جواني سندس تنگ چوليءَ مان ڇڻ
ڇڏائڻ لاءِ بيقرار هئي. مون پنهنجي نائڪائن کي صرف پنه
ڪلپنا ۾ ئي ڏٺو هو، ليڪن ان نائڪا جو مجسم پتلو سيل من
سامهون ڪڙي هئي، تنهن ڪان مان اڻڄاڻ بڻجي پنهنجي ئي
جي اڻ سڄاتل راهن جي متي ڇاٽي رهيو هوس!

منهنجو هيئَن گهور ڪري ڏسڻ برو سيل کي بہ ڪو
هٿان سندس همت وڌي ويئي، ۽ پهريون ڀيرو آزاد نوع ۾ مونکي
”چوڪرين کي اِئين گهور ڪري ڏسڻ ڪڏهن ڪان سکيا آهيو..
جيتري ۾ مان جواب ڏيان ان ڪان اڳہ هوءَ ڊوڙ پائي ڪمري مان
نڪري ويئي.

مان سمجهان ٿو تہ ان ڏينهن واريءَ گهٽنا جي آڌار تي
پنهنجي دل اندر ضرور ڪي اميدن جا محل بڻايا هوندا، ليڪن
پنهنجي ئي ڪتابن جي دنيا ۾ غلطان رهيس. سيل هاڻي بها
بهاني اچي ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪندي هئي، ليڪن مان ڪيس
بلا سمجهي پيو جند ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪندو هوس!

اوچتو ئي اوچتو سيل جو اچڻ وڃڻ بند ٿي ويو. ڪ
ڪارڻ، تنهنجي نہ اِئين خبر پيئي، نہ ئي مون ڄاڻڻ جي ض
سمجهي. هڪ ڏينهن شانتيءَ هڪ لفافو اچي منهنجي هٿ ۾
کولڻ کان اڳہ مون ڪائنس پڇيو تہ ڪنهنجو هو ۽ ڪنهن ڏن
شانتيءَ بيحد ئي بدتميز ۽ نفرت ڀرئي نوع ۾ چيو تہ خود ئي چو
پڙهي ڏسين. شانتيءَ جو ان طرح جو ورتاءُ لڳو تہ خراب ليڪن
وهہ جو ڏُک پي ويس. لفافو کوليو تہ منجهائنس منهنجو مخز
ڪٽيل ڦوٽو نڪتو ۽ ڪاغذ جي هڪ چٽڪي جنهن تي لکيل
جيڪڏهن چنڊ سان چڪوري نہ ملي سگهي تہ ان ۾ چنڊ جو
قصور ! تڙڦي تڙڦي هوءَ جان بہ ڏي تہ اُها سندس اڻنگي آرزو
گهٽ سزا آهي.

هن کي جڻ تہ منهنجي اکرن تي اعتبار ئي ڪونہ آيو ۽
وائڙن وانگر منهن ڪري مونکي ڏسڻ لڳو. مون وري بہ سندس
ڪلهي تي هٿ رکندي چيو، ”مان سچ ٿو چوان... اُهائي سيل اڄ
منهنجي ٻن ٻارن جي ماءُ آهي. تون چاهين تہ ڪڏهن بہ منهنجي
گهر اچي سائنس ملي سگهين ٿو ۽ سيل بہ توسان ملي بيحد خوش
ٿيندي.“

مون ڏٺو تہ منهنجو دوست بي وشواسي اکين سان مون
طرف نهاري رهيو هو.

✧✧✧✧

هڪ ڪنڊ ۾ ويهي رهيس. گهوٽ پنهنجيءَ جڳهه تي براجم
پر مونکي اِئين تي لڳو گويا ديوستان جو ڪوئي ديو آيو ه
روپنگريءَ جي راجڪماريءَ کي اُڏائي وٺي ويندو ۽ مان
راجڪمار بڻجي نظارو ڏسندو رهندس.

جهٽ بعد سيل کي سندس سکيون منڊپ ۾ وٺي آيون
کيس سينگاريو هئائون. اِئين تي لڳو گويا سڄي منڊپ جو
سيل جي چمڪندڙ چهري سبب تي رهيو هو. مون ڏٺو ته س
اکيون ڪجهه تلاشي رهيون هيون ۽ منهنجي اکين سان ملن
هيٺ جهڪي ويون ۽ ٻيءَ گهڙيءَ سندس اکين جي ڪنڊن
وڏا وڏا ڳوڙها ڪرندا نظر آيا... ۽ پوءِ سيل وري مون ڏانهن
نهاريو، خبر ناهي نفرت سبب يا دل جي پيڙا سبب!

مان وڏي واڪي ته ڪجهه چئي نه تي سگهيس. ليڪ
۾ ضرور چيو، ”سيل، مون سان نفرت ڪرڻ جو توکي پو
آهي. مون تنهنجي پريم نگري جلائي ڇڏي، ليڪن ان
جليو مان به گهٽ ڪونه آهيان ۽ جيستائين جيئرو رهندس ت
پنهنجي بي درد تقدير کي ياد ڪري جلندو رهندس. سم
تنهنجي ارمانن سان گڏ منهنجي جيون جو سک پڻ جلي خا
ويو.“

هوُ وري به چپ تي ويو ۽ سندس اکين مان جل جي
جهر جهر ڪري وهڻ لڳي. سندس بيحد پيڙا ڏسي، دل منهن
پرجي آئي، پڇيو مانس، ”شاديءَ کان پوءِ سيل سان هڪ د
ڪونه مليو آهين؟“

هن ڪنڌ لوڏي ننهن ڪئي ۽ چوڻ لڳو، ”مرڻ کا
جيڪڏهن سيل سان هڪ دفعو به ملي سگهان ته پنهنجو جيون
پائيندس، نه ته ته منهنجي آتما هميشهه لاءِ پئي ڀٽڪندي....

مون مشڪندي چيو، ”تنهنجي آتما کي اسين ڪڏ
ڀٽڪڻ نه ڏينداسين... جيڪڏهن تون چاهين ته مان توکي
سان ملائي سگهان ٿو.“

نهنجو سڀ ڪجهہ وڃائي، ڏنڙجي سنڌ مان لڏي هت آيا، ليڪن وري وقت اندر ئي هنن سڀ ڪجهہ ناهي ورتو آهي. هر ڪنهن کي منهنجو ڏنڌوڌاڙي آهي، هر ڪنهن کي پنهنجو پڪو گهر آهي، ڙرڪو سنڌي هونديءَ سونديءَ وارو آهي. لٽي ڪپڙي ۾ چڱا چوکا ۽ سندن زالن کي ڏسو تہ سون جي ڳهڻن سان سٽيون پيون هونديون. ڏهن ئي تہ چوان ٿو تہ سنڌي بيحد ئي جينيس آهن.''

مون کي اجا بہ اِئين ٿي لڳو تہ سنڌين لاءِ 'جينيس' لفظ ڪم ٽڻ ۾ سندس ڪجهہ ٻيو مطلب هو، جو هوُ سڌي نموني ظاهر نہ ٿي جئي سگهيو. اِنڪري ڳالهہ کي خلاصو ڪرڻ جي خيال کان مون چيو، 'رميش ڀائي، اِئين برابر آهي تہ اسين سنڌي پنهنجي ئي ديش مان ڏنڙجي ۽ سڀ ڪجهہ وڃائي هت آيا آهيون، ليڪن هي جو ڪجهہ اسان وري حاصل ڪيو آهي، سو صرف اسان جي محنت ۽ جفاڪشيءَ جو نتيجو آهي. اسان جي جڳهہ تي جيڪڏهن ٻي ڪا قوم هجي ها تہ ڪڏهن جو پنهنجي هستي وڃائي ختم ٿي چڪي هجي ها.''

رميش ڀائيءَ جواب ڏيڻ ۾ بلڪل دير نہ ڪئي، ڄڻ تہ اڳہ ۾ ئي تيار ويٺو هو. چيائين، ''ترقي ڪرڻ لاءِ محنت تہ برابر گهرجي ئي ۽ ضروري آهي، ليڪن اڄ جي زماني ۾ ان کان وڌيڪ ضروري هي چالاڪي ۽ حرفتبازي ۽ اهي ٻئي خصلتون سنڌين ۾ آهن. انڪري ئي تہ چوان ٿو تہ توهين سنڌي بيحد جينيس آهيو.'' ۽ هوُ ٺهہ ٺهہ ڪري کلڻ لڳو.

سنڌين لاءِ 'چالاڪي' ۽ 'حرفتبازي' جهڙا لفظ مون کي ٺيڪ نہ لڳا. مون ڪائنس پڇيو، ''رميش ڀائي، سنڌين توهان سان ڪهڙي چالاڪي يا حرفتبازي ڪئي آهي جو توهين ائين ٿا چئو.''

منهنجي سوال جو مطلب ۽ منهنجي من جي حالت کي هوُ شايد سمجهي ويو، انڪري ٿورو ڍِيل آواز ۾ ۽ پنهنجو بچاءُ ڪندي رميش ڀائي چيو، ''مان پنهنجي ڳالهہ نٿو ڪريان. هيمن جهڙا ڀيا بہ ڪيترائي سنڌي منهنجا دوست آهن.'' هن هيمن طرف نهاريندي چيو، ''پر سيني کي اها ڄاڻ آهي تہ سنڌي ڪابہ نقلي شيءِ ٺاهڻ ۾

''توهين جينيس آهيو''

مڌيہ پرديش ۾ مهيئر جي نالي سان وچولي درجي جو ش
آهي، جو نہ تمام وڏو آهي نہ ئي ڪو ننڍو ڳوٺ آهي. پرس
ٽڪرين تي شاردا ديويءَ جو مندر آهي، انڪري بہ هي شهر
تي ويو آهي. مٽي مائٽيءَ سبب اڪثر اوڏانهن پيو اچڻ وڃڻ
آهي. هن دفعي بہ جڏهن اوڏانهن وڃڻ ٿيو تہ هڪ واردات ٿي
جنهن منهنجي من تي ڪافي ڏونڌاڙي ڇڏيو.

ڳالهہ هيئن ٿي تہ هڪ ڏينهن مان پنهنجي سالي
جي گهر ويٺو هوس تہ هيمن پنهنجي هڪ مڪاني دوست سان
ٽڪتو ۽ هن جي مون سان واقفيت ڪرائيندي چيو، ''داداجي
رميش ڀائي آهي، منهنجو پڪو دوست. اسين ڪاليج تائين گڏ
آهيون.'' مون مشڪي ساڻس هٿ ملايو ۽ هو بنان ڪنهن هچڪ
پرسان ئي رکيل ڪرسيءَ تي ويهي رهيو، جنهن مان مون سمج
هن جو گهر سان ڪافي گهاٽو رشتو هوندو ۽ اڪثر اچڻ پيو
هوندو. هيمن وڌيڪ واقفيت ڪرائيندي چيو، ''هن جو ڏاڏو،
جي راجا صاحب جو ديوان صاحب هو. راجائي ختم ٿيڻ کان پوءِ
تہ پنهنجا ڏنڊا ڏاڙيون اٿن ۽ شهر ۾ ۽ آس پاس جي ڳوٺن ۾
ڪراني جا ٻڌي جا ۽ ريزڪي وڪري جا دوڪان اٿن.'' مان سچ
مشڪندو رهيس. ڇڻ تہ ايتري واقفيت ڪافي نہ هئي جو هيمن
تہ رميش ڀائيءَ جو وڏو ڀاءُ شهر جي ميونسپل ڪائونسل جو پريز
آهي ۽ وڏي هلندي پڄنديءَ وارو شخص آهي.

آئي جو آدر ٿيڻ لاءِ چانهہ جو دؤر اچا چالو هو جو ڳالهہ
ڳالهہ نڪرندي رميش ڀائيءَ چيو، ''..... ڪجهہ بہ هجي
سنڌي بيحد ئي جينيس (genius) آهيو'' ۽ کِلي ڏنو.

سندس چوڻ جي ڍنگ مان اِهو اندازو لڳائڻ مشڪل هو
سچ ۾ سنڌين جي ساراهہ تي ڪئي يا ٽوڪ تي هنيائين. مون
سوالي نگاهن سان ڏانهس نهاريو تہ هن چيو، ''ڏسو نہ دادجي،

ساس پيدا ڪرڻ جي ڪا پهل ورتي آهي.
آخر پلا ۽ بُرا ماڻهو تہ هر جاتيءَ ۾ پيدا ٿيندا آهن پوءِ بہ هڪ
ڪيس جي آڌار تي سڄي سنڌيءَ جاتيءَ لاءِ عام رايو ڏيئي غلط
رٺا ڦهلائڻ ۾ مڪاني ماڻهو پنهنجي دل اندر لڪل ان حسد ۽ ساڙ جو
اظهار ڪندا آهن.
منهنجي دل اندر رميش ڀائيءَ واسطي جهنجهلاهٽ تہ هئي
ڪن مون پنهنجو پاڻ تي قبضو رکندي چيو، ”پوءِ تہ سچانند
هان کي بہ پنهنجو مال سپلاءِ ڪندو هوندو.“
”اسان سان تہ خاص نيهن جو رستو اٿس. جيترو بہ مال
هرجي، دوڪان تائين پهچائي ويندو آهي.. ۽ خاص رعايت ڪري
يسا بہ مهيني کان پوءِ وٺندو آهي.“ رميش ڀائيءَ چيو.
هيمن هيستائين چپ وينو هو، تنهن وڏيڪ ڳالهہ کي چٽو
ڪندي چيو، ”داداجي، خبر اٿو تہ سڄي گيهہ جو هڪ ڪلو مارڪيٽ
تن سون ۾ ملندو آهي، پر سچانند هنن کي پنهنجو گيهہ سپلاءِ
ڪندو آهي صرف پنجهتر روپين ۾.“
مون رميش ڀائي ڏانهن نهاريو جنهن اکيون هيٺ ڪري
يمن جي بيان جي خاموشيءَ ۾ تاعيد ڪئي. مون کان هاڻي رهيو نہ
يو. مون رميش ڀائي ڏانهن مخاطب ٿيندي چيو، ”ان جو مطلب تہ
هو ٿيو تہ جنهن کي توهان پنهنجي دوڪان تي سچو گيهہ ڪري
ڪڻندا آهيو سو نقلي آهي ۽ ان جي توهان کي پوري ڄاڻ هوندي
هي. سچانند نقلي گيهہ ناهي ٿو ان ۾ تہ توهان کي هن جي بُرائي
نظر اچي ٿي ۽ انڪري اوهين سيني سنڌين لاءِ اِئين ٿا سمجهو،
يڪن سائِي نقلي گيهہ کي ڄاڻي ٻجهي سچو گيهہ ڪري پنهنجي
وڪان تي وڪڻڻ ۾ توهان کي ڪابہ برائي نظر نہ ٿي اچي.“
مون ڏٺو تہ رميش ڀائيءَ جو مُنهن سُسي ويو. مون پنهنجي وار
جو سلسلو جاري رکندي چيو، ”سچانند تہ پنجهتر روپين جي وڪري
ان وڌ ۾ وڌ ٽيهہ روپيہ ڪمائڻ جي بي ايماني ڪندو هوندو، ليڪن
وهان تہ سائِي مال مان سوا بہ سؤ روپيہ ڪمائڻ جي بي ايماني ڪندا

ڪيترو نہ هوشيار آهن، خبر ئي ڪونہ پوندي تہ ورتل شيءِ نقلي
اصل سؤ ٽڪا اصلي لڳندي، پر تہ پوءِ اُهو نقلي گيهہ هجي
مسالا هجن يا نقلي تيل هجي. گراهڪ کي خبر ئي ڪونہ
ٻاهران ليبل بہ اهڙيءَ طرح چپيل ۽ لڳل هوندي جو گراهڪ
اصلي سمجهي چپ چاپ وٺي ويندو.''

منهنجي چهري تي چانيل بي اعتباريءَ کي دور ڪ
رميش ڀائيءَ دليل ڏنو، ''توهين پري ڇو ٿا وڃو. هت پرس
سنڌين جي ڪتني ڪئمپ آهي، جتي توهان کي سنڌين ح
ڪارخانا ملي ويندا، جتي نقلي گيهہ، نقلي مسالا ۽ نقلي تيل
آهي. هاڻي تہ ملاوٽي دالين ۽ ملاوٽي اٽو بہ ٺهڻ شروع ٿي ويو آ

پنهنجي دليل کي پڪو ڪرڻ لاءِ هن هيمن طرف منهن
ڇيو، ''هيمن ڀائي، تون تہ سچانند کي سڃاڻيندو آهين، تو
ٻڌاءِ، ڪيڏو نہ نقلي گيهہ جي ڌنڌي مان ڪمايو اٿائين. اصل سو
پيو آهي !''

هڪ اڌ شخص جو مثال ڏيئي ، سڄيءَ سنڌي جاتيءَ کي
ڪرڻ هتان جي مڪاني ماڻهن جي عادت آهي. اِهو تہ هوُ من
وٺي ڪندا آيا آهن، جڏهن کان اسين سنڌي هت آيا آهيون.
مڪيہ ڪارڻ جو مون سمجهيو آهي سو هيءُ آهي تہ هتان جي م
ماڻهن هميشهہ اسان کي اوپرو پئي سمجهيو آهي، ڇڻ تہ ڪا
قوم آئي هجي جا ديش جي ڪُلُ ساڌن سامگريءَ مان سندن حصو
وٺندي ۽ هوُ ان حد تائين بکيا ڏکيا رهجي ويندا. هنن ڪڏه
اِئين محسوس نہ ڪيو آهي تہ جيڪڏهن اڄ ڀارت جي ڌرتيءَ ت
آزاديءَ جو ساهہ کڻي رهيا آهن، سو صرف سنڌين ۽ پنجابين
تياڳ ۽ ٻليدان سبب. جيڪڏهن ان وقت ملڪ جي ورهاڱي
اقرارنامو روڪيو وڃي ها تہ شايد هندوستان جي آزادي ڪيترا ئي
پٺتي رهجي وڃي ها. ليڪن ديش جي آزاديءَ لاءِ سنڌين کي ان
قيمت چڪائڻي پيئي، جنهن ڳالهہ جو هتان جي عام ماڻهوءَ کي
احساس ڪونهي ۽ نہ وري هتان جي سرڪار ئي ان ڳالهہ کي قبولي

”ننگو سچ“

ڪانتا هتان جي سٽي ڪاليج ۾ ليڪچرار آهي ۽ سماجڪ گيان (Social Science) جي وشيہ تي وديارٿين کي پڙهائيندي آهي. نوءِ عورت جي آزاديءَ جي زوردار حمايت ڪندڙ آهي ۽ عورت مٿان يندڙ مرد جي زور زبردستيءَ خلاف آواز اُٿارڻ ۾ هميشہ اڳري هندي آهي. انهيءَ ڪري ڪاليج ۾ ڪيس فائيٽر (Fighter) جي نالي سان ئي سڃاتو ويندو آهي.

ڪانتا کي هڪ ڀيڻ بہ آهي راڌا، جا ڪائنس چار سال وڏي آهي. ئي ڀينر وچولي ڪٽنب جي وايو منڊل ۾ ڄايون، پليون ۽ وڏيون ٿيون هن. راڌا جي ننڍي هوندي ئي شادي ڪرائي وئي، ليڪن ڪانتا خلافت جو آواز اُٿاري شاديءَ کان اِنڪار ڪيو ۽ پڙهڻ چاهيو ۽ نتيجي طور اڄ هوءَ هڪ وڏي ڪاليج ۾ ليڪچرار آهي. ٻئي ڀينر اڪثر هڪ ي سان ملنديون رهنديون آهن. ليڪن، هن ڀيري ڪين چار سال ٿجي ويا هئا جو هوُ هڪ ٻي سان نہ مليون هيون. انهيءَ ڪري ڪانتا ڪيتري وقت کان موقعي جي تلاش ۾ هئي تہ وڃي راڌا سان ملي اچان اهڙو موقعو جلد ئي ٻڻجي آيو جڏهن ڪانتا ڪجهہ ڏينهن اڳ ڪاليج جي موڪلن ۾ ٽائيم ڪڍي پنهنجيءَ ڀيڻ راڌا وٽ گهمڻ هلي آئي. ئي ڀينر سالن کان پوءِ مليون تہ بيحد خوش ٿيون.

راڌا جي گهوٽ جو نالو شيام آهي، جو گهٽو پڙهيل نہ هئڻ ڪري ڪنهن سيٺ وٽ خانگي نوڪري ڪندو آهي. پگهار پوري ساري ملندي اٿس، ليڪن اُن مان گهر گرهستيءَ جو خرچ مڙيوئي نڪري يندو آهي. ڪين هڪ پٽ بہ آهي، اٺن سالن جو هريش، جو اسڪول پندو آهي. ڪانتا کي راڌا جي گهرو حالت جي پوري ڄاڻ آهي، نڪري ڪڏهن ضرورت وقت پنهنجو هٿ ڏگهيڙي وٺندي آهي.

شام ٽائين بہ جڏهن شيام گهر نہ موٽيو تہ ڪانتا راڌا کان سوال ڪيو، ”چو ديدي، جيجاجي اڄا ٽائين بہ ڪونہ موٽيو آهي؟ ڪيس پنهنجي اچڻ جي خبر تہ آهي نہ؟“

هوندا ! هاڻي توهين ئي ٻڌايو تہ وڏيڪ بي ايمان ڪنهن کي س
ڳهرجي؟''

رميش پائيءَ وٽ شايد ان سوال جو ڪوبہ جواب ڪونہ هو
ان طرف هن ڪڏهن سوچيو بہ ڪونہ هوندو. ليڪن هوُ ڪيترو ش
ٿيو سو تہ چئي نہ ٿو سگهجي، ليڪن جهٽ بعد هو بنان ٻڌائي
چاپ اُٿي ويندو رهيو.

✧✧✧✧

هر نڪتو. ڪانتا ڪي دروازي جي ٻاهران بيٺل ڏسي هوُ ٺهائين
ڪجي ويو. ڪانتا محسوس ڪيو تہ هوُ نشي ۾ هو ۽ منجهائنس
راب جي گندي بانس پئي آئي. ڪانتا ڪجهہ چوي ان کان اڳہ شيام
نهس نهاريندي چيو، ”.. وچي پنهنجي پيڻ کي سمجهاءِ... اِئين
ڪندي تہ اُڦٽ ماري پورو ڪندوسانس.. وڏي آئي آهي مونکي
مجهائڻ واري تہ شراب چو ٿو پيئان.... ها پيئان ٿو... سو ڇا....
ندس پئسن جو ٿو پيئان؟....“ ۽ اِئين بڙبڙائيندو ۽ ٿابڙجندو هو
هر نڪري ويو.
ڪانتا ڊوڙي وچي راڌا کي ڳرانڙي پاتي جا اجا بہ زور زور سان
وئي رهي هئي. ننڍڙو هريش بہ راڌا کي پڪڙي روئي رهيو هو. ڪانتا
ٺهت وچي رنڌڻي مان پاڻيءَ جو گلاس ڀري آئي ۽ راڌا کي آڇيندي
چيو، ”ديدي، بہ ڍُڪ پاڻيءَ جا پيءُ تہ جيءُ سامت ۾ ايندءِ.... پوءِ
ون کي ٻڌاءِ.... تہ آخر ماجرا ڇا آهي؟“
راڌا پاڻيءَ جو سڄو گلاس پي وئي تڏهن بہ سندس سڏڪا بند
ڪونہ ٿيا. ڪانتا سندس پٺيءَ تي هٿڙا گهمائيندي چيو، ”پل ڪوئي
ڪيتري بہ غلطي ڪري، ليڪن اهڙي وحشي نموني پنهنجيءَ
استريءَ کي مارڻ ... مان تہ سوچي بہ نہ ٿي سگهان.... ٻڌاءِ نہ ديدي،
نہ آخر ڳالهہ ڇا آهي......“
راڌا سِسڪيون ڀريندي چيو، ”ڪانتا، مان رڳو ايترو
چيومانس تہ اڄ پيڻ گهر ۾ تڪيل آهي... جيڪڏهن اجوڪو ڏينهن نہ
پي اچين ها تہ ڇا ٿي پوي ها...... بس .... تپي باهہ ٿي ويو... ڇي
ٿون ڪير ٿيندي آهين مونکي نصيحت ڪرڻ واري....“ ۽ راڌا زور
زور سان روئڻ لڳي.
”.. جيجاجي ڇا هيئن روز شراب پي ايندو آهي.....“ ڪانتا
پنهنجو انومان لڳائيندي عجب مان چيو.
”.. ها....ڪانتا... روز هت اِئين ئي ٿيندو آهي..... هي شراب
پي اچي ..... ۽ ڪنهن نہ ڪنهن ڳالهہ تي مچرجي وچي ۽ پوءِ مارڻ
شروع ڪري..... هيءَ تہ روز جي ڪهاڻي آهي......“ راڌا پنهنجي

”خبر تہ اٿس، مون کيس ٻڌايو هو،“ راڌا جواب ڏنو، ’
نوڪري ئي اهڙي اٿس تہ هوُ ڇا ڪري؟ مُئو سيٺ رات رات
وبهاري ڇڏيندو اٿس. ڪڏهن ڪڏهن تہ رات جا ٻارهان بہ وڄي
اٿس.“

رات جو ڀوڄن تيار ٿيو تہ راڌا ڪانتا کي کائڻ لاءِ سڏ
ڪانتا چيو، ”جيجاجيءَ کي تہ اچڻ ڏي، گڏجي کائينداسين،
ڏينهن کان پوءِ تہ آئي آهيان.“ ليڪن راڌا کيس سمجهائيندي
”ڀيڻ، تون جيجاجيءَ جي چنتا نہ ڪر. هن جو مقرر ٽائيم ڪ
ڪونہ، دير ٿيس تہ اڌ رات بہ ٿي ويندس. انڪري اسين ٽيئي ڪ
کٹون. هريش کي بہ تہ بک لڳي هوندي. باقي تنهنجي جيج
واسطي روز وانگر ٿالهي رکندس. جڏهن ايندو تہ گرم
ڏينديسانس.“

. رات جو ڪانو ٽنهي گڏجي کاڌو. ان کان پوءِ ڪافي دير
هي ٻئي ڀينر پاڻ ۾ ڳالهيون ٻوليون ڪنديون رهيون، ليڪن
تڏهن بہ ڪونہ آيو. ڪانتا کي ننڊ اچڻ لڳي، چيائين، ”هاڻي
ٿي اچي، جيجاجيءَ سان سڀاڻي ملندس. ٿڪل بہ ڏاڍي آهيان
راڌا کيس الڳہ ڪمري ۾ سمهاري آئي.

ڪافي رات گذري چڪي هوندي جو اچانڪ ڪانتا ڇرڪ
اُٿي ويٺي. ير واري راڌا جي ڪمري مان دردناڪ چيخن جا ۽ رڙ
آواز ٿي آيا. ڪانتا کان رهيو نہ ٿيو، جهٽ راڌا جي ڪمري
ڀڳي، ليڪن ڪمرو اندران بند هو. دريءَ جي ٻاهران هن ڏنو تہ
راڌا کي لڪڙيءَ سان ماري رهيو هو ۽ راڌا ٻئي هٿ اُڀا ڪري
جي هر هڪ وار کان پاڻ کي بچائڻ جي ڪوشش ڪري رهي
ڪانتا گهٽو ئي دروازي تي ڪٽ ڪٽ ڪئي ليڪن دروازو اندران
کليو ۽ شيام جي مار هلندي رهي. راڌا جي روئڻ ۽ چيخن
ڪجهہ بہ سمجهہ ۾ ڪونہ ٿي آيو تہ آخر ڳالهہ ڇا هئي ۽ شيام ڇ
بي رحميءَ سان راڌا کي ماريو.

ٿوري دير کان پوءِ ڪمري جو دروازو کليو ۽ شيام بڪ بڪ

ٿيون، ليڪن سندس پيڻ سان بہ اهڙي بي اِنصافي ٿي رهي هئي،
نهن کان هوءَ بلڪل اڻڄاڻ هئي. ڪيس راڌا تي غصو اچڻ لڳو،
چيائين، ”.... هي سڀ ڪجهہ بند ٿيڻ گهرجي... اڄڪلهہ اهو اڳہ
ارو زمانو ڪونهي جڏهن مڙد پنهنجي عورت کي پير جي جتي ڪري
سمجهندو هو، کيس ماريندو هو ، ڪٽيندو هو ۽ گهر مان ڪڍي
ڇڏيندو هو ۽ ويچاري عورت چپ چاپ پيئي سڀ ڪجهہ سهندي
هئي.... اڄ تون نئين زماني جي عورت آهين، توکي هن ظلم جي
خلاف پنهنجو آواز بلند ڪرڻ گهرجي..... “

راڌا عجب مان ڪانتا ڏانهن نهاريندي رهي، ڪيس وشواس
ئي نہ ٿي آيو تہ هوءَ پنهنجيءَ پيڻ کي ٻُڌي رهي هئي يا ڪنهن نيتا
جو ڀاشڻ ٻڌي رهي هئي. ڪانتا اڃا بہ پنهنجي ڳالهہ جو سلسلو جاري
رکندي چيو، ”... اڄ جي عورت سجاڳہ آهي ۽ اسين مڙدن جي هن
اتياچار کي بند ڪرڻ لاءِ سرڪار وٽ قانون آهي، عدالتون آهن. اسان
کي بہ ان جي مدد وٺڻ گهرجي... مڙدن کي ٺيڪ ڪرڻ جو اِهوئي هڪ
رستو آهي......“

راڌا اڃا بہ ڪوجواب نہ ڏنو تہ ڪانتا چيو، ”تون هاڻي ئي
مونسان گڏ هل تہ هلي ٿاڻي ۾ رپورٽ درج ڪرايون... پوليس کي هلي
پنهنجا هي گهاوَ ڏيکار تہ ڪيئن تنهنجي ئي مڙد بي رحميءَ سان
توکي ماريو آهي.....“

”ليڪن پيڻ، ان مان ڇا ٿيندو...؟“ راڌا پنهنجي بي رخي
ڏيکاريندي چيو.

”ديدي، هن کي پنهنجي ڪئي جي سزا ملندي.. کيس جيل
بہ ٿي سگهي ٿو. جڏهن جيل ۾ وڃي چڪي پيهندو تڏهن ئي سمجهہ
۾ ايندس تہ پنهنجيءَ زال کي مارڻ جي ڇا سزا آهي.“

”اِهو سڀ تہ ٺيڪ، ليڪن پوءِ ائين اِهو تہ ٻڌاءِ تہ هن جي
جيل وڃڻ سان مون کي ڇا ملندو؟“ راڌا بلڪل ئي سنجيدگيءَ سان
سوچيندي ڪانتا کان پڇيو.

”تون روز روز جي مارڪٽ کان بچي ويندينءَ... تون هن جي

بيوسي ظاهر ڪندي چيو، ''....... مون تہ هيءَ ڳالهہ توکان لڪ
رکڻ چاهي... ليڪن سچ پلا ڪيترو وقت لڪي سگهندو.....''
ڪانتا رنڌڻي مان هٿڌ جو ليپ ناهي ڪڍي آئي ۽ را
ٻانهن ۽ پنيءَ تي لڳايو جتي جتي مار جا نشان ڏسڻ ۾ تي آ
جڏهن ٿورو سامت جو ساهہ کنيو تہ ڪانتا ڪائنس پڇيو، ''ديدي
هي سڀ ڪجهہ چپ چاپ سهندي آئي آهين، سو بہ هيتري
ڪان، مون کي تہ عجب ٿو لڳي! .... ليڪن ان لاءِ تون ڪجهہ ڪو
ڪونہ ٿي......؟''
''ڇا ڪريان......'' راڌا چيو، ''مون ڪيترائي پيرا سم
تي مانس، ٻين کان چوايو تي مانس، ننڍڙي هريش جا قسم ڏ
مانس، ليڪن هي آهي جو عادت کان مجبور ٿي باز ئي نٿو اچي
روز دوڪان تان لهڻ کان پوءِ هليو وڃي پنهنجي پيئاڪ دوستن
گڏ ۽ رات جو دير دير سان نشي ۾ چور ٿي موٽي ۽ اچي بها
بهاني مارڪٽ ڪري......'' راڌا جي دل پرجي آئي ۽ پوءِ تڏو
پريندي چيائين، ''هاڻي تہ مان هن ڳالهہ جي عادي ٿي ويئي آه
ڪابہ نئين ڳالهہ نٿي لڳي... تون مون لاءِ ڪابہ چنتا نہ ڪر...
تائين سڀ ٺيڪ ٿي ويندو...''۽ هن اڻ لکو مشڪي ڏنو.
ڪانتا پنهنجي ڀيڻ جي سهن شڪتيءَ تي عجب کائي
چيو، ''شاباس آ توکي ديدي، جو هي سڀ سهي سگهين ٿي، م
جيڪر هڪ ڏينهن بہ برداشت نہ ڪري سگهان.......'' راڌا جو
جواب نہ ڏنو، تڏهن ڪجهہ سوچيندي ڪانتا چيو، ''جيجاجيءَ
پگهار تہ پوري ساري آهي.... ۽ مٿان هيءَ شراب جي علت.... گه
خرچ پکو ڪئين هلندو هوندو؟''
''ان جو بندوبست مون ڪري ڇڏيو آهي..... سيٺ
ڳالهائي هن جي اڌ پگهار مان سڌو ئي وٺي ايندي آهيان... تڏه
هي گهر هلي ٿو ۽ هريش جي پڙهائيءَ جو خرچ سؤلائيءَ سان نڪ
ٿو......''
ڪانتا گهٽيون ئي مڙدن جي ڏاڍائيءَ جون ڪهاڻيون ٻڌ

هن صبوح بہ ايندي ۽ مون کي مارڻ کائڻ جو عيوضو ملندو....
.... ان آس ۾ مان جيئندي رهندي آهيان...''راڌا ڪان هاڻي رهيو
يو ۽ هوءَ اوچنگارون ڏيئي روئڻ لڳي.
ڪانتا پيڻ کي ڳرانڙي پائيندي چيو، ''استريءَ جي هن
بوريءَ ۾ جا ممتاجي مهانتا سمايل آهي، ان جو اڄ مون کي چڱيءَ
ح احساس ٿيو آهي. تو جهڙيون هزارين ناريون هونديون جي هن
ح جي بيوسيءَ جي زندگي گهاري رهيون هونديون. ليڪن سماج يا
ڪار انهن لاءِ ڪجھہ بہ نہ ٿي ڪري سگهي. '' ڪانتا وري بہ راڌا
ي ياڪر پائي دلداري ڏني ۽ اچي پنهنجي ڪمري ۾ سمهي، ليڪن
س نند ڪونہ آئي. سندس من ۾ ڪيترائي ويچار هڪ بي پنيان اچي
يا هئا. هن چاتو ٿي تہ راڌا جو چيو ٿي سو سڀ سچ هو، هڪ ننگو
ڄ جنهن کي نہ چاهيندي بہ قبول ٿي ٿي ڪڙٽو پيو. استريءَ جي
اجڪ آزاديءَ ۽ برابريءَ جي حقن جي اسين طرفداري تہ برابر
يون ٿا، ليڪن استري جيستائين مالي لحاظ کان پنهنجي پتيءَ
ي اڌين آهي، تيستائين هي ڳالهيون بي مطلب آهن......
ٻن ڏينهن کان پوءِ ڪانتا موٽي آئي ليڪن هي ننگو سچ هوءَ
ڏهن بہ وساري نہ سگهي.

✧✧✧✧

ڳنڍي اتياچار کان بچي ويندينءَ....“ ڪانتا هڪدم جواب ڏ
”.. سا ڳالهہ بہ سني.... ليڪن اسان جي سار سنڀال
لهندو؟ جيڪڏهن هوُ جيل ويو تہ نوڪري ڇٽي.. ۽ جيڪڏهن نو
ڇٽي تہ سيٺ ڇا مونکي ائين ئي اڌ پگهار ڏيندو؟“ راڌا پنهنج
پيش ڪندي چيو.
”.. تڏهن تون ڇا روز روز پيئي مڙس جون مارون کا
رهندينءَ“.... ڪانتا اُتاولي مان ڇڙندي چيو. ”... جيڪڏهن
حالت بڻجي اچي تہ توهين ٻئي ڄڻا مون وٽ اچي رهجو.... ا
تون چنتا نہ ڪر.....“
راڌا پهريائين تہ چپ ويٺي رهي، پر پوءِ ڪجهہ سوچ
چيو، ”پيٽ ، ڏرَڏرَ جون ٺوڪرون کائڻ بجاءِ ۽ ٻين جي رحم تي
بجاءِ، مان تہ سمجهان ٿي تہ پنهنجي ئي مڙد جون مارون کا
اُهو بهتر ٿيندو.... مون کي پاڻ کان وڌيڪ هريش جو خيال
آهي، هن جي آئينده جي چنتا رهندي آهي. مان کيس پڙهائي
ماڻهو بڻائڻ ٿي چاهيان..... کيس هڪ قابل اِنسان ٿي بڻائڻ چ
جو پنهنجي پيءُ کان بلڪل ئي نرالو هجي... ڇا هي سڀ ممڪ
سگهندو. جيڪڏهن پنهنجو ئي ڪو گهر گهاٽ نہ هجي يا ڪو ڪ
جو رستو نہ بچي... تون ئي ٻڌاءِ ڪانتا.... هي سڀ ٿي سگهن
چوندي چوندي راڌا چپ ٿي وئي ۽ سندس دل ڀرجي آئي.
ڪانتا مسئلي جي هن پهلوءَ تي شايد ڪڏهن سوچيو ئي
هو. هن کي چپ ويٺو ڏسي راڌا وري چيو، ”استريءَ جي اڪيل
مان سمجهان ٿي...ڪيترا ڀيرا سوچيو اٿم تہ هن مصيبت ڀ
ڏڪار ڀري زندگيءَ کان ڇوٽڪارو پائي اسين ڪيڏانهن هليا وڃون
ليڪن سوال آهي تہ ڪيڏانهن وڃون.... وڏ ۾ وڏ مان پورهيو ڪ
سگهان ٿي ۽ اسين بہ جيۊ زنده رهي سگهون ٿا.... ليڪن ڇا
ساهہ کڻڻ ئي زندگي آهي؟ منهنجو سالن کان سانڍيل سپنو ڇا
ساڪار ٿي سگهندو؟ جيڪڏهن مان هريش جي روشن آئينده لا
مارون سهان ٿي تہ ان ۾ ڪهڙي خراب ڳالهہ آهي؟ آخر تہ ڪڏه

ن. مان تہ آهيان پاپي، پر توکان پاپ نہ ڪرائيندس.'' ۽ ٿورو وڏي
ي اسٽاپ تي اچي بيهاسين.

هڪ ٻي پنيان لڳاتار چار بسون لنگهي ويون پر سڀ پريل هيون.
هن پرسي جي صلاح ٿي تہ پهرين نمبر مان هلي چڙهون. پهرين
ر آياسين تہ ڪئمپ نمبر پنجين لاءِ بس تيار بيٺي هئي ۽ اسين
ر سان اُن ۾ اچي ويهاسين.

مون پڇيو، ''پرسا شادي تہ ڪئي هوندءِ....؟''

پرسي مشڪندي جواب ڏنو، ''اڃا تہ ان جي ضرورت ڪانہ ٿي
ي.....ڪير تو ان جنجال ۾ ڦاسي.''

وچ ۾ ئي ٽوڪيو مانس، ''شاديءَ کي جنجال ٿو سمجهين؟''

''نہ تہ ٻيو ڇا هي؟ جنجال ئي تہ آهي. شاديءَ جو سک
ڪڏهن شاديءَ کان سواءِ ملي سگهي تہ پوءِ ٻچيءَ ۾ هي گهانگهو ڇو
جي. پنهنجو مطلب ڪير سان تہ پوءِ ڳانءِ ڇو پالجي؟''

دل ۾ پرسي جي هن ويچارڌارا لاءِ نفرت جو هلڪو آياس اُڀريو.
ديءَ جو ڇا صرف اِهوئي سک آهي؟ بس ۾ اڃا ٻيو ڪو بہ مسافر
رهيو ڪونہ هو. پراڻيون يادگيريون دماغ ۾ تري آيون. پڇيومانس،
برسا، هن پميءَ جو ڇا ٿيو، جنهن کي تون بيحد پائيندو هئين؟ ''

پرسي لاپرواهيءَ سان جواب ڏنو، ''اُها بہ هت رهندي آهي ۽
ت تہ مچي دابلو تي پيئي آهي.. جهڙي ڪاري مينهن....''

مون پرسي جي منهن ڏانهن نهاري مشڪيو. چيائين، ''مان
رچو نہ ٿو ڪريان.........'' پوءِ ڳالهہ ڦيرائيندي پڇائين، ''ٻڌو اٿم
توکي سرڪاري نوڪري آهي.''

''ها، سواسوءُ کن پگهار ملندي آهي.. چار ياتي آهيون ، بصر
دو مزي سان ڪاٽي وٺندا آهيون...''

''اوهہ! تہ مطلب تہ شادي ڪئي اٿئي ۽ ٻہ ٻار بہ ڄڻيا اٿئي؟''

''ها، هاڻي تہ وينو وڪالت پڙهان... هن سال ئي امتحان

ي.''

پرسي ٺهڪ ڏيندي چيو، ''يار، پنهنجو تہ اُهو ئي ٽِيوڳُل آهي.

”جڏهن پرسي سان مليس“

جپاني بزار لتاڙي جڏهن راشن آفيس جي چونڪ تي پ هن کي سامهون بيٺو ڏٺو. هن به مونکي ڏسي ورتو. پهريائين ڪري مون ڏانهن نهاريندو رهيو. پر پوءِ جڏهن ورجايومانس، نٿو سڃاڻين؟“ ته وڏي اچي زوردار ڀاڪر ۾ ڀريائين. ”ڏهن ئي تون وسري ويندين ڇا؟“ تون لفظ تي پرسي جيڪو زور ڏاڍو وڻندڙ لڳو. چيائين، ”ڪر خبر، ڪيئن آهين ۽ هت ڪڏ آهين؟“ چيم ”اچڻ کي ته ڏهاڪو ڏينهن ٿي ويا، سياڻي ته و وڃبو.“ ”ائين وري ڪيئن ويندين....“ وچ رستي تان هٽي تي پهچندي پرسي چيو، ”يلا هاڻي رهو ڪٿي؟“

مون چيو، ”جبلپور ۾ اچي ٽاٽو نڪاٽو کيو آهي. پر پر ته ڏاڍو بدلجي ويو آهين. سڃاڻڻ ۾ ئي ڪونه ٿي آئين.“ ”پر ته ساڳيو پرسو....“ ۽ پوءِ منهنجو هٿ پڪڙي چيائين، ”پيون پوءِ ڪنداسين، هاڻي هلون ٿا گهمڻ..... امبرنات......“

مون نٽائيندي چيو، ”اڙي يار ڇڏ امبرنات کي، ا فئڪٽريون ۽ ڪارخانا جام ڏٺا آهن.“

”امبرنات جي فئڪٽريءَ لاءِ نه ٿو چوان... امبرنات ج سڄي هندوستان ۾ مشهور مندر آهي. ... ڪونه ڏٺو هوندءِ.“

چيم، ”هندوستان ۾ ڪو هڪ مندر آهي جو ڏسجي؟“

پرسي کلندي طعنو هڻندي چيو، ”.. ته توکي به هتان ج لڳي ويئي آهي. اڳي ته ان نموني ناستڪپڻي جون ڳالهيون ڪندو هئين!“

مون صرف کلي ڏنو.

پرسي چيو، ”مان ته روز نيم سان امبرنات مندر ۾ ڪرڻ ويندو آهيان.... اڄ ڏينهن ٽائين هڪ ڏينهن به ڪونه اٿم.“

مون بي دليو مڃيندي چيو، ”هل يائي، جيڏانهن ب

ٻاهر نڪتي.

مان مندر ۾ هيٺ لهي ويٺس. وچ تي شِوَ جو لنگ نهيل هو، هن جي چوڌاري ڪيترائي ماڻهو اچي ڪٺا ٿيا هئا. ڪو اکيون ي ۽ هٿ جوڙي چپ چاپ ويٺو هو ته ڪو ٻچيءَ ۾ پلئه پائي چپن پڻ پڻ ڪري رهيو هو. پرسو به اچي پهتو. اگربتيون ٻاريائين ، شِو ي لنگ تي گل چاڙهيائين. ناريل به ڀڳائين ۽ پوءِ لنگ جي چوڌاري چار ڦيرائي پائي ۽ هٿ جوڙي بت بڻجي ويهي رهيو. من ئي من شايد ڪوئي جپ دهرائيندو هوندو. سندس ايڏي شرڌا ڏسي مونکي جب ٿيڻ لڳو.

مندر کان ٻاهر نڪتاسين ته ڪجهه پريرو ساڳي ڇوڪري ويٺي ي، کيس ناريل جا به چار ٽڪرا ڏيندي پرسي چيو، ”شيلا، ورهين ن پوءِ مونکي پنهنجو جاني دوست گڏيو آهي. انهيءَ ڪري اڄ ته ن اچي ڪونه سگهندس. سياڻي تو وٽ ايندس ۽ پوءِ ڊاڪٽر وٽ نداسين.“ ڇوڪري چپ چاپ هلي وئي ته پرسي ڳالهه کي جهائيندي چيو، ”ڪوئي ياءُ ياءُ اچي ڪري گلي پوي ته ڇا جي؟ نياڻو ته پوي ٿو.“

مون ساڻس ها ۾ ها ملائيندي چيو، ”ٺيڪ ته آهي. ويچاريءَ ي پنهنجو ياءُ نه هوندو.“ سمجهان ٿو منهنجو اشارو هن کي سمجهه اچي ويو، جنهن ڪري هوءُ چپ چاپ ڪري هلڻ لڳو. بس ۾ ناسين ته چيائين، ”سڌو گهر ٿا هلون.... اُتي رسوئي به ڪنداسين ۽ لهيون به ڪنداسين.“

مون چيو، ’مونکي مڙيو ئي تي روٽي کائڻي، پوءِ تو وٽ ئي هي.‘ پرسي جي گهر پهچي ڏٺو ته سندس گهر پورو سارو هو. سامهون ڪ پلنگ پيل هو، جنهن جي پاسي ۾ هڪ ميز ۽ ٻه ڪرسيون رکيل يون. ڀتين تي گهڻيون ئي مورتون ٽنگيل هيون. هڪ پاسي کان رونانڪ، شري ڪرشن ۽ شري رام جون مورتون ۽ ٻي طرف فلمي ڏاڪارن جا فوٽا لڳل هئا. مون ڦيريون ئي دفعو پرسي جي عقل کي داد نو ته گهٽ ۾ گهٽ ٻنهي کي ملائي هڪ ئي قطار ۾ نه رکيو هئائين.

نہ اُتي پڙهڻ سان پئي ۽ نہ هتي، تڏهن بہ هر مهيني پہ اداءِ
ڪڍي ويندو آهيان ۽ وقت پيو ڪٽجي.''
مان پڇي وينس، ''ڪو ڏنڌو ڌاڙي ڪندو هوندين؟''
پرسي کِلي چيو، ''وڏيڪ نہ پڇجانءِ تہ ڇا ڪندو آهيان.
ڪٿان نہ ڪٿان موڪلي ڏيندو آهي.''
مان اچرج کائڻ لڳس تہ پرسو آخر ڇا ڪندو هوندو؟
اهڙو ڪجهہ ڪندو هوندو جو نہ ٻڌائي سگهجي. خير ايتري ۾
نمبر ڪئمپ اچي ويئي ۽ اسين بس مان لهي پنڌ هلڻ لڳاسين
ڪجهہ پرسان ئي هو جنهن جي ٻاهران پهچي پرسي اگربتين جي
۽ گُلن جو دونو ورتو. اڏواڏ ڪري مونکي ڏيڻ چاهيائين، ليڪن
کيس روڪيندي چيو، ''ساڳي ڳالهہ آهي، توسان گڏ تہ آهيان.''
پرسي مشڪندي چيو، ''ڳوٺ ۾ تہ يائي نانڪرام جي
۾ ٻئي هٿ جوڙي پڇن ڳائيندو هئين.....''
''..... ۽ تون يائي صاحب جي پيٽيءَ مان پئسا چورائي
ويندو هئين...'' ٻئي کلڻ لڳاسين.
مندر برابر پراڻي زماني جو نهيل پئي لڳو. پرسي ٻڌايو تہ
ئي مندر پنجن پانڊون بنواس جي ٽائيم ۾ راتورات ٺهرايو هو ۽
ٿيندي ئي جيئن ڪڪڙ ٻانگ ڏني تہ ڪم بند ڪيو ويو. جيڪ
رهجي ويو سو رهجي ويو. انڪري مندر جي مٿان ڇت بہ ڪونہ
سگهي.
مندر ۾ ڪافي ڀيڙ هئي. اندر وڃڻ جو رستو بلڪل ئي
هو، جنهن ڪري سيني کي قطار ناهي اندر وڃڻو ٿي پيو. هڪ
ڪان زالون ۽ ٻي طرف کان مڙد، جي وچيم اچي ٿي گڏيا. جيس
قطار هلندي رهي پرسو مون سان ڳالهائيندو رهيو. پر مندر ۾
سان هو زالن جي قطار ۾ ڄڻ ڪنهن کي ڳولهڻ لڳو. اوچتو اُتي
چيو، ''اڙي، ناريل وٺڻ تہ ياد ئي ڪونہ آيو. تون اندر هلي تر
مان اجهو ٿو ناريل وٺي موٽان.'' ۽ جنهن وقت هو قطار مان ن
نيڪ ان وقت زالن جي قطار مان بہ هڪ جوان ڇوڪري پنجابي

ٿو ماٺو پاڻ کي ائين نڀيندو؟ ايتري ۾ امان تسريءَ ۾ ٻه چار پاپڙ
ائي آڻي ٽيبل تي رکيا. مون ڳالهه کي سلجهائيندي چيو، ”تون
پيءُ نه.. توکي جهليان ته ڪونه ٿو.“
پرسي اُٿندي چيو، ”تون ته يار ناراض ٿي وئين. چڱو ترس ته
شيوا ڪري وٺان. هن اُٿي وچي پٽ ۾ لڳل ڪٻٽ کوليو. ڪٻٽ
هيٺين خاني ۾ پتل جو ناڪر ڏسڻ ۾ آيو جنهن جي مٿان
ٽيريون ئي زريءَ جون ڪنڊيون پيل هيون. پرسي ڏيئو ٻاريو ۽ ڏوپ
ايو ۽ ڏهاڪو منٽ ٻانهون ٻڌي ڪجهه اچاريندو رهيو جو منهنجي
سمجهه ۾ ڪونه ٿي آيو. مان ڪنهن عجيب چاهه ۽ مونجهه جي ڳڏيل
ڊ ۾ کيس ڏسندو رهيس.
شيوا پوري ڪري ۽ ڪرسيءَ تي ويهندي پرسي چيو، ”مان وينو
ٺان ۽ تون وينو ڏسندين، اِها ڳالهه نهي ته ڪونه ٿي“ ايتري ۾
روازي تي ٺڪڙي کِٽ کَٽ ٿي. پرسي اک ڇنڀ ۾ شيشي
لي وهاٽي جي هينان لڪائي ڇڏي ۽ گلاس پاسي ۾ رکيل ڪتابن جي
ٺتان رکي ڇڏيو. تڏهن ٻه کيس دروازي تائين وڃڻ جي همت نه
ي. اُتان ئي رڙ ڪري ماءُ کي چيائين، ”اَمان، ڏس ته در تي ڪير
هي؟“
در تي پاسي واري جيني ماءُ هئي جنهن جي اوچتو ڪنڌ ڪٽي
يئي هئي جا اُڌاري ونڻ لاءِ اچي پرسي ماءُ جو دروازو ڪٽڪٽايو هئائين.
رسي خار کائيندي چيو، ”اها جيني ماءُ آهي نه .. ڪيڏو سمجهايو
يمانس ته اِئين ٺڪڙو ٺڪڙو دروازو نه کڙڪائيندي ڪر...جان ئي
ڪڍي ٿي ڇڏي......“
جيني ماءُ ڪنڌ وٺي واپس هلي وئي ۽ دروازو بند ٿي ويو. تڏهن
ون پرسي کان پڇيو، ”پرسا.... تون ته ڊڄي وئين ، ڇو؟“
پرسي چيو، ”يار ، شُڌِ توکي ٻه آهي..... هت سنڌي سنڌيءَ
ي نٺو سهي...چغلي هڻڻ ۾ سڀ اڳرا آهن.. سنڌي ئي سنڌيءَ جي
لاف چغلي هڻندا آهن......“
مون سوال ڪيو، ”پرسا، جيڪڏهن تو صحيح ڪم ٿي ڪيو ته

مونکي ڪرسيءَ تي ويهاري پرسو اندرين ڪمري ۾ هلي
جڏهين موٽيو تہ سندس هٿ ۾ گرائيپ واٽر جي پريل شيشي
بيءَ ڪرسيءَ تي ويهندي هن ماءُ کي سڏ ڪري چيو، ”امان
پاپڙ تہ پچائي وٺ ۽ اچي ڏس تہ ڪير آيو آهي.“

ماٽس ڏسندي ئي خوشيءَ مان رڙ ڪندي چيو، ”اڙي،
آهين... ڪيڏو نہ بدلجي ويو آهين.....“

مون ورائيندي چيو، ”امان، تون پنهنجي پرسي کي
ڏس... آهي ساڳيو پرسو؟“

هن جڻ ٻڌو ئي ڪونہ، چيائين، ”پرسا، متان ڪڪي کي
ئي موڪل ڏين... اچ جي رسوئي هٿ ئي ڪري....“

مون چيو، ”........ ان لاءِ تہ هٿ سيڙجي آيو آهيان....“

امان اندر وئي تہ پرسي ڪبٽ مان بہ گلاس لاهي ورتا ۽ مي
رکي شيشي کولڻ لڳو.

مون عجب ڪائيندي ڪائنس پڇيو، ”تون اجا بہ گرائيپ
پيئندو آهين!“

”اڙي يار ، هي ٻارن جو نہ پر وڏن جون گرائيپ واٽر
مان روز ڍُڪُ ڍُڪُ ڪري پيئندو آهيان.. تون بہ پي ڏس. صحت
ويندءِ....“ ۽ هوُ مشڪيو.

هڪ گلاس ۾ اوتي ٻي گلاس ۾ بہ تي وڌائين جو مون
هٿ کان جهليندي چيو، ”مان ڪونہ پيئندو آهيان.“

”پيئندين وري ڪيئن نہ.. مهمانوازيءَ جي خانداني
جو نرادر ڪندين ڇا؟“

چيم، ”اِهو سوال ناهي، مان پيئندو ئي ڪونہ آهيان.“

”آهين تہ پڪو ناستڪ... پوءِ بہ نٿو پيئين.....!“

”... ۽ تون پڪو آستڪ سڏائي بہ پيئين ٿو !“

”داروُن پيئڻ ڪو خراب ٿوروئي آهي.. خراب آهي
ڪرڻ..... مان تہ ٿورو ٿورو دوا سمجهي پيئندو آهيان.......“

اهڙيءَ ڪني دليلبازيءَ تي مونکي چڙ ايندي آهي.

''ڊائريءَ جا ورق''

چانهہ جو ڏؤر اڃا هلي رهيو هو جو مس برڊ اندر لنگهي آئي.
ڊاڪٽر''، هن ايندي ئي چيو، '' مريض وڃي ٿو ڍرو ٿيندو.''
''مان اجهو ٿو اچان..... '' ڊاڪٽر چيو.
چانهہ جو پيالو ختم ڪري جيئن ئي ڊاڪٽر ڪرسي ڇڏي تہ
ٽر نائڪ کيس ٻانهن کان روڪيندي چيو، ''تون اول پنهنجي
ھاڻي تہ ختم ڪر.....''
''ها.. ها.. مريض ڪو يڳو ٿوروئي ٿو وڃي.....'' مسٽر تواريءَ
ڪ کي ٽنائيندي چيو.''
ڊاڪٽر گهڻو ئي ٽٽايو ليڪن چؤياريءَ مان اٿڻ جي کيس
ازت نہ ملي. هن پنهنجي اڌ ۾ ڇڏيل ڪهاڻي وري ڪنئي.
''ڇئن سالن کان پوءِ جڏهن مان انگلنڊ مان موٽيس تہ.....؟ ''
ڪٽر جي جملي پوري ٿيڻ کان اڳہ مس برڊ وري اندر لنگهي آئي.
ندس چهري تي هراس جا آثار ظاهر هئا. نرس ڪجهہ چوي تنهن
ن اڳہ ڊاڪٽر اُٿي کڙو ٿيو. ''دوستو''، هن چيو، ''مون کي معاف
ريو.. هن اڌوري ڪهاڻيءَ کي سياڻي پورو ڪبو.''
ءَ ڊاڪٽر تڪڙو تڪڙو نرس سان گڏ ڪمري مان نڪري ويو.
يض جي عمر مشڪل سان ارڙهان - اڻويهہ سال ٿي لڳي. هوُ رنگہ جو گورو
هو ئي ليڪن بي انتها ڪمزوريءَ کيس مرجهايل ڪليءَ مثل پيلو
ري ڇڏيو هو. ڇاتيءَ تي گهڻي مونجهہ سبب سندس ساهہ زور زور
ان هلي رهيو هو.
نندي ڊاڪٽر ڪمل ساري حقيقت بيان ڪري ٻڌائي ۽ چيو،
اِها بہ خبر ڪونہ ٿي پوي تہ مريض ڪير آهي ۽ سندس مائٽ ڪٿي
ن، جن کي ڪٿي اطلاع ڪجي. اهڙيءَ خراب حالت مان بچي
ڪرڻ مشڪل تہ لڳي ئي ٿو..... پر جيڪڏهن گهربل دوائون ميسر ٿي
گهن تہ شايد بچي بہ وڃي..... ليڪن دوائون بہ سندس عزيزن کان
واءِ ٻيو ڪير ميسر ڪندو.''

پوءِ توکي پوءُ ڇاجو پئي ٿيو؟......... ۽ ڪنهن جو پئي ٿيو؟ تہ
پڪڙجي نہ پوين......... ڪٿي توکي سزا نہ ملي پوي.........
ڪان پئي ڏنين؟''

پرسو واڻڙو ٿي مون ڏانهن نهارڻ لڳو. مون چيو، ''
تنهنجو شراب پيئڻ مونکي برو نہ لڳو. پر تنهنجو هن طرح ڏجي
پيئڻ مونکي سمجهہ ۾ نہ آيو.'' پرسي وٽ ڪو جواب ڪونہ هو.

اسان گڏجي ماني کاڌي ۽ پوءِ پاڪر پائي موڪلايوسين.
محسوس ڪيو تہ پاڪر ۾ جيڪو زور ملڻ وقت هو سو موڪلائڻ
ڪونہ هو.

هي انڪري ياد آيو اٿم جو اڄ پراڻيون چٺيون ڦاڙيندي،
جي ان چٺيءَ تي نظر پيئي جا هن موڪلائي اچڻ ڪان پوءِ لکي
ان ۾ هڪ هنڌ لکيو اٿائين ''مون کي اجا سمجهہ ۾ ڪونہ ٿو اچ
جتي دوستن ۽ مائٽن جي انيڪ صلاحن ۽ اُپديشن ڪم نہ ڪيو.
تنهنجي ڪجهہ لفظن ڪم ڪيو.''

(سنڌو 13

◇◇◇◇

ڊاڪٽر بي چئن تي سامهون واريءَ پٽ تي ٽنگيل چٽر ڏانهن
ريو، جو ڪجهه وقت هن بزار مان خريد ڪيو هو. چٽر ۾ چٽرڪار
هنجي فن جي حد ڪري ڇڏي هئي. ٿارازيءَ جي بن پڙن ۾ هن
ڪاريو هو، هڪ ۾ ڪمزور مريض ۽ بي طرف دوائون جي شيشين جو
ل ۽ ٿارازيءَ جي ڏنڊي ڪي جهلڻ وارو هو خوفناڪ شڪل جو
سان... جو چٽرڪار جي تصور موجب ڪال ئي هوندو. ڊاڪٽر عجب
ڻ لڳو ته چٽرڪار جي ڪلپنا ڪيترو نه سچي هئي ! زندگيءَ جي
مت وچي بٽي هئي ڪجهه سيون ۽ ڪجهه دوائن جون شيشيون!!
ڊاڪٽر جي دل ۾ مريض لاءِ بي حد همدردي جاڳي چڪي هئي
جاڻائيءَ ۽ اڻ ڄاڻائيءَ ۾ هن چاهيو ٿي ته مريض بچي پوي.
هنجي ڪوٽ جي کيسي ۾ هٿ وجهي ڊاڪٽر مريض جي ڊائري
ڍي ۽ پڙهڻ لڳو.
جولاءِ ڪالهه ماسڙ خوب ڳالهايو. چيائين چنا چورا وچين ٿو رڳو
علي حرام جي مالن تي مچندو، باقي ڪم ڪرڻ کان ٻرو. ڳالهه
خسيس هئي. ماسڙ پاڻيءَ جو گلاس گهريو هو. مان کڻي پئي آيس ته
ڀو اچي ويو. شيشي جو گلاس پٽ تي ڪري پرزا پرزا ٿي ويو. بس،
ڻ شامت اچي ويئي. هيءَ ڪا پهرين مار ته ڪونه هئي، اهڙيون
رون مان سبب بي سبب کائيندو رهندو آهيان. ليڪن اڄ مونکي
هنجي ماءُ ياد آئي ۽ ايترو ياد آئي جو هوءَ سامهون هجي ها ته
ندس ڇاتيءَ سان لڳي ايترو ته روئان ها جو وري روئڻ لاءِ اکين ۾
سون ئي نه بچن ها.
سڄي رات روئندي پنهنجي بد قسمتيءَ کي پلائي نه سگهيو
هيان. البت ماسي ئي هڪ اهڙو شخص آهي جنهن کي مون لاءِ
مدردي آهي. مون کي مار کائيندو ڏسي هوءَ به روئي ويئي. منهنجي
ل جو بار هلڪو ٿيو. ماسيءَ چيو، ”رام ... تنهنجي قسمت ئي اهڙي
هي.. تون اڪيلو ان کي ڪٿان ناهي سگهندين... ڪنهن جو ڪيتو
ڪير ٿو لوڙي!“ ماسيءَ جا پويان اکر مونکي سمجهه ۾ نه آيا. مون
والي نگاهن سان ماسيءَ کان پڇيو، ’ڇا مطلب‘ ماسيءَ ڳالهه کي

”مريض وٽان ڪابہ اهڙي شيءِ نہ ملي جنهن مان س
مائٽن جو پتو لڳي سگهي؟“ ڊاڪٽر پڇيو.
”شايد ئي ڪجهہ ملي وڃي......“ اِئين چئي ڊاڪٽر ڪمل
مريض جي جسم جي تلاشي وٺڻ ۾ لڳي ويو. مريض جي خميس
اندرين کيسي مان هڪ ننڍي چوپڙي ملي، جنهن جا پنا اُٿلائي
ڊاڪٽر ڪمل چيو، ”هيءَ تہ سندس روز مرهہ جي ڊائري تي ڏس
۾ سندس مائٽن جو پتو تہ ڪٿي بہ ڏسڻ ۾ ڪونہ ٿو اچي.“ ڊا
ڊاڪٽرن جي هٿن ۾ ڏيندي ڊاڪٽر ڪمل چيو.
ڪجهہ انجيڪشن لڳائڻ کان پوءِ مريض کي ڪجهہ آرام د
کيس ساهہ کڻڻ ۾ هاڻي گهٽ تڪليف ٿي رهي هئي ۽ کيس ننڊ
اچڻ لڳي هئي، جيتوڻيڪ سندس ڪُل حالت اوڏي ئي گنڀير ٿي ڏ
گهڙيال جڏهن نون جا ڏڪ هنيا تڏهن نرس کي تاڪيد ڪري ڊا
ڪمري مان نڪري ويو.
رات جو ڪانو ڪائي ڊاڪٽر آرام ڪرڻ واري ڪمري ۾ ا
اخبار پڙهڻ لڳو. هوُ پڙهي رهيو هو جو سندس آڏو ان لاوارث مر
جي موت سان مقابلو ڪندڙ شڪل اچي بيني. اسپتال ۾ هي
پهريون لاوارث مريض نہ هو. اڳ بہ ڪيترائي اهڙا مريض داخل ٿيا
۽ موت جي گود ۾ آرام پائي روانا ٿيا هئا. ليڪن ڊاڪٽر ڪڏهن
انهن جي باري ۾ هيئن ڪونہ سوچيو هو. ”نوجوان مريض! سن
جواني اهڙي سستي چو بڻي هوندي؟“ ڊاڪٽر جي من ۾ سوال پ
ٿيڻ لڳا. ”........ کيس پيءُ هوندو، ماءُ هوندي ۽ شايد ڪو پنه
جان کان پيارو بہ هجيس. تہ بس، انهن کي خبر پوڻ کان سواءِ
هت ڦٿڪي جان ڏيندو؟ مٽائنس بہ آنسون ڳاڙڻ وارو بہ ڪ
ڪونہ هوندو؟ سندن موت جو چڻ ڪنهن کي غم ئي ڪونہ ٿيندو.
دنيا ۾ هي اهڙو غير ضروري آهي.“
”.... شايد بچي بہ پوي ....“ ڊاڪٽر هاڻي ٻي طرف سوچڻ
”... ليڪن گهربل دوائن کان سواءِ ڪيئن بچي سگهن
اسپتال ۾ تہ اُهي دوائون آهن ئي ڪونہ.....“

جولاءِ چوندا آهن تہ ڏوهتا پٽن کان بہ وڌيڪ پيارا ٿيندا آهن. اڄ
ميرَ اُهو بہ آزمائي ڏٺم. ناني جو دروازو کڙڪايو تہ نانيءَ اچي
يو. مون کي ڏسي پهريائين تہ نانيءَ عجب کاڌو ۽ مونکي ڏسندي
ي. پر جڏهن مون چيو، ”ناني ... مان آهيان رام....“ تڏهن نانيءَ
ي مونکي پنهنجي ڇاتيءَ سان اهڙو تہ چپڪائي ڇڏيو ڄڻ تہ مان
هنجي ماءُ جي گود ۾ آهيان. مونکي ائين محسوس ٿيڻ لڳو گويا
ن جي گهور انڌڪار بعد سکن جي پريات اچي وئي!

ايتري ۾ نانو بہ اچي ويو. نانيءَ خوش ٿيندي چيو، ”سڃاڻو
هي ڪير آهي؟“

نانو مونکي نہ سڃاڻي سگهيو، تڏهن نانيءَ ورجائي چيو،
نوهان رام کي نٿا سڃاڻو... اڙي، اسان جي مايا جو ڪڪو... ڪيڏو نہ
و ٿي ويو آهي!“

ناني ڪجهہ عجيب ڍنگ مان پڇيو، ”هي هت ڇا جي لاءِ آيو
ي؟“

”چوي ٿو تہ مان هاڻي هتي ئي رهندس، پنهنجي نانيءَ
.“ نانيءَ ڪجهہ مشڪندي، ڪجهہ هبڪندي چيو.

”هرگز نہ....“ ناني ساڳئي ئي رکي آواز ۾ چيو. ”جنهن
وريءَ اسان جي خاندان تي بدنما داغ هڻي ڇڏيو، هي ان جي پاپ
ي نشاني آهي.. ڪيس ڏسي منهنجي اکين ۾ خون ڇوليون ٿو ماري،
ئيس تہ هڪدم هتان هليو وڃي....“

مون کين ڪجهہ ڪونہ چيو. چپ چاپ دروازي کان ٻاهر
ڪري آيس. ٿڪر پنڌ هلي مون پنيان نهاريو. ناني دروازي تي بيٺي
ئي ۽ پنهنجي رئي سان اکيون اُگهي رهي هئي، خبر ناهي پنهنجي
جبوريءَ تي يا منهنجي بدقسمتيءَ تي.

خيال ڪيم دنيا بہ ڪهڙي نہ عجيب آهي. جتي ماسي پيار جي
وت ٻڻجي منهنجي جيون جي انڌڪار کي دوُر ڪرڻ چاهي ٿي اُتي
اسڙ طوفان ٻڻجي ان جوت کي گُل ٿو ڪري ڇڏي ۽ جتي ناني
نهنجي ٽٽل ٻيڙيءَ جو ونجهہ ٻڻجي مونکي پار پهچائڻ ۾ مدد ڪرڻ

قيرائيندي چيو، ”مون گهر وارن جي دشمني ۽ ناراضپو. پرائ
توکي هن گهر ۾ وڏو ڪيو آهي... هاڻي گهر وارا تنهنجو هن گ
هڪ منت لاءِ به رهڻ نٿا چاهن....“ مونکي چپ ڏسي ماسيءَ
چيو، ”تون هاڻي وڏو ٿيو آهين... سمجهه سان اچي ٿيو آهين
تنهنجو ۽ منهنجو ڀلو ان ۾ آهي ته تون.....“

”... گهر مان هليو وڃان... “ مون سندس ڳالهه کي
کندي چيو. ”ماسي ، مان به گهڻي وقت کان اهو سوچي رهيو آ
ته ڪيڏانهن دور هليو وڃان. تنهنجو پيار ئي مون لاءِ وڏو آسرو آ
ليڪن منهنجي ڪري تو مٿان ڏک اچي سو مان به نه ٿو چاهيان.

ماسي تڪڙو تڪڙو ڪمري مان نڪري ويئي ۽ مون ڏٺو ته
جي ڪنڌ سان پنهنجون اکيون اگهندي وئي.

شام جو ماسڙ جي ڪمري مان ڪجهه گوڙ ٻڌڻ ۾ آيو. هوُ
زور سان چلائي ماسيءَ کي چئي رهيو هو، ”... اڳي ننڍو هو ته
مان به نهيو ڪندو هوس... ليڪن هاڻي ته هيڏو سارو ڪمائڻ ج
اچي ٿيو آهي. اڃا ڪيترو وقت هت رهي مونکي بدنام ڪ
رهندو.... هيءُ ڪو اناٿ آشرم ته ڪونهي جو پاپ جي پئدائش
رهائجي... جيڪڏهن سياڻي مون ڪيس گهر ۾ ڏٺو ته لتون هڻي ڪ
ڇڏيندو سانس“

ماسڙ ٻيو به گهڻو ئي چيو پر مون بهتر اِئين سمجهيو ته
ڇڏڻ ۾ هڪ ڪن به دير نه ڪريان... ۽ انڪري ان وقت ئي گهر ڇ
نڪري پيو آهيان... ڪيڏانهن ويندس چئي نٿو سگهان... ڇو ته دني
پنهنجو آهي به ڪير جنهن وٽ وڃان. ماسڙ جهڙا ٻيا عزيز ته آ
ليڪن سيني کي مون لاءِ نفرت آهي، هوُ منهنجي پاڇي کان
چڙندا آهن.. انڪري ته مان ناجائز ٻار آهيان. مونکي دنيا ۾ نه ا
ڪپندو هو.... ليڪن ان ۾ منهنجو ڪهڙو قصور؟ ها، البت هن د
مان واپس وڃڻ پنهنجي هٿ ۾ آهي ۽ جڏهن ڏٺم ته هت پروان
دنيا ۾ رهڻ مشڪل آهي ته چپ چاپ بنا ڪنهن کي ٻڌائڻ جي
دنيا مان هليو ويندس.

س. مالڪ پڇيو، ”اڄ ڇا ڪندو هئين؟“
مون چيو، ”ڪجهه به نه.... بي روزگار آهيان....“
مالڪ چيو، ”تمام سٺو. گهٽ ۾ گهٽ بين نوڪرن وانگر ته
رفتبازي اچا نه سکيو هوندين؟“ مون سمجهيو نوڪري ملي ويئي،
هٽ ۾ گهٽ بک جو مئلو ته ڇٽو. پڇيائين، ”ڪنهنجو پٽ آهين
ڪٿي رهندو آهين؟“
چيم، ”پيءُ جي ته خبر ڪونهي ۽ نه وري رهڻ جو پڪو ٺڪاڻو
هي. ڪجهه ڏينهن کان ئي هتي آيو آهيان.“
مالڪ عجب مان سوال ڪيو، ”پيءُ جي خبر ناهي، ان جو ڇا
طلب؟“
”ماڻهو چون ٿا ته مان ناجائز اولاد آهيان.“ مون چيو.
”ته پوءِ هت ڇا لاءِ آيو آهين؟“ مالڪ چيو. ”وڃي ڪنهن
تات آشرم ۾ اجهو وٺ. هت ڪير توکي نوڪري ڏيئي پنهنجي
سمت بگاڙيندو؟“
دل ۾ غصو ته آيو، ليڪن پي ويس. سوچيم، ”هي دنيا وارا به
ڪهڙا نه عجيب آهن ! ڪم مان ڪندس يا منهنجو پيءُ....“
بين ڪيترن هنڌ به ويس ليڪن ڪم ڪٿي به ڪونه مليو. مون
ر بس اهو ئي نقص هو ته مان ناجائز اولاد آهيان.... انڪري نوڪريءَ
جي لائق ناهيان.
باغ جي هڪ بينچ تي ويهي اِهو ئي سوچي رهيو آهيان ته مان
اجائز اولاد آهيان، يعني ته منهنجو ماءُ ۽ پيءُ جي شادي سماجڪ
سنسڪارن موجب نه ٿي هوندي. ضرور ڪنهن نوجوان جو منهنجي ماءُ
سان پيار ٿيو هوندو، ڪي سماجڪ رڪاوٽون آيون هونديون، شادي ٿي
ـه سگهي هوندي، جواني پاڻ سنڀالي نه سگهي هوندي ۽ مان ناجائز
يار......
ليڪن جائز ۽ ناجائز کي تورڻ جو پئمانو به دنيا لاءِ عجيب
آهي! شادي، جا سماجڪ بندن موجب ٿئي، جنهن جا بندن به ڪچي
ڌاڳي کان به نفيس، جنهن کي ڪيترن ئي ٽوڙيو آهي ۽ ڪيترا ان

چاهي ٿي اُتي نانو سمنڊ جي ڇتي ڇولي ٻڏجي بيڙي کي ئي غرق
ڪري ڇڏي. ڪاش ! هن دنيا ۾ سڀ انسان ماسيءَ ۽ نانيءَ جهڙا
هجن!

۲ آگسٽ آگرو انسان جيترو هيڻو آهي، مصيبتون به اوترو ئي وڏيون ٿيو وڃن. اڃا ته دنيا جي رڳو نفرت جو شڪار هوس، ليڪن هاڻي ته بک ۽ بيروزگاريءَ به اچي گهيريو آهي.

اڄ ماسيءَ وٽان خط آيو آهي. لکي ٿي، ”وئين ته موڪلائي به ڪونه وئين. مونکي تنهنجو ڪيڏو خيال ٿيندو، اِهو به ڪونه سوچيئه. تنهنجي وڃڻ کان پوءِ مون ڏاڍو پڇتايو آهي. دنيا ته تنهنجي خلاف ٿي بيٺي، پر مان به ساڻن ملي ويس. مون کي اِهو به خيال نه پيو ته تون ٻار، دنيا جي گردش کان بي خبر، ڪيئن اڪيلو جالي سگهندين. هن پرون جي دنيا ۾ ڪير توکي ڪارائيندو... ڪير توکي پاڻ وٽ رهائيندو... ۽ ڪير تنهنجي بيماريءَ ۾ سار سڌ لهندو؟ رام، تون هاڻي به موٽي اچ، گهر وارن سان پاڻ ئي منهن ڏيندس......“

ڪيڏي نه ماسيءَ جي ممتا آهي! مون خاطر هوءَ پنهنجي گرهستيءَ جا سک به قربان ڪرڻ لاءِ تيار آهي ! اهڙيءَ پياري ماسي لاءِ مان واپس وڃي سندس دکن جو ڪارڻ بڻجان، اِهو ته مون کان ڪونه ٿيندو. مون لکيو ٿي مانس، ”ماسي، مان تنهنجا ٿورا ته عمر پيو لاهي ڪونه سگهندس. تنهنجي ڪري ئي ته مان زنده آهيان. ماسي، تون منهنجي چنتا اصل نه ڪر، مان هٿ هر طرح سکي آهيان. کائڻ لاءِ ڪافي ڪجهه آهي، رهڻ لاءِ هيڏي ساري جڳهه..... هن پروان جي دنيا ۾ نيٺ ڪن ۾ ته پنهنجائي هوندي. بيماريءَ ۾ تنهنجي ڪومل هٿن کان وانجهيل ضرور آهيان، ليڪن سار سنڀال لهڻ وارا گهڻائي آهن.....“

۳ آگسٽ آگرو ڪالهه کان مان بکيو آهيان. خيال ڪيم اِئين ڪير ڏئي ويندو. پنهنجا ئي هٿ هلايان. نڪتس بزار ۾. سوچيم هيڏو سارو شهر آهي. ڪونه ڪو ڪم ڪٿي ملي ويندو. هڪ هوٽل جي ٻاهران تختيءَ تي لکيل هو،”نوڪر جي ضرورت آهي.“ اندر لنگهي

مون پنهنجي من جي ڪوڙائپ اڳڙجندي چيو، ”توهان کي
خبر آهي ته مان ناجائز ٻار آهيان... ۽ ناجائز ٻار ڏانهن ڪنهنجو به
ڪو فرض تي نٿو سگهي... مان اِنسان ته آهيان ڪونه.....“
”مونکي خبر آهي ته تون ڪير آهين؟“ هن شخص چيو.
”.......... ۽ پوءِ به توهان مونکي پنهنجي گهر ۾ رهايو آهي.“
مون تعجب مان پڇيو، ”اوهان کي دنيا جو ڪوبه خوف نه ٿيو....
پنهنجي عزت جو خيال ڪونه آيو؟“
منهنجي غصي تي هو کلي رهيو هو. چيائين، ”تون هن وقت
بيحد دکي آهين.. تنهنجي ڊائري شاهد آهي ته دنيا توکي ڪيترو
ستايو آهي. انکري هت ٿورو آرام ڪر....“
مون چيو، ”مونکي ڪنهن جي به همدردي جي درڪار
ڪونهي.... ۽ نه ئي مونکي آرام جي ضرورت آهي...مان ته ترقي ترقي
جان ڏيڻ چاهيان ٿو. جيئن ماڻهو خوش ٿي سگهي، جيئن نانو چئي
سگهي ته پاپ دنيا مان نڪري ويو... مان پاپ آهيان......“
هن شخص مونکي ڀاڪر پائيندي چيو، ”پٽ، دنيا بدلجي
رهي آهي. هاڻي نئون زمانو اچڻو آهي جنهن ۾ صرف انسان هوندا،
نه اڇو نه ڪارو، نه امير، نه غريب، نه جائز نه ناجائز.. تون نئين زماني
جي نشاني آهين....“ سندس ڀاڪر ۾ پنهنجائپ هئي، مان لاجواب
ٿي ويس. اُتي ئي ڪجهه ياد ڪندي چيائين، ”تون بکيو هوندين،
اهو ته ڳالهائڻ ۾ ئي وسري ويو. ترس تو لاءِ ڪجهه کڻي اچان....“
خبر ناهي ته هو ڪڏهن ويو ۽ ڪڏهن موٽيو. مان صرف اِهو
سوچي رهيو هوس ته اڄ تائين ڪنهن به مونکي ’پٽ‘ ڪري نه پڪاريو
آهي ۽ هن اڻواقف شخص مونکي ’پٽ‘ ڪري سڏيو ! ڪيتري نه سڪ
آهي پروان ۾. مان سمجهي وينو هوس ته دنيا ۾ صرف ماڻهو ۽ ناني
جهڙا اِنسان هوندا. ليڪن نه، بديءَ سان گڏ نيڪي به آهي هن جهان
۾...... نفرت سان گڏ پيار به آهي.....
روٽي کائڻ بعد هن پڇيو، ”توکي پنهنجي پيءُ جي باري ۾
ڪا ڄاڻ ڪونهي ڇا؟“

بنڌن کي ڪڏهن بہ ٽوڙڻ جا همٿ رکن ٿا، سا شادي ٿي جائز، ليڪن
جا شادي زنجير ڪان بہ پختي پريم جي بنڌن مطابق ٿئي، جنهن کي
ڪوبہ ٽوڙي نہ سگهي، سا ٿي ناجائز. اُها شادي، جنهن جا شاهد ڪوڙ
۽ دوکيباز، جي چانديءَ جي جهنڪار تي پنهنجو ايمان بہ وڪڻي
ويهن سا ٿي جائز؛ ليڪن جا شادي جنهن جا شاهد چنڊ ۽ تارا جي آهن
سچا ۽ امر، سا شادي ٿي ناجائز!

مان برابر ان حساب سان ناجائز آهيان، ليڪن اِئين ڪڏهن
ڪنهن سوچيو آهي تہ مان پريم جي پئدائش آهيان. منهنجي ماءُ ۽
پيءُ وٽ دل هئي، هڪ ٻئي لاءِ پيار هو. اُهو پيار اڄ بہ مون ۾ سمايل
آهي. منهنجي خون جي هڪ هڪ قطري ۾ سندن سڪ پريل آهي.
منهنجي هڪ هڪ ساهہ ۾ سندن پريم جو سنگيت هلي رهيو آهي.
انڪري مان دنيا کي پيار ڏيئي سگهان ٿو. ليڪن دنيا مونکي ڇا ڏنو
آهي... نفرت، مصيبت، بک، بي روزگاري، بيماري. مان ڪم ڪرڻ
چاهيان ٿو، ليڪن نہ ٿو ملي، ڇاڪاڻ تہ مان ناجائز ٻار آهيان... تہ آخر
ڇا ڪريان.... ڪيڏانهن وڃان.....

۴ آگسٽ آگرو اڄ جڏهن اکيون کوليون تہ پاڻ کي هڪ نئين جڳهہ ۾
ڏٺم. عجب ۾ پئجي ويس تہ ڪالهہ تہ باغ جي هڪ بينچ
تي سمهيو هوس. سو هت پلنگہ تي ڪٿان اچي ويس. چوڏاري نهاري
ڏٺو. ڪمرو خوب سينگاريل هو ۽ ڪنهن امير ماڻهوءَ جو ٿي لڳو. ايتري
۾ وچولي عمر جو هڪ شخص پاڻ ڏانهن ايندو ڏٺم. پرسان اچي
پڇيائين، ”هاڻي طبعيت ڪيئن آهي؟“

ڪالهہ ڪان سماج ۽ سماج جي هر هڪ انسان لاءِ منهنجي من ۾
غصو پريل هو. ان ئي ڪوڙائڻ واري لحظي ۾ مون چيو، ”توهين ڪير
آهيو. منهنجو حال پڇڻ وارا....“

”ڇو؟“ هو ٿورو مشڪيو ۽ منهنجي مٿي تي هٿ رکندي چيو،
”هڪ انسان جو ڇا ٻي انسان لاءِ ڪوبہ فرض ڪونهي؟ تون ڪالهہ باغ
جي بينچ تي بيهوش سمهيو پيو هئين... مون توکي گهر آڻي پنهنجو
فرض پاليو آهي......“

رو اَچي ڳهتيو آهي جو ڏوري اچڻ ۾ دير ئي ڪونہ ٿي ٿئي.
ڊائريءَ جا وڌيڪ ورق خالي هئا. ڊاڪٽر ٿڌو ڇوڪارو ڀريندي
و، ”ڪهڙي نہ دردناڪ ڪهاڻي آهي هن مريض جي!“
ڊائريءَ جي وچ مان هڪ ڪاغذ هيٺ ڪري پيو جو ڊاڪٽر کڻي
و. ماسيءَ وٽان آيل چٺي هئي. لکيو هئائين: رام، مون توکي ڳهر
ڻ لاءِ چئي وڏي چوڪ ڪئي آهي، هاڻي ڪيترو نہ پڇتايان ٿي.تو
ي سواءِ مونکي جهٽ لاءِ بہ آرام ڪونهي. منهنجو تو ۾ ساهہ آهي،
ٽان سواءِ اصل رهي نہ سگهندس. انڪري جلد از جلد موٽي آءُ.
خط ۾ تو پنهنجي پيءُ واسطي پڇيو آهي. رام مون ڪيترائي
را چاهيو هوندو تہ توکي ساري حقيقت کان واقف ڪريان ليڪن اِهو
چي تہ متان تنهنجي ڪچڙيءَ دل کي نوڪر لڳي، مون توکي
جهہ بہ نہ ٻڌايو آهي. چڱو هاڻي بس.
اڄ کان ويهہ سال اڳ مايا ڳهر جي پرسان رهندڙ هڪ وديارٿيءَ
ي پنهنجو ديوتا سمجهي ويٺي. سندن شاديءَ جون ڳالهيون هليون،
ڪن چانديءَ جي ديوار کي ٽوڙڻ جي همت ڪونہ هئي. مايا ۽ موهن
ز ملندا هئا ۽ پنهنجيءَ ٽٽل قسمت کي ڳنڍڻ جي پيا تجويز
چيندا هئا. ليڪن سڀ بيڪار ويو. موهن ڊاڪٽري پڙهڻ لاءِ انگلنڊ
ليو ويو ۽ مايا اميد جي سهاري تڳنيدي رهي تہ هڪ ڏينهن موٽي
جي ڪيس اپنائيندو.
نون مهينن کان پوءِ بي صبر جوانيءَ پنهنجو ميوو ڏنو. ميوو تہ
امت رهيو ليڪن ٻوٽو ناس ٿي ويو. موهن ڇئن سالن کان پوءِ ڊاڪٽر
جي موٽيو ليڪن سندس مريض تہ هن دنيا ۾ هوئي ڪونہ. هوُ رنو ۽
سوس بہ ڪيائين، ليڪن ڇا ٿئي؟ نيٺ هن تنهنجي گُهر ڪئي،
ڪن مون سمجهايومانس تہ تنهنجو مون وٽ پلجڻ ئي نيڪ هو.
اڻي هوُ بئنگلور جي اسپتال ۾ سول سرجن آهي ۽ راڌا موهن جي نالي
ان سڏبو آهي... ليڪن رام.....
ڊاڪٽر چنيءَ کي وڌيڪ پڙهي نہ سگهيو.هن اُٿي ئي رڙ ڪري
رس کي سڏيو. ليڪن ڪوبہ جواب نہ آيو تہ هو تڪڙو ئي تڪڙو مريض

”نہ، ماسيءَ تہ ان بابت ڪڏهن ٻڌايو ئي ڪونهي.“ مون چيو
”تون ان کي ڳولهڻ جو ڪوشش ڇو نہ ٿو ڪرين؟“ هن پڇيو

”ان بابت تہ مون ڪڏهن سوچيو ئي ڪونهي.......“

”تون ان کي ڳولهي لهہ... تنهنجا سڀ ڏکہ دور ٿي ويندا...“

ايتري ۾ اندران سڏ ٿيو ۽ هو اندر هليو ويو. وڃڻ وقت چوندو ويو. ”تون ليٽي آرام ڪر.... سمجهہ تہ هي تنهنجوئي گهر آهي.“

هو مشڪل سان ئي ٻہ واري ڪمري ۾ پهتو هو جو سندس گهرواريءَ جو غصي ڀريل آواز ٻڌڻ ۾ آيو، ”توهان هي ڇا ڪيو آهي؟ ڪهڙي ٻار کي گهر ڪڻي آيا آهيو، جنهن کي ماءُ نہ پيءُ.. مونکي تہ ٻُرو سنسو ٿو پوي... جهڙي نموني ڪيس وٺي آيا آهيو اهڙي ئي نموني ڇڏيوس تہ گهر مان هليو وڃي.“

”پر بہ آهستي ڳالهاءِ، هوُ ٻڌندو تہ ڇا چوندو....“

”.... ٻڌندو تہ ڇا چوندو.. اسان جو ڪو مائٽ لڳي جو اسين سندس پرواهہ ڪريون.... مان نہ مان مئن تيرا مهمان....“

مون سوچيو مان آهيان ئي بدقسمت.... جتي ٿو وڃان اُتي گهڙيءَ جهڳڙو شروع ٿو ٿي وڃي. هن سڪي گهر ۾ خلل پيدا ٿئي ان کان اڳ ئي مان گهر کان نڪري آيس. ليڪن هن همدرد اِنسان مون کي رستو ڏيکاري ڇڏيو تہ مان پنهنجي پيءُ کي ضرور ڳولهي لهان. ان لاءِ مون اڄ ئي ماسيءَ کي خط لکيو آهي تہ مان پنهنجي پيءُ کي ڪٿي ڳولهيان.

١٤ آگسٽ اڄ ماسي وٽان خط مليو آهي، لکيو اٿائين تہ منهنجو پيءُ آگرو ' بئنگلور ۾ آهي ۽ وڏو ڊاڪٽر آهي. اڄ پهريون دفعو سچيءَ خوشيءَ جو احساس ٿيو آهي. ائين پيو سمجهان گويا پنهنجي پيءُ جي قدمن ۾ وينو آهيان ۽ هو هر هر مونکي چمي ڏيئي رهيو آهي، ”ايترا ڏينهن ڪٿي هئين پٽ؟ منهنجي مايا تہ جدا ٿي ويئي، ليڪن تون بہ جدا ٿي وينين.“ ڪڏهن ڪڏهن خيال ٿو اچي تہ ڪو مان سپنو تہ ڪونہ ڏسي رهيو آهيان جو پورو ئي نہ ٿئي. هيڏي لمبي مسافري مان ڪيئن ڪري سگهندس. ڳنڍ ۾ تہ پائي بہ ڪونهي ۽ مٿان بيماريءَ

”هوءَ نہ وسرندي“

موتي منهنجو گهرو دوست آهي. نالو تہ موتي اٿس ليڪن
ڪي ڪوئلي کان بہ ڇٽ. ويتر جو اٿس ڇهري تي ماتا جا گهرا داغ،
ن تہ ڪيس خوفائتو جانور بڻائي ڇڏيو آهي.

پهريون پهريون جڏهن منهنجي هن سان ملاقات ٿي تہ سندس
شڪل ڏسي، منهنجي من ۾ پهريون سوال اِهو ئي اُٿيو تہ اهڙي
دزيب ۽ بدشڪل شخص سان ڪهڙي ڇوڪري شادي ڪرڻ لاءِ تيار
ٿيندي؟ پوءِ جڏهن خبر پيئي تہ هو شادي ڪيل آهي تہ اعتبار ئي
ڪونہ ٿي آيو. ڇيم ڇوڪري بہ ڪا ضرور وڏ واري هوندي، لولي لنگڙي
هوندي يا تہ پڪ ئي پڪ هڪ اک کان ڪاڻي هوندي.

پوءِ جڏهن هڪ ڏينهن موتيءَ جي گهر وڃڻ ٿيو ۽ منهنجي
انيتا سان ملاقات ٿي تہ منهنجا طاق ئي لڳي ويا، مان وائڙو ٿي ويس.
انيتا رواجي طرح خوبصورت هجي ها تہ ايترو عجب ڪونہ لڳي ها.
ليڪن هوءَ تہ رواجي خوبصورتيءَ کان بہ گهڻو مٿي هئي. شاعراڻي
ٻوليءَ ۾ ڪيس ”چنڊ جو ٽڪر“ چئجي ها تہ بہ ساڻس پورو انصاف
نہ ٿي سگهي ها. جيڪڏهن مونکي ڪنهن گهاٽي جهنگل ۾ يا ڪنهن
آبشار جي پرسان ملي وڃي ها تہ مان پڪ ئي پڪ ڪيس آسمان مان لهي
آيل ڪا پرستان جي پري ڪري سمجهان ها!

ان وقت مونکي انيتا جي بدنصيبيءَ تي قياس تہ آيو ئي،
ليڪن سندس مائٽن تي بہ غصو اچڻ لڳو. هن مڙدن جي دنيا ۾ جڻ تہ
عورت جي ڪا قيمت ئي ڪونهي، جو جيئن وڻي تيئن عورت کي
ڪنهن بہ مڙد جي پنيان ٻڌي ڇڏن!

منهنجي دل اندر اُٿندڙ سوال موتي شايد تاڙي ويو مشڪندي
چيائين، ”تون شايد اِهو سوچيندو هوندين تہ منهنجي ۽ انيتا جي
شادي ڪيئن ٿي هوندي؟ بيِسٽ ۽ بيوٽيءَ جو ميلاپ ڪيئن ٿيو آهي؟
پلي ئي اسان جي رسمي شاديءَ کي ڪجهہ سال ٿيا آهن، ليڪن اسان
جي مقدر جو ميلاپ تہ اسان جي جنم وٺڻ کان اڳہ ئي ٿي چڪو هو!“

جي ڪمري ۾ لنگهي آيو ۽ مس برڊ ڏانهن منهن ڪري پڇيائين،
”...... مريض هاڻي ڪيئن آهي؟“

نرس ڊاڪٽر کي ايترو هراسيل ڏسي ڊڄي ويئي. هن هٻڪندي
چيو، ”سَرِ، مريض جو حال تہ نيڪ ڪونهي، ڪهڙي بہ وقت اينڊ اچي
سگهي ٿي.“

ڊاڪٽر گبهراهٽ ڀري آواز ۾ چيو، ”نہ... بلڪل نہ.........
مس برڊ ... مان هن مريض جو بد نصيب پيءُ آهيان... هيءُ منهنجو
ئي پٽ آهي.... هن کي ڪهڙي بہ طرح بچائڻو آهي.. تون جلدي
سيني ڊاڪٽرن کي سڏي اچ... تيستائين مان مريض سان گڏ بيٺو
آهيان.... جلدي ... بلڪل جلدي.......“

(نئين زندگي 1956)

✧✧✧✧

ندي چيو، ”پاڻ تہ اصل مڃيندو ڪونہ ، انڪري توهان ڪي تي
وان تہ هي وڪٽي ڪيس گرم سوٽ ۽ ڪوٽ ٺهرائي ڏيو. ڏسو ٿا نہ تہ
يتري نہ تڏ وڏي ويئي آهي.“ مان تہ دنگ رهجي ويس. موتيءَ جي
لي حالت ٺيڪ نہ هئي اِها تہ خبر هئي ليڪن ايتري سقيم هوندي
و انيتا ڪي پنهنجا سونا چوڙا لاهي ڏيڻا پون، سو منهنجي انومان ڪان
ي هو. خير، پاپي انيتا جو حڪم سمجهي هڪ ڏينهن موتيءَ ڪِي
ار وٺي ويس تہ هوُ چوڙين جي اُپت مان پنهنجي ڪوٽ سوٽ بجاءِ
يتا لاءِ سويٽر ۽ شال وٺڻ جو ضد ٻڌي بيهي رهيو. چيائين، ”مون ڪان
يڪ انيتا جيضرورت آهي. ڪجهہ ڏينهن ڪان ڪيس هلڪو
خار اچڻ شروع ٿيو آهي.“

هنن جي پوتر پيار اڳيان منهنجو ڪنڌ جهڪي ويو. ڪاش ! هر
ستري ۽ پرش جسماني خوبصورتي ۽ بدصورتيءَ کي پلائي هڪ ٻي سان
ترو ئي پيار ڪن جو هيءَ ڌرتي سرڳ بڻجي پوي !

جيئن پريات جي سهاڻي سمي ۾ ڪٿي زمين ڦاٽي پوڻ سبب
وش حواس گم ٿي وڃن، ائين ئي موتيءَ جي جيون ۾ هڪ زلزلو آيو
نهن اڳيان موتي تہ پهاڙ جيان اڏول رهيو، ليڪن مان جڻ تہ
نهنجو پاڻ مان بہ وشواس وڃائي وينس. هي سڀ ڪجهہ جيڪي مون
نهنجي اکين سان ڏٺو ۽ پنهنجي ڪنن سان ٻڌو، سو ڇا سڀ ڪوڙ
و؟ هڪ ڊونگ هو؟ دنيا ۾ آخر ڪهڙيءَ ڳالهہ تي اعتبار ڪجي؟

ڳالهہ هيئَن هئي تہ ڇئن پنجن ڏينهن ڪان موتي نہ مليو تہ
ان پاڻ ئي سندس گهر هليو ويس. ڪافي انڌيرو ٿي وڃڻ بعد بہ گهر
ي بتي نہ ٻرندو ڏسي سوچيم ڪيڏانهن گهمڻ ويا هوندا ۽ پڪ ڪرڻ
ءِ جان ڪٽي ڏسان تہ دروازو کليل پيو آهي. تعجب تہ لڳو ئي. سڏ بہ
يم مگر جواب ڪونہ آيو تہ اندر گهڙي ويس. منهنجي پيرن جي
هٽ ٻڌي موتي اُٿيو ۽ اچي بتي جلايائين. مون چيو، ”چو پائي، سويل
ي سمهي پيا آهيو ڇا؟ اُهو بہ ٺيڪ ليڪن، ٻاهر جو دروازو بند ڪرڻ
يئن پلجي ويا آهيو !“ منهنجي سوال جو جواب نہ ڏيئي موتي
رسان واري ڪرسيءَ تي ويهي رهيو ۽ مونکي ويهڻ لاءِ چيائين.

مان ڪجهه به نه سمجهي سگهڻ جي ڪري چپ رهيس. موتيءَ ڳالهه کي سُلجهائيندي چيو، ”انيتا جي ماءُ منهنجي ماءُ کي وچن ڏنو هو ته هڪ کي ڏيءَ ۽ ٻيءَ کي پٽ ڄائو ته ٻنهي جي پاڻ ۾ شادي ڪرائي ويندي جيئن سندن ساهيڙپ برقرار رهي سگهي.“ مونکي اجا به چپ ڏسي موتيءَ چيو، ”نه ته تون ئي ٻڌاءِ ڪهڙي ڇوڪري مون سان شادي ڪرڻ لاءِ تيار ٿئي ها؟“

مون ٺهڪ ڏيندي چيو، ”بدشڪل ڇوڪرا ڇا هميشه ڪنوارا ئي رهجي ويندا آهن.“

اُها رات مون ڪافي دير تائين اِهو سوچيندي گذاري ته روپ جي راڻي، انيتا موتيءَ جهڙو ڪروپ جيون ساٿي پائي ڇا خوش رهي سگهي ٿي؟ يا ڪيس دل سان پيار ڪري سگهي ٿي؟ مڃان ٿو ته پيار جو جسم سان ڪو لاڳاپو ڪونهي، ليڪن هيءَ ته اوچي درجي جي فلاسافي ٿي، هڪ رواجي انسان جي سمجهه کان گهڻو مٿي. رواجي انسان لاءِ ته نفس ئي پيار آهي ۽ هڪ خوبصورت جسم ئي پيار جي قابل. جي اِئين نه هجي ته ڪو ٺاهوڪو نوجوان ڇوڪرو ڪنهن ڪاري ڪلوٽيءَ ڇوڪريءَ سان خوشان خوشيءَ شادي ته ڪري ڏيکاري؟

جيئن جيئن منهنجو ميل ميلاپ موتيءَ سان وڌندو ويو ۽ سندس گهر اچڻ وڃڻ وڌيڪ ٿيڻ لڳو، تيئن تيئن مون کي محسوس ٿيڻ لڳو ته ان رات مون جيڪي سوچيو پئي سو سچ نه هو. انيتا ۽ موتيءَ جو هڪ ٻي سان سڪ پريو ۽ پيار وارو ورتاءُ حقيقت جو گواهه هو ته انيتا بيحد خوش هئي ۽ هن موتيءَ کي دل و جان سان چاهيو ٿي. موتيءَ ئي سندس جيون هو ۽ جيون جو سهارو!

هڪ ڏينهن سندن گهر ويس ته موتي اجا گهر ڪونه موٽيو هو. انيتا پاڻي اڪيلي هئي. موقعو ڏسي چيائين، ”گهڻن ڏينهن کان توهان کي هڪ ڪم چوڻ ٿي چاهيم....“

مون اُتساهه مان چيو، ”ڇئو نه ڪهڙو ڪم آهي؟ اِها به ڪا پڇڻ جي ڳالهه آهي.“

انيتا پنهنجي ٻانهن مان ٻه چوڙا لاهي منهنجي هٿن ۾

ڪندي آئي آهيان، ڊونگ ڪندي آئي آهيان، ان لاءِ تون مونکي
معاف ڪج. مان بلڪل ئي دوُر وڃي رهي آهيان. انڪري مونکي وري
حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪجانءِ، پلجي وڃجانءِ، سڀ ڳالهيون
هو سمجهي تہ هي سڀ هڪ کيل هو، هڪ سپنو هو.

خط پڙهي مان بہ ڪجهہ وقت لاءِ سناٽي ۾ اچي ويس. هي جو
مون بنهي بابت سوچيو هو، سو سڀ غلط هو؟ موتيءَ ۽ انيتا ۾ مون هڪ
درش پتيءَ ۽ پتنيءَ جو روپ ڏٺو هو، سو ڇا سڀ ڊونگ هو؟ اُف ...
ناري ايڏو دوکو ڪري سگهي ٿي؟

مون چيو، ”انيتا کي ڳولهڻ جي ڪائي ڪوشش ڪيئہ؟“

موتيءَ گنڀير آواز ۾ چيو، ”انيتا کي صرف پنهنجي استري
ڪري ڏٺو هجيم ها تہ هيئن هليو وڃڻ تي مون ۾ اُها مرداڻي
خودداري ضرور جاڳي ها، ليڪن مون تہ انيتا ۾ هڪ ديويءَ جو روپ
ڏسيو آهي ۽ ديويءَ جيان سندس پوڄا ڪئي آهي. ديوي تہ خودمختيار
آهي، ڪٿي بہ رهي سگهي ٿي.......“

مان پنهنجي ڪليل اکين سان هن عجيب انسان ڏانهن
نهاريندو رهيس جنهن هڪ بي وفا ۽ دغاباز عورت کي هڪ ديويءَ جو
آستان تي ڏنو. مون کي اِئين عجب ۾ نهاريندو ڏسي موتيءَ چيو،
”توکي اعتبار نہ ايندو پر مان سچ چئي رهيو آهيان. مون انيتا کي
ديويءَ جيان پوڄيو آهي. اُها جيڪڏهن رسي هلي ويئي تہ ضرور
منهنجيءَ پوڄا ۾ ڪا گهٽتائي هوندي، نہ تہ منهنجي پوڄا ڇو
ٺڪرائي هلي وڃي ها.“ موتيءَ جي هن بيهودي شرڌا تي منهنجو
اندر جلڻ لڳو، ليڪن مان چپ رهيس. ڪجهہ ڏينهن ڪان پوءِ خبر
ملي تہ موتي بنا ٻڌائڻ جي شهر ڇڏي هليو ويو ۽ مون وقت جي پرواهہ
۾ سڀ ڪجهہ وساري ڇڏيو.

ان ڳالهہ کي ٻہ عرصو گذري ويو ۽ مان ڊاڪٽري ڪورس پورو
ڪري، هِتان هُتان جون بدليون ڪائيندو هڪ ڳوٺاڻي سرڪاري اسپتال
۾ اچي پهتو آهيان. موتيءَ جي ڳالهہ دل تان بلڪل ميسارجي ويئي
آهي ۽ نہ وري ساڻس ملڻ جو ڪڏهن ڪو موقعو بڻيو آهي. البت ڪالهہ

مون پڇيو، ”ڇو طبعيت تہ ٺيڪ آهي نہ؟ ڪجھ ڳڀرايل ٿو نظر اچين.“

موتيءَ مشڪل جي اجائي ڪوشش ڪندي چيو، ”اهڙي تہ ڪا ڳالھ ڪونهي.“

”پاپي نظر ڪونہ ٿي اچي؟“ ائين چئي مان انيتا کي ڪوٺڻ لاءِ اندرين ڪمري طرف وڌيس تہ موتيءَ مونکي روڪيندي چيو، ”اندر ڪير بہ ڪونهي.....“

”ڇو، پاپيءَ کي ڪيڏانهن موڪلي ڏنئہ ڇا؟“ مون ڪلندي پڇيو.

”... هوءَ تہ خود ئي هلي ويئي...“ موتي هيٺ نهاريندي چيو.

”خود ئي هلي ويئيءَ جو ڇا مطلب؟ ڪيڏانهن؟ ڇو؟؟“ مون هڪ ئي وقت سڀ سوال ڪري وڌا.

”ان جي تہ مونکي ڄاڻ ڪونهي....“ ۽ ميز تان هڪ ڪاغذ جو ٽڪر کڻي منهنجي هٿن ۾ ڏيندي چيائين، ”تون خود ئي پڙهہ.“

ڪاغذ جو ٽڪر انيتا جو لکيل خط هو، جنهن ۾ لکيو هئائين: منهنجي هلي وڃڻ تي ڏک تہ ضرور ٿيندو، ليڪن مون لاءِ ان کان سواءِ ٻيو ڪوبہ چارو بہ ڪونهي. شادي ڪئي هيترا سال گذري ويا آهن، ليڪن هر وقت مان پاڻ کي ان شهزاديءَ وانگر پيئي محسوس ڪندي آهيان، جنهن کي ڪنهن ڪاري راڪاس پنهنجي قيد ۾ بند ڪري رکيو هجي. اڄ آخر اُهو شهزادو اچي ويو جنهن جو مونکي سالن کان انتظار هو. مان اڄ اُن سان گڏ دور وڃي رهي آهيان. مون کي توسان پوري همدردي آهي، پر مان بہ ڇا ڪريان، آخر تہ هڪ عورت آهيان ۽ اِهي سڀ احساس مون ۾ موجود آهن جي هڪ عورت ۾ هئڻ گهرجن. هيترو سارو وقت خبر ناهي مون ڪيئن دل تي پٿر رکي گذاريو آهي. جڏهن جڏهن اندر واري بغاوت ڪرڻ جي ڪوشش پئي ڪئي آهي، تڏهن تڏهن ماءُ جي سمجهاڻيءَ ۽ ڀارتي استريپڻي جي مريادا اچي مون کي روڪي رکيو هو. ليڪن اڄ مان پاڻ کي آزاد سمجهي رهي آهيان ۽ ڪو بہ مونکي روڪي نہ ٿو سگهي. اڄ تائين مان توسان دغا

انهن نهاريندي چيو، ’توهان کي گهڻو وقت اڳ سوچڻ گهربو هو...‘
هن تڏو ساهه پريندي چيو، ”ڊاڪٽر صاحب، علاج ۾ ڪابه
ڪوتاهي ڪانه ڪئي اٿم. تعجب صرف ان ڳالهه جو ٿو لڳي ته جڏهن
ٿن کان به بدتر مريض هاڻوڪين دوائن سان بلڪل نيڪ ٺا ٿي وڃن ته
وءِ اُهي ئي دوائون هن تي ڇو ڪونه ٿيون اثر ڪن.“
انيتا جي ڪجهه ڪنگهه ڊري ٿي هئي. هٿ سان پنهنجي
رسان ويهڻ جو اشارو ڪندي چيائين، ”مان شايد هن گهڙيءَ لاءِ ئي
جيئري رهي آهيان.“مون ڪيس روڪڻ جي ڪا به ڪوشش ڪونه ڪئي.
ن وري چيو، ”توهان سڀ ائين ئي سمجهي ويٺا هوندا ته مان
وتيءَ سان دغا ڪري پڇي آيس.. ليڪن سچ ڇا آهي.... “ سهڪي
سبب انيتا ٿورو وقت چپ رهي چيو، ”....ليڪن سچ اِهو آهي ته هي
لهه جو روڳ مونکي ان وقت به هو پر ڏيکاريندي اِئين هئس ڄڻ ته
ون کي ڪجهه به ڪونه هو. متان موتيءَ جي دل کي صدمو پهچي ان
وءَ کان ڳالهه لڪائيندي رهيس.“
هڪ دفعو وري انيتا کي ڪنگهه جو دؤرو پيو. پاڻس اُٿاري ڪيس
اڻي پياريو. ٿورو وقت چپ رهي هن وري چيو، ’موتيءَ جو مون سان
بيحد پيار هو، اِهو مان ڄاڻان ٿي، مون به ڪيس اوترو ئي پيار ٿي
ڪيو. اهڙو پتي پائي مون هميشهه پاڻ کي ڀاڳوان سمجهيو هو. پوءِ به
يس ڇڏي آيس ان جا به ڪارڻ هئا.. هڪ ته هيءَ بيماريءَ ڪڏهن نه
ڪڏهن ظاهر ٿي پوي ها تڏهن موتي جي دل کي زبردست ٺيس
هچي ها ۽ منهنجي پيار جي صدقي هو پنهنجو سڀ ڪجهه لُٽائي
ڇڏي ها ۽ ڪنگال ٿي پوي ها... منهنجي ڪري هن جو سڀ سک چئن
ختم ٿي وڃي ها، جو مان ڪڏهن به سهن نه ڪري سگهان ها... ۽ ٻيو
ڪارڻ اِهو هو ته ساڻس گڏ رهندي ڀڳوان نه ڪري سندس دشمن کي
ڪجهه ٿي پوي ها ته مان ڪٿان جي به نه رهان ها... بس، ان ڪري
ي هلي آيس ۽ خط ۾ ڪوڙ لکي ڪوشش ڪئي جئن سندس من ۾ مون
ءِ نفرت جاڳي ۽ مون کي دوکيباز ۽ دغاباز سمجهي وساري ڇڏي...“
ڳاتار ڪنگهه سبب انيتا وڌيڪ ڪجهه چئي نه سگهي. مان پاڻس کي

واري واقع پراڻيون ڳالهيون ياد ڪرڻ لاءِ مجبور ڪيو آهي ۽ سوچيان ٿو ته زندگي آخر هڪ راز ڇو آهي؟

ڪالهه رات جا ٻه لڳا هوندا جو ڪنهن اچي دروازو کٽڪٽايو ۽ مون کي ننڊ مان جاڳايو. ”ڊاڪٽر صاحب، پيڻ جي حالت ڏاڍي خراب آهي، گڏجي هلو ته ڏاڍي مهرباني.“ ڊاڪٽري فرض اڳيان انڪار نه ڪري سگهيس ۽ بنان ڪنهن دير جي مريض وٽ پهچي ويس. مريض انيتا هوندي، اِهو ته ڪڏهن مان خواب ۾ به ڪونه ٿي سوچي سگهيس. الائي ڇو ڪيس ڏسي اکين ۾ ڇڻ نفرت پرجي آئي. اُها انيتا جنهن کي پنهنجي جوانيءَ تي هيڏو ايمان هو، جنهن سبب هوءَ موتيءَ جهڙي شريف انسان کي ٺڪرائي هلي ويئي؛ اُها ساڳي انيتا اڄ سلهه جو شڪار ٿي جيون جا پويان پساهه ڪٽي رهي هئي. جواني ته بس هڏن جو پڃرو وڃي بچي هئي ۽ سونهن سفيد چمڙيءَ کان سواءِ ٻيو ڇا هو؟ اُهي مڌ ڀريون اکيون ڪيڏانهن ويون ۽ ڪيڏانهن ويا اُهي سدا مرڪندڙ چپ؟ ڪٿي هئا اُهي گلابي ڳل؟

مون کي سڃاڻڻ ۾ هن بلڪل ئي غلطي ڪونه ڪئي. جيهڻي آواز ۾ چيائين، ”ڪير... ڪشور......“

مون ڪنڌ لوڏي ها ڪئي ۽ تپاسڻ لاءِ هيٺ جهڪيس ٿي جو انيتا مونکي روڪيندي چيو، ”مون کي تپاسي ڇا ڪندين، توکي ته منهنجي مرض جي پوري جاڻ آهي.“

”توکي هيئن ڳالهائڻ نه گهرجي... توکي آرام جي سخت ضرورت آهي....“ مون ڪيس هدايت ڪندي چيو.

”نه ڪشور بابو........ منهنجو علاج ته هاڻي بس هڪ موت ئي آهي... اڳي موت کان خوف ٿيندو هو، ليڪن تنهنجي ملي وڃڻ سان اُهو خوف به هاڻي ڪونه بچيو آهي.. هاڻي بچي به مان ڇا ڪندس......“

انيتا ڪجهه وڌيڪ چوڻ جي ڪوشش ڪئي پر ڪنگهه ڪيس ڳالهائڻ نه ڏنو. ان وچ ۾ مون سندس پوري تپاس ڪري ورتي. ٻئي ڦڦڙ ختم ٿي چڪا هئا ۽ بچڻ جي خير ڪا اميد هئي. مون سندس پيرَ

ڪنهن سني ڊاڪٽر کان علاج ڪرائڻ جي صلاح ڏيئي هليو آيس.


ٻئي ڏينهن صبوح جو انيتا جي گهر پهتس ته پاڻس روئندو اچي منهنجي ڳلي سان لپٽيو. چيائين، ''ڊاڪٽر صاحب، انيتا کي هاڻي ڪنهن به علاج جي ضرورت ناهي... انيتا......''

۽ مان هڪ ٿڌو ساهه کڻي چپ ٿي ويس.

هاڻي جڏهن جڏهن به انيتا جي ياد ايندي آهي ته شرڌا کان منهنجو ڪنڌ ازخود جهڪي ويندو آهي. هيءَ اُها ئي عورت آهي جنهن کي مون ڪنهن وقت دغاباز سمجهيو هو.... ڪيڏي نه ساڻس بي اِنصافي ڪئي هئي....!

(نئين زندگي- جنوري 1960)

✧✧✧✧



ليکڪ جي باري ۾

نالو : **گوپ گولاڻي**

جنم جي تاريخ : 12 مارچ 1935

جنم استان : ڳوٺ : بنگلديرو
ضلع لاڙڪاڻو (سنڌ)

تعليم : بي.اي. ايل.ايل.بي

نوڪري : جنرل مئنيجر (رٽائر 1995)
پنجاب نئشنل بئنڪ، نيو دهلي

ادبي سفر : سنياسي (ناول) 2010
جي لِڪايا گيت تو (نظم) 2011
تو نہ سچاتو (ڪهاڻي سنگرهہ) 2012
وڻن جهليا ٻوُر (هائيڪو) 2013
شايد سچ هجي 2013
(ڪهاڻين جو مجموعو)

پتو : پلاٽ نمبر : FH 202، سڪيم نمبر 54،
وجيہ نگر، اندور (ايم.پي.) 452010

فون : 0731-2556620

موبائيل : 093290 20556